# سنڌ جي طبي تاريخ

جلد ٻيو



حڪيم نياز حسن هُمايوني

# سنڌ جي طبي تاريخ

(جلد ٻيو)

مصنف

حڪيم نياز حسن همايوني

سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄامشورو سنڌ

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌ سائنس سوسائٽي
وٽ محفوظ آهن.

ڇاپو پهريون
ڪاپيون تعداد هڪ هزار
سال ١٩٧٦ع

قيمت 15.00 رپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپيندڙ: حيدري پرنٽنگ پريس، لجپت روڊ، حيدرآباد سنڌ.
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ، اسوشيئيٽ سيڪريٽري،
سنڌ سائنس سوسائٽي، ڄامشورو.

# فهرست

## باب ڇهريون: سومرن جو دور


| | |
|---|---|
| ١- سومرن جو دور | ٤٧٩ |
| ٢- غزنوي گهراڻو | ٤٧٩ |
| ٣- سومرن جي حڪومت | ٤٨٠ |
| ٤- سومرن جي دور ۾ طب | ٤٨١ |
| ٥- ناميارا ويد | ٤٨٥ |
| ٦- پاري نگر جون پاٺشالائون | ٤٨٥ |
| ٧- طبي اهڃاڻ | ٤٨٦ |
| ٨- پرمار خاندان | ٤٩٠ |
| ٩- ويد لولم راج | ٤٩١ |
| ١٠- مهاويد ياؤ مشر | ٤٩٨ |
| ١١- خلجي حڪومت | ٤٩٩ |
| ١٢- عهد علائي جا طبيب | ٤٩٨ |
| ١٣- تغلق دور | ٤٩٩ |

١٤- فيروزشاهي طبيب ٥٠٣

## باب پيو: سمن جو دور.

١- سمن جو دور ٥٠٧
٢- ٺٽي جو عروج ٥٠٧
٣- ٺٽي جا درسگاهه ٥٠٨
٤- بکر ۽ سيوهڻ ٥٠٨
٥- ملتان ۽ گجرات ٥٠٩
٦- ابن بطوطه سنڌ ۾ ٥١٠
٧- سلطان مظفر شاهه ٥١٠
٨- حڪيم شهاب الدين ٥١١
٩- شفاء محمودي ٥١٢
١٠- دافع الامراض ٥١٣
١١- ارغون ۽ ترخان ٥١٦
١٢- مغل دور ٥١٩
١٣- عالم ۽ حڪيم ٥٢٥

## باب ٽيون: ڪلهوڙن جي حڪومت.

١- ڪلهوڙن جو خاندان ٥٣٥
٢- ڪلهوڙن جي حڪومت ٥٣٦
٣- فن تعمير ۽ تجارتي سرگرميون ٥٣٧
٤- علم ادب جو عروج ٥٣٩

٥- موسيقي جو فروغ ٥٣٩

٦- ڏارين چون ڪاهون ٥۴٠

٧- ڪلهوڙن جي دور ۾ طب ٥۴١

٨- عالم ۽ طبيب ٥۴٢


## باب چوٿون: ٽالپورن جي حڪومت:


١- ٽالپورن جو سنڌ سان تعلق ٥٦٣

٢- سياسي صورتحال ٥٦٣

٣- ملڪ جي آبادي ٥٦٥

۴- واپار ٥٦٦

٥- علم ادب ٥٦٧

٦- طب ٥٦٧

٧- طبي عالم ٥٦٩

٨- طبي شائقن جا نالا ٥٨٦

٩- قلمي ڪتابن جي فهرست ٥٩١


## باب پنجون: انگريزن جو ورود.


١- انگريزن جي حڪومت ٦٠٣

٢- تهذيب ۽ تعليم ٦٠۴

٣- ديسي ۽ ولايتي طب ٦٠۴

۴- عالم ۽ حڪيم ٦٠٩

٥- مشهور خاندان ٦٨١

٦- اهل خور هستيون ٤٠٣
٧- قلمي ڪتاب ٤١٣
٨- ڇپيل ڪتاب ۽ رسالا ٤١٧


## باب ڇهون: ورهاڱي ڪان پوء


١- ورهاڱي ڪان پوء ٤٢٥
٢- تهذيب، ثقافت ٤٢٥
٣- سرڪاري طب ٤٢٨
٤- خانگي طب ٤٢٨
٥- طب جا تعليمي ادارا ٤٢٩
٦- دواساز ادارا ٤٣٠
٧- طبي رجسٽريشن بل ٤٣٢
٨- طب جو مستقبل ٤٥٧
٩- اختتام ٤٦١

# ٻــــ اکــــر

سنڌ سائنس سوسائٽي جو هڪ اهم ۽ مکيه مقصد سنڌي زبان کي سائنسي مواد سان مالا مال ڪرڻ آهي. هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سوسائٽيءَ ٻه مکيه ذريعا استعمال ڪيا آهن: هڪ سنڌي زبان ۾ ڪل پاڪستان بنيادن تي سنڌيءَ ۾ سائنس ڪانفرنس جو انعقاد ۽ ٻيو سائنسي موضوعن تي سنڌي زبان ۾ ڪتاب ڇپرائڻ. اسان جي لاءِ اها نهايت خوشي ۽ فخر جي ڳالهه آهي، ته ڇهن سالن جي مختصر عرصي ۾ هن سوسائٽيءَ پنهنجي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٽي ڪل پاڪستان سائنس ڪانفرنسون نهايت ڪاميابيءَ سان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ منعقد ڪيون آهن ۽ عام فهم سائنسي موضوعن تي ڇهه ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن کي اسان جي پڙهندڙن ڪافي ساراهيو ۽ پسند ڪيو آهي. ٻيا به ڪيترا ڪتاب ڇپائيءَ ۾ آهن جي جلد شايع ڪيا ويندا.

نياز همايونيءَ جو هي ڪتاب جيڪو اسان هن جلدن ۾ پيش ڪري رهيا آهيون، سو موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان بلڪل منفرد آهي ۽ سنڌي زبان ۾ طب جي تاريخ تي هي پهريون ڪتاب آهي.

نياز همايوني ڪنهن به تعارف جو محتاج نہ آهي.
جناب ڊاڪٽر علي محمد انصاري جو سنڌ سائنس سوسائٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ پڻ آهي ان جو پيغام هن سلسلي ۾ نهايت واضح آهي. نياز همايوني هڪ سلو طبع ۽ چاتل مڃاتل شاعر آهي ۽ هن ڪان اڳ به ڪافي ڪتاب لکي چڪو آهي. پڪ آهي تہ سندس هيءَ ڪوشش، جنهن کي اسان علمي جامو پهرايو آهي، پڙهندڙن کي پسند ايندي ۽ هن کي ايندڙ اشاعتن لاءِ وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ هر قسم جي صحتمند تنقيد ۽ مشورن کي ليکڪ ۽ اسان شڪريي سان قبول ڪنداسين.

- ڊاڪٽر ايس. ايم. قريشي
(پرو وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي انجنيرنگ ڪئمپس)
جنرل سيڪريٽري
سنڌ سائنس سوسائٽي

# سومرن جو دور

١- سومرن جو دور ٢- غزنوي گهراڻو ٣- سومرن جي حڪومت ٤- سومرن جي دور ۾ طب ٥- ناميارا ويد ٦- پاري نگر جون پاٺشالائون ٧- طبي آهڃاڻ ٨- پرمار خاندان ٩- ويد لولم راج ١٠- مهاويد پاؤمشر ١١- خلجي حڪومت ١٢- عهد علائي جا طبيب ١٣- تغلق دور ١٤- فيروز شاهي طبيب.

# سومرن جو دور

تاريخي شهادتن مطابق بنو اميہ جي عهد خلافت کان پوءِ بنو عباس جي نائبن سنڌ ۽ ملتان جي حڪومت تي تسلط ڄمايو، هارون ۽ مامون جي دور ۾ سنڌ کان علاوه هند جا به ڪيئي پرڳڻا انهن جي تحويل ۾ هئا. عباسي خليفن جي نائبن جي حڪومت جو دور القادربالله جي زماني ۾ ختم ٿيو.

۴۱۶ هه ۾ سلطان محمود پنهنجي دارالسلطنت غزني مان هند تي فتح ڪرڻ لاءِ ملتان پهتو. اچ ۽ ملتان تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ القادر بالله جي نائبن کي تڙي ڪڍيائين. ساڳئي وقت پنهنجي وزير عبدالرزاق کي فوجي ڪمڪ ڏئي سنڌ جي هٿ ڪرڻ لاءِ مامور ڪيائين هو ۴۱۷ هه ڌاري سنڌ ۾ آيو ۽ بکر تي قابض ٿي سيوهڻ ۽ ٺٽي ڏانهن وڌيو ۽ جتي ڪٿي عربن کي ماري ڀڄائي پنهنجا پير پختا ڪندو ويو.

## غزنوي گهراڻو:

۴۲۱ هه ۾ سلطان محمود جي انتقال کان پوءِ سندس پٽ سلطان مسعود غزني جي تخت تي ويٺو ۽ پيءُ جي قبضي وارا ملڪ هند توڙي سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ رکيائين. غزنوي گهراڻي جي انهي بادشاهت جو سلسلو ملڪ خسرو تائين هلندو آيو. آخرڪار ۵۸۳ هه ۾ غياث‌الدين غوري لاهور تي اچي قابض ٿيو جنهن ملڪ خسرو کي گرفتار ڪري غزني موڪليو پوءِ جڏهن غزنوي بادشاهن جي سموري اولاد غورين جي هٿ آئي ته انهن سڀني کي مارائي آرام سان حڪومت ڪرڻ لڳا.

ڪيئي نمونا رائج هئا جئن البيروني لکي ٿو ته سنڌ ۾ مالواڙي ۽ سئنڌو رسم الخط رائج هئي.(۱)

۲- محترم مولائي شيدائي جي روايت آهي ته سومرن جي ابتدائي دور ۾ جڏهن سنڌ غزنوي گهرائي جي باجگذار هئي، هڪ دفعي سلطان مسعود بيمار ٿي پيو ڪيترن حڪيمن سندس علاج ڪيو پر ڪيس ڪابه شفا حاصل نه ٿي آخر سلطان مايوس ٿي موت جو انتظار ڪرڻ لڳو. اها خبر جڏهن سنڌ جي هڪ سومري حاڪم کي پئي ته هن قاصد موڪلي سلطان کي پنهنجي علاج جي لاءِ آڇ ڪئي. سلطان اڳيئي حياتيءَ تان آسرو پلي ويٺو هيو تنهن وٽ جڏهن علاج لاءِ پيغام پهتو ته هڪدم پنهنجو خاص ماڻهون موڪلي سومري حاڪم کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين جنهن پنهنجي علاج وسيلي سلطان کي تندرست ڪري ڇڏيو.

علاج شروع ٿيڻ کان اڳ سلطان جي ماڻهن کيس اهو وهم دل ۾ ويهاريو ته هن وقت سنڌ اسان جي ڍل پريندڙ آهي ۽ اسان ان تي حڪمران آهيون، ٿي سگهي ٿو ته اهو سومرو حاڪم علاج جي بهاني توکي زهر ڏئي وجهي انڪري اڳوات سندس امتحان وٺڻ ضروري آهي. سلطان اها صلاح قبول ڪئي. جڏهن سومرو حاڪم هن جي دربار ۾ آيو ته سلطان پنهنجي بيماريءَ بابت ڪانئس ڪي سوال پڇيا جنهن سندس نبض ڏسي ڪيس سر بستي حقيقت پڌائي ته اها بيماري ڪينءَ ۽ ڪڏهن پيدا ٿي ان جا اصلي اسباب ڪهڙا هئا. سلطان کي اهي سڀئي ڳالهيون دل سان لڳيون نيٺ پوري تسلي سان پنهنجو علاج شروع ڪرايائين.

---

(۱) مضمون جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا ماهوار نئين زندگي ڪراچي. سپٽمبر ۱۹۶۸ع.

سومرن جي دور ۾ هتي اچا اسلام پوري اوج تي نہ آيو هيو انڪري طب جي تربيت ۽ ٻي تعليم جو انتظام مندرن ۾ هندو ئي آيو جن کي خود عربن تحفظ ڏنو هيو جنهن بيان ڏيل آهي تہ:

حجاج جي زماني ۾ غير مسلمن سان سختيون ٿينديون هيون عمر بن عبدالعزيز جڏهن دمشق جي تخت تي ويٺو تہ سلطنت جي عاملن کي هيئيون فرمان موڪليائين، غير مسلمن جي جان مال ۽ مذهبي عمارتن (مندرن) جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ سندن مذهب ۾ ڪنهن بہ قسم جي مداخلت نہ ٿيڻ کپي (۱) عربن جي اها رواداري بدستور هلندي ٿي آئي جنهن جي طفيل مندر ۽ انهن ۾ محفوظ رکيل علمي ۽ طبي ڪتاب توڙي پنڊت ۽ ويد بلڪل سلامت رهندا پئي آيا ليڪن جڏهن محمود غزنوي جو دور آيو تہ ان جي دست برد کان جتي مندر برباد ٿي ويا اتي پنڊت ۽ ويد بہ ڏهڪاءُ ۾ اچي ملڪ ڇڏي هليا ويا جنهن البيروني لکيو آهي تہ:

محمد بن قاسم جي حملي کان پوءِ هند سنڌ جي اصلي باشندن سان ترڪن جي زماني تائين ڪوبہ ڪابل ۽ سنڌو ندي کان اڳتي ڪونہ وڌيو ليڪن جڏهن ساسانين جي دور ۾ ترڪ غزني جا بادشاهہ ٿيا ۽ ناصرالدين سبڪتگين سلطنت جو نائب ٿيو تہ هن لاهي پاهي جنگ کي پنهنجو پيشو بڻائي غازيءَ جو لقب اختيار ڪيو ۽ پاڻ کان پوءِ اپندڙن لاءِ هند سنڌ کي ڪمزور ڪرڻ جي نيت سان اهڙا پير کنيائين جو محمود غزنوي سانده ٽيهن ورهين تائين سندس پوئواري ڪندو رهيو ۽ هند سنڌ تاراج ٿيندي رهي.

محمود پنهنجي لاڳيتن حملن سان هند سنڌ جي سرسبز

(۱) جنت سنڌ مولائي شيدائي.

ساموندي بندر هئڻ ڪري پاري نگر جو ڏورانهن ڏيهن سان واپار هلندو تي آيو ۽ هتي جا ماڻهو شاهوڪار هوندا هئا.

هن شهر ۾ عاليشان پاٺ شالائون (درسگاهون) هيون جتي علم جو پرچار هلندو ٿي رهيو ۽ گُرُ برهمڻ (استاد) جي عزت ڪئي ويندي هئي.

هتي جا حاڪم، پرمار تمام بهادر هوندا هئا، لڙائين ۾ وچڻ وقت جوتشين کان صلاح ورتي ويندي هئي. پاري نگر جي ناس ٿيڻ کانپوءِ پارڪر ۾ چڻني پاسن طوائف الملوڪي جو دور هليو، دهلي ۽ گجرات جي پاسي کان وقت بوقت ڪاهون ٿينديون رهيون. علم جي لهر پاري نگر تائين محدود رهي ان کانپوءِ علم جو نالو نشان باقي نه رهيو.

پاري نگر، پوڏيسر ۽ گوڙيءَ جي ڏهرن تي جيڪو چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي تنهن تي غور ڪرڻ سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هتي به وڏا چترڪار ۽ فنڪار موجود هئا.(۱)

## طبي اهڃاڻ:

هن پاسي طب بابت جيڪي ڇڙو ڇڙ اهڃاڻ ملن ٿا تن جو ذڪر هيٺين ريت آهي.

۱ـ پاري نگر جي هڪ راجا جو پٽ سڌ ونت پرم شاهه نالي شاهوڪار جي ڌيءَ سارنگا تي عاشق هيو انهيءَ ڇوڪري جي اجين جي هڪ شاهوڪاري گهر ۾ شادي ٿي، ڄڃ جي رواني ٿيڻ کان اڳ سارنگا پنهنجي محبوب سڌ ونت کي چوائي موڪليو ته آءٌ وات تي گوندري ديوي واري مندر ۾

---

(۱) پراڻو پارڪر، منگهارام اوجها، ص ۳۱ ۽ ۴۲.

توسان اڇي ملندس. انهي نيابي تي هو سنڌر ۾ وڃي سارنگا جو انتظام ڪرڻ لڳو هن وٽ ٻه قسمن جون گوريون ننڍ ۽ سڄاڳيءَ لاءِ موجود هيون. جڏهن انتظار ڪندي ٿڪجي پيو ته پنل وچان سڄاڳيءَ جي گوريءَ بدران ننڊ واري گوري کائي ڇڏيائين جنهن ڪري محبوب جي ملاقات کان محروم ٿي ويو.

٢- نگرپارڪر جي پرسان سووڻ چارڻ ۽ رويچي نالي ٻه گهرا دوست رهندا هئا. سووڻ چارڻ روز صبح جو ٻاڪ ڦٽڻ کان اڳ رويچيءَ جي اوناري ۾ وڃي سائس رهاڻ ڪندو هيو هڪ ڏينهن سندس ڙال ستي قول جي ٻانهن ۾ سور ٿي پيو ۽ رويچي ان لاءِ سور جي هٽائڻ واري ول گهوٽي رهيو هيو ته مٿان سج چڙهي آيو ۽ هو دستور مطابق سووڻ چارڻ وٽ نه وڃي سگهيو جنهن تي سووڻ چارڻ در تي اچي ڪيس ڏوراپو ڏنو ته رويچي ڪهڙي پڻيائي پرڻيو آهين جا مئي کان پوءِ تنهنجي لاءِ ڏاڪهه چڙهندي جنهن جي محبت ۾ توکي اوناري ۾ اچڻ جي به فرصت نه ملي آهي.

٣- پوڏيسر جي جبل ۾ الک واؤ نالي هڪ لڪل کوهه آهي. چون ٿا ته راڻو چندن جڏهن ڪوڙهه جي بيماري ۾ مبتلا هيو تڏهن ڪنهن فقير جي ڏس تي سندس ساٿي وير گويل الک واو مان پاڻي آڻي کيس غسل ڪرايو ته راڻو چندن ڪوڙهه جي مرض مان شفاياب ٿي ويو.

٤- انچليشور (نگرپارڪر جي پرسان) مهاديو جو آستان مشهور آهي هتي به پاڻي جو چشمو هيو جنهن کي عقيدت وچان پوتر (پاڪ) سمجهيو ٿي ويو انهي چشمي جو پاڻي پڻ بيمارين جي شفا لاءِ ڪتب ايندو هيو.

٥- ڪارونجهر جي جبل مان، گگر، ماڪي مختلف

پلي ڏي پوندي آخر انهيءَ اپاءَ سان ان جي مٿي جو سور لهي ويو.(۱)

۹- جادوئي علاج: ان زماني ۾ ڪي گوسائين به عام هوندا هئا، جيڪي مختلف طريقن سان ماڻهن جا علاج ڪندا ٿي رهيا، جيئن مهاشيه ليلور چنداڻي لکي ٿو ته (مهراڻ ۴-۶۷) سنڌ ۾ گوسائين نالي هڪ جاتي رهندي هئي، جا اڪثر پيٽن ۽ برهمڻ جي ڪل مان هئي. اهي گوسائين ٽوڻن ڦيڻن وسيلي ماڻهن جو علاج ڪندا هئا. انهن مان گورک ناٿ ۽ مڇندر ناٿ مشهور ٿي گذريا آهن.

۱۰- دوائي علاج: راڻي چندن ڪان جڏهن راڄ پاڳ هٿن مان هليو ويو ته هو پنهنجي زال ۽ ٻن پٽن سميت جهنگ ڏانهن راهي ٿيو، جتي رلندي ڀٽڪندي هن جا ٻئي پٽ ڪانئس وڇڙي ويا اهي ٻئي نيغگر رات جو هڪ وڻ هيٺ وڃي ستا هڪڙي نيغگر کي نانگ ڏنگي ويو ۽ ٻيو ان کي مئل سمجهي هليو ويو. اتفاق سان ڪو جوڳي اچي اتان لنگهيو، جنهن نانگ ڏنگيل نيغگر کي هڪ جڙي ٻوٽي جي علاج سان چڱو ڀلو ڪيو.

۱۱- جوتش: هڪ راڻيءَ لاءِ مشهور آهي، ته هو جڏهن به اندر ٻاهر ويندو هيو ته سندس گهر واري برهمڻ کان ان جو احوال دريافت ڪندي هئي ۽ هو راڻيءَ جي سچي روئداد ان کي اکين سان ڏيکاريندو هيو. هن باري ۾ ٻي روايت آهي، ته ٿرپارڪر جي راڻي چندن جيسلمير جي راجا جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي، جڏهن به راڻو چندن ڪيڏانهن ويندو هيو ته هوءَ هڪڙي جوتش جي ماهر برهمڻ کان پڇا ڪرائيندي هئي، ته راڻو هن وقت ڪهڙي حال ۾ آهي ۽ ڇا پيو ڪري؟

(۱) پراڻو پارڪر

برهمڻ ڪيس پڌائيندو هو، نه راٺو هن وقت فلاڻي هنڌ فلاڻو ڪم ڪري رهيو آهي. برهمڻ جون اهي ڳالهيون بلڪل سچيون نڪرنديون هيون.(١)

جيئن مٿي ٻڌايو ويو ته سومرن جي دور ۾ سنڌ اندر اچا اسلام پوري عروج تي نه آيو هو، نه وري عربي زبان کي اهڙي وسعت ملي هئي، تنهنڪري هتي اهي ئي پراڻا طبي طريقا رائج هئا، جيڪي صدين کان هلندا پئي آيا. اهڙي حالت ۾ سنڌ، هند کان جدا هوندي به مذهبي وحدت جي ڪري، ٻنهي علائقن جي رهاڪن جا پاڻ ۾ تهذيبي تورڙي علمي ۽ تمدني رشتا بدستور قائم هيا ۽ انهن جو سنڌ تي ڪافي اثر هيو.

## پرمار خاندان:

سومرن جي اصل خاندان پرمار جا حاڪم جن جي اجين ۾ حڪومت هئي، علم ادب جي لحاظ کان سنسڪرت ادبيات ۾ وڏي شهرت رکندڙ هئا، انهن مان راجا منج (٩٩٥ع) ۽ راجا ڀڄ (١٠٦٠ع) قابلِ تعريف آهن.

راجا منج پنهنجي علم ادب ۽ فصاحت بلاغت ۾ مشهور هيو. هن نه فقط اديبن، عالمن جي سرپرستي پئي ڪئي، پر پاڻ به وڏو شاعر هيو.

هن جو ڀائٽيو راجا ڀوج جنهن چاليهه ورهيه حڪومت هلائي، پنهنجي چاچي جيئان علم ادب جو سرپرست ۽ مصنف هيو. علم هيئت، فن تعمير، علم عروض ۽ ٻي هر قسم جي علم فن ۾ وڏي شهرت جو مالڪ هيو. هن سرسوتي نالي هڪ مندر ۾ سنسڪرت جو درسگاهه قائم ڪرايو هيو.

(١) پراڻو پارڪر منگهارام اوجها، سنڌي ادبي بورڊ.

## ويد لولم راج:

راجا ڀوڄ جي دربار ۾ لولم راج نالي هڪ راج ويد هيو، جنهن جي علمي ادبي ۽ فني قابليت جي گهڻي هاڪ هوندي هئي. هي سنسڪرت جو وڏو شاعر ۽ باڪمال موسيقيدان هيو. سندس قدرداني ڪندي راجا ڀوڄ کيس وڏي مان مرتبي سان پاڻ وٽ رهائي ڪانئس ڪيئي ڪتاب تصنيف ڪرايا هئا، جن مان طب تي قلمبند ڪيل هن جي مشهور تصنيف ويد جيون (منظوم) اڃا تائين اهم لکي وڃي ٿي. انهيءَ دلچسپ ۽ طويل نظم جا ڪي بند هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ هو پنهنجي پياري زال ليلاوتي سان مخاطب ٿيندي، شاعرائي انداز ۾ علاج جا طريقا بيان ڪري ٿو.

۱- مهاويدن، (سشرت، چرڪ ۽ واگڀيٽ) انسان ذات تي ڪهل ڪري، بيمارين جي ٻاري ۾ جيڪي علاج بيان ڪيا آهن، تن مان چونڊ نسخا پيش ڪيا وڃن ٿا.

۲- اصلي ويد اهو آهي، جنهن باقاعدي ويدڪ جي تعليم ورتي هجي، جنهن جي هٿ ۾ شفا هجي، هو مرض جي سڃاڻپ ڪري سگهي. هن کي ڪابه لالچ نه هجي، رحمدلي ۽ بردباري سندس ذاتي هجي.

۳- اي نازڪ اندام ليلاوتي!

ڏيان ڏئي ٻڌ، ته بخار واري کي ٻهريان برداشت مطابق بک ڪيڻ کپي، پوءِ ڏيال، ڏاڻا، ننڍي وڏي ڪانڊيري، سنڍ هرهڪ ۲ تولا، پاڻيءَ جي سورهن حصن ۾ ڪاڙهي، چوٿائي بچڻ تي

لاهي ڇاتي نيم گرم ٿي وڃي، ته مريض کي پيار جي.

۴- پيشانيءَ تي مشڪ مليندڙ نو ورني!
صرف پٽ پاپڙن جو ڪاڙهو به صفراوي بخار لاءِ عجيب شيءِ آهي.

۵- صندل جو ٻورو، پد ماک، ڌاڻا، گلو، نم جو چوڻو ڪاڙهي پيار جي ته صفراوي ۽ بلغمي بخار پياس، سوزش توڙي نڙيءَ جي خارش ۾ آرام اچي وڃي ٿو.

۶- او راڳ جي رسيلي، منڙي ۽ محبوبڙي!
اچو صندل، ڪافور ۽ سڳنڌ بالا پاڻيءَ ۾ گهوني بدن تي ملڻ سان بخار جي سوزش هٽي وڃي ٿي.

۷- صفراوي بخار ۾ ڪنهن به عرق، شربت جي کهڙي ضرورت آهي. جڏهن پنهنجي محبوبڙي جي منڙن چپن جو آبحيات تمام جلد بخار کي دفع ڪري ٿو.

۸- صفراوي بخار واري کي دير سان اثر ڪرڻ واريون دوائون نه ڏجن، ڇاڪاڻ ته اهي زود اثر نه هئڻ ڪري، تڪليف جو باعث بڻجن ٿيون.

۹- مون کي هي ٻه ڳالهيون حيرت ۾ وجهن ٿيون ته ڪنڪيءَ جو ڪاڙهو وات جي ڪرڙاڻ وڃائي ٿو ۽ ڪنول گل جهڙين ڇاتين واري زال جڏهن پنهنجي ڇاتين ۾ سور محسوس ڪري ته ان جي استعمال سان خوش ٿي وڃي ٿي.

۱۰- او مست هاٿيءَ جي چال واري حسينه!
ڪيڏانهن پئي وڃين ڳالهه ته ٻڌ.
ڳاڙهو گهه، سينڌو لوڻ، ترنج جي ڳر ملائي
چٽڻ سان غذا جي اشتها بيدار ٿئي ٿي.

۱۱- ترنج يا ڏاڙهون جا داڻا لوڻ ۾ ملائي کائڻ
سان غذا جي خواهش اٿين سجاڳ ٿئي ٿي،
جيئن تنهنجي ملڻ جي تمنا دل ۾ بيدار
ٿيندي آهي.

۱۲- او محبوبڙي! تنهنجي عجيب اکڙين کي ڏسي
ڪنول به شرمائجي ٿو وڃي. سرسامي بخار جي
لهي وڃڻ کان پوءِ ڪن جي پاڙ ۾ سخت قسم
جو ورم پيدا ٿيندو آهي، ان جو چورڻ وسيلي
علاج ڪرڻ کپي.

۱۳- او هرڻي جي اکڙين واري!
ڳاڙهو صندل، ڏاڻا، سنڍ، وارون، پيريون،
ناگرموٿ، ڪاڙهي، ماکي ۽ مصري ملائي
پيارجي ته واري جو تپ لهي ويندو.

۱۴- او چوڏهين جي چنڊ جهڙي!
آگست ٻوٽي جا تازا پن ٺهي انهن جي رس
ڪڍي، نڪ ۾ سڙڪڻ سان به واري جو تپ
دور ٿي وڃي ٿو.

۱۵- پنهنجي مٺڙي ٻول سان امرت جي سواد کي
مات ڪرڻ واري!
سنڍ، گلو، آورا، ناگرموٿ، ڪانڊيري جي پاڙ
جو ڪاڙهو، ماکي ملائي پيئڻ جي ڦڪي

ڳڏائي پيارجي تپ لرزي جو بخار لهي ويندو.

١٦- چنبيليءَ جي گلن سان ڳتيل چوٽيءَ واري!
پرول، ڪٽڪي، مٺي ڪاني وڏي هريڙ جي
ڪل، ناگرموٿ جو ڪاڙهو بلغمي بخار ۾
فائديمند آهي.

١٧- او سوني ڪلس جهڙين ڇاتين واري!
ٽيج ڪاني (ڪاري) ماکيءَ ۾ ملائي ڏجي ته
ڏڪڻيءَ وارو تپ هٽي ٿو وڃي.

١٨- حسينائن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ ليلاوتي!
گلو، آورن، ناگرموٿ جي ڪاڙهي ۾ ماکي
ملائي پيارجي ته ٻه لرزي وارو تپ لهي
وڃي ٿو.

١٩- سونهري ول وانگي چمڪندڙ جسم واري!
سنڍ، گل ڏاوا، سوچرس، اجمود جي ڦڪي،
لسيءَ ۾ ملائي، پيٽ سان دست هڪدم بند
ٿي وڃن ٿا.

٢٠- پان کائي پنهنجي مٺڙي گفتار سان دل موهڻ
واري!
سروالي ڪارن دستن کي بند ڪندڙ ۽ هاضمو
وڌائيندڙ آهي.

٢١- مرجان جهڙن ڇپن ۽ هٿن پيرن واري پدمڻي!
ڪڙاڇال، ناگرموٿ، بيلگري، اتيس نيتر بالا
جو ڪاڙهو سوري ٻاھ ۾ آرام پهچائي ٿو.

۲۲- او ڪينهون جهڙن ڏڪن واري!
ڏاڙهون جي ڪل، ڪڙاچال جو ڪاڙهو ماکي ملائي، پيارڻ سان رت جا دست بيهجي وڃن ٿا.

۲۳- جواهرات سان پنهنجي سيني کي سينگارڻ واري!
چانورن جي آٽريل پاڻيءَ ۾ اڇو صندل گهي، ماکي ۽ مصري ملائي پيارجي ته خون جي خرابي، پياس ۽ گهٻراهٽ هٽي وڃي ٿي.

۲۴- ڪارن مرچن جي ڦڪي ماکي ۽ مصري ملائي کڻ آڻجي ته دمڪشي ۽ کنگهه جي تڪليف کان ماڻهو بي فڪر رهي ٿو.

۲۵- ليلاوتي سوال ڪيو:
منهنجي جيءَ جان جا مالڪ!
منهنجي پياري ساهيڙي ڪندرپ ليلا جيڪا مون کي ڏاڍي پياري آهي. کنگهه جي آزار ۾ مبتلا رهي ٿي. پلائي ڪري، ان لاءِ ته ڪو ڏس ڏيو.

ويدراج ورائيو:
اي چڪوريءَ جي اکڙين واري!
پنهنجي ساهيڙيءَ کي سنڌ، پپلا مول، پپريون، پهيڙا ڪُٽي ماکيءَ ۾ گڏي چٽاءِ ته آرام اچي ويندس.

۲۶- او سنهري چيلهه واري!
ادرڪ جي رس ۾ ماکي ملائي چٽائڻ سان کنگهه، دمڪشي ۽ ٻيون بلغمي بيماريون دفع ٿين ٿيون.

٢٧- او لليلٽي (پيار جو نالو) دش سول جي ڪاڙهي يا سنڌ جي جوشاندي ۾ ارنڊي جو تيل ملائي ضرور پيئڻ گهرجي، ان ڪان ڇيلهه، ڪُک ۽ گديءا (مقعد) جي ريحي سور ۾ آرام اچي وڃي ٿو.

٢٨- ليلاوتي ڪان ڪنهن ناريءَ پڇيو تہ: 'اي ويد جي محبوبڙي تنهنجو راڄ ويد سهانجڙي کي ڇالاءِ ايڏو ساراهي ٿو.'
ليلاوتيءَ وراڻيو تہ سهانجڙي جي تازن پنن جي رس ماکيءَ ۾ ملائي اکين ۾ وڌي وڃي تہ اکين جي علاج لاءِ ڪنهن بي دوا جي حاجت نہ رهندي.

٢٩- اي منهنجي همدم ۽ همراز ليلاوتي!
سونا مکي ماکيءَ ۾ ملائي اکين ۾ وڌي وڃي تہ اکين جو ڦلو لهي وڃي ٿو.

٣٠- دل کي ديوانو ڪندڙ نازنين!
ڦلو، اڙوسي جا پن، چراتو، ڪڙڪي نرڳنڊو گلو جو ڪاڙهو ماکي ملائي پيارڻ سان يرقان بلڪل دور ٿي ويندو آهي.

٣١- او نيل ڪنول جهڙن نيڻن واري!
ڪتڪ ڦل جي رس ڪيڏي نڪ ۾ سڙڪڻ سان جيڪڏهن يرقان ۾ فائدو ٿئي تہ اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي.(١)

---

(١) اصل مضمون سنسڪرت ڏان اردو ۾ ترجمو ڏيل، سري نارائڻ شرما، ڇپيل ماهوار الحڪيم ١٩٢٦ع کان ١٩٢٧ع لاهور.

## ڀهاوِيد ڀاؤمشر:

لولم راج کان پوءِ ١٥٥٠ع ۾ ڀاؤمشر نالي مشهور آيور ويدي عالم ۽ مصنف ٿي گذريو آهي. هن جي رهائش بنارس ۾ هئي، جتي عظيم الشان تاريخي درسگاهه صدين کان جاري رهندو ٿي آيو. طب جي تعليم ۽ توسيع لاءِ هن تمام گهڻي محنت ۽ وڏي خدمت ڪئي هئي، هن وٽ چار سؤ شاگرد موجود هوندا هئا.

ڀاؤ مشر جي مشهور تصنيف ڀاؤ پرڪاش آهي، جنهن ۾ جڙين ٻوٽين ۽ ٻين اڪسيري دوائن سان گڏ سشرت سنگهتا جي طرز تي تشريحي مسئلا پڻ واضح ڪيل آهن.

ڀاؤ پرڪاش ۾ ٻين خوبين کان علاوه اها خصوصيت پڻ آهي تہ ان جي مصنف ڀاؤمشر پاڻ کان اڳ ٿي گذريل ويدڪ مشاهير جي علمي ۽ عملي تحقيقات جا سمورا معالجاتي ۽ مجرباتي نڪتا ۽ بيان نهايت خوش اسلوبي ۽ سهل پسنديءَ سان ترتيب ڏنا آهن.(١)

---

## خلجي حڪومت:

هي ارڪلي خان خلج جي اولاد ۽ چنگيز خان جي خاندان مان هئا. پهريان محمود غزنوي جي فوج ۾ ڀرتي ٿيا، پوءِ غورين جي دور ۾ ترقي ڪري فوجي طاقت وسيلي بادشاهت هٿ ڪيائون. اهڙيءَ طرح ٦٨٩هه-١٢٩٠ع کان ٧٢٠هه-١٣٢١ع تائين هند تي حڪمران رهيا. انهن مان علاؤالدين خلجي ٦٩٥هه-١٢٩٥ع کان ٧١٥هه-١٣١٥ع تائين هند سنڌ تي حڪومت ڪئي هن جي ڀاران ملڪ نصرت خان سنڌ جو نائب مقرر ٿيل هيو.(٢)

طب جي تاريخ ۾ڏائي ٿي تہ تيرهين صدي عيسوي ۾

(١) تاريخ الاطباء (٢) جنت سنڌ، مولائي شيدائي ص ٢٧٨.

بغداد جي زوال کان پوءِ عربي جا طبي علوم بن پاسن ڏانهن رخ ڪرڻ لڳا هڪ طرف اهي مصر، ٽيونس، الجزائر ۽ سسلي جي رستي يورپ ۾ داخل ٿيندا ويا ۽ ٻي پاسي ايران ۽ ان جيآسپاس جي راهه کان هند سنڌ ڏانهن رجوع ٿيڻ لڳا. هند سنڌ ڏانهن طب جي ورود جا ٽي ذريعا هئا: هڪ عرب ۽ ايران جي تاجرن جو هتي اچڻ، ٻيو مسلمان فاتحن جون لاڳيتيون چڙهايون ۽ ٽيون اهي مسلم طبيب جيڪي وقت بوقت پنهنجا وطن ڇڏي اچي رهڻ لڳا.

عربي طب جيڪا هند سنڌ ۽ يونان وغيره جو اثر قبول ڪري رازي جي ذهانت ۽ بو علي سينا جي فراست جي قالب ۾ اچي ڪنهن حد تائين اسلامي طب جو عنوان حاصل ڪري چڪي هئي يوناني طب سان منسوب ٿي وري هند ڏانهن ورڻ لڳي ۽ هتان جي ٿي ٿي وئي.

هن سلسلي جو پهريون سفير ابوريحان البيروني (۱۰۴۸ع) هيو جيڪو محمود غزنوي جي زماني ۾ هتي آيو ان کان پوءِ جڏهن علاؤالدين خلجي جو دور آيو ته باقاعدي طب جي تعليم جو آغاز ٿيو ۽ ڪيئي طبي عالم پيدا ٿيا.

مغلن جي منظم حڪومت جي تاريخ ۾ طب عربي ۽ طب هندي (آيور ويدڪ) جي آميزش جي ڪيفيت نمودار ٿي. انهيءَ دور ۾ الناس علي دين ملوڪهم چوائي مسلمان بادشاهن جي واضع ڪيل طب يوناني سرڪاري طب جي حيثيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندي وئي جنهن کي صحيح نموني ديسي طب چئجي ٿو.(۱)

## عهد علائي جا طبيب:

مشهور مورخ ضياءالدين برني لکي ٿو ته علاءالدين خلجي

(۱) طب العرب حڪيم نير واسطي ص ۵۱۲.

واري دور ۾ هندستان اندر اهڙا ماهر طبيب موجود هئا جيڪي بيمارين جي تشخيص توڙي تجويز جي لحاظ کان بقراط ۽ جالينوس کان وڌيڪ اهم ليکيا ٿي ويا.

١- مولانا بدرالدين دمشقي، عهد علائي جو نامور طبيب جنهن وٽان ڪيئي عالم طب جي تعليم اچي وٺندا هئا. هي نبض ڏسڻ سان هر مرض جو سبب ۽ علاج معلوم ڪري وٺندو هيو خاص ڪري تشخيص ۾ سندس ثاني ئي ڪونه هيو.

٢- مولانا حميد مطرز جيڪو طب جو وڏو عالم هيو. قانون ۽ قانوچه توڙي ٻين طبي ڪتابن جي مطالب جي اهڙي تشريح بيان ڪندو هيو جو سندس شاگرد دم بخود ٿي ويندا هئا. هي طبي عالم تصوف ۾ به يڪتا هيو.

٣- مولانا صدرالدين ۽ سندس والد مولانا حسام الدين. ٻئي پيءُ پٽ طب جي علم ۽ فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. مولانا صدرالدين لاءِ چيو ويجي ٿو ته هي باطن جو صاحب هيو ۽ پهرين ئي نظر ۾ مرض سڃاڻي مريض جي مزاج جي درستي ۽ خرابي جو اندازو لڳائي ويندو هيو.

٤- يمني طبيب اعزالدين ۽ علم الدين ديني عالم ۽ طب ۾ وڏي ڪماليت جا مالڪ هئا هنن جا علمي ۽ عملي ڪارناما لامحدود لکيل آهن.

د- فاضل برني انهن سان گڏ ڪيترن هندي طبيبن ناگورين برهمڻن ۽ جاتن جو ذڪر به ڪيو آهي، جيڪي آيور ويدڪ جي طريقي علاج ۾ ماهر هئا خاص ڪري مهه چندر طبيب ۽ جاجا (معالج ۽ جراح) جي وڏي هاڪ هئي.(١)

## تغلق دور:

خلجين کان پوءِ تغلق سلطانن ٧٢٠ هه - ١٣٢١ع کان

(١) تاريخ فيروز شاهي ضياءُالدين برني ص ٣٢٣.

٨٠٢هه - ١٣٩٩ع تائين دهلي تي حڪومت هلائي. هي اصل تاتاري هئا. هنن مغلن سان وڏيون چڪريون ڏنيون آخرڪار سڄي هند سنڌ تي قابض ٿي ويا. تنهن زماني ۾ سومرن جو سنڌ جي لاڙ واري حصي ساموئي تي راڄ هيو.(١)

سلطان محمد تغلق (٧٢٥-٧٥٢هه) دهلي ۾ ستر شفاخانا قائم ڪرايا هئا جن ۾ بارهن سؤ طبيبن کي ملازم رکيو ويو هيو. هي بادشاهه پاڻ به طب ۾ ماهر بيان ڪيو وڃي ٿو.

محمد تغلق کان پوءِ سلطان فيروز انهن شفاخانن ۾ اضافو ڪيو اهو سلسلو جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو جيئن تاريخ رشيدالدين خاني ۾ لکيل آهي ته سلطان فيروز تخت تي ويهڻ کان پوءِ ٽيهن مدرسن، پنجهن شهرن هڪ سؤ نهرين ۽ هڪ سؤ شفاخانن جي جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هيو.

انهن شفاخانن مان هڪ وڏو شفاخانو به ذڪر ٿيل آهي جنهن ۾ امير غريب ۽ هندو مسلمان کي مفت دوائون ڏنيون وينديون هيون. سلطان فيروز خود پنهنجي سوانح حيات ۾ انهي شفاخاني بابت لکي ٿو ته:

مون خدا جي مهرباني سان هڪ شفاخانو قائم ڪيو آهي جنهن ۾ امير ۽ غريب جو هڪجهڙو علاج ڪيو وڃي ٿو. هتي تشخيص علاج ۽ غذا توڙي دوا جي لاءِ هر وقت ماهر طبيب موجود رهن ٿا ۽ سمورو خرچ شاهي اوقاف مان پورو ڪيو وڃي ٿو.(٢)

بادشاهه پاران طبيبن کي تاڪيد ڪيل هيو ته جڏهن به ڪو مريض علاج لاءِ وٽن اچي ته ان جي مرض جي تشخيص ڪري سندس علاج لاءِ جان دل سان ڪوشش ڪئي وڃي ۽

(١) جنت سنڌ، مولائي شيدائي ص ٢٨٨.
(٢) تاريخ فرشته ص ٣٨٥.

مختلف بيمارين جي تدارڪ لاءِ مريضن کي اهڙي قسم جون دوائون ڏنيون وينديون هيون جنهن سان اهي چڱيءَ طرح ساڻ شفاياب ٿين.(١)

محترم مولائي شيدائي لکيو آهي ته انهي زماني ۾ سيوهڻ اندر به وڏي پيماني تي هڪ مدرسو جاري ٿيل هيو، انهي مدرسي ۾ ابن بطوطه به ڪي ڏينهن گذاريا هئا.(٢)

فيروز شاهه تغلق ملڪ تي جيڪي مختلف چڙهايون ڪيون تن مان نگرڪوٽ (ڪانگڙي) واري تاريخي مندر مان کيس خزانن کان علاوه سنسڪرت جا ٽيرهن سؤ ڪتاب پڻ هٿ آيا هئا جن مان ڪيترن ڪتابن جو پاڻ ترجمو ڪرايو هئائين. انهن ۾ طب ۽ نجوم تي به ڪيئي ڪتاب هئا جن جو فارسي ۾ ترجمو ٿيو هيو.(٣)

فيروز شاهي دور ۾ طب فيروز شاهي نالي طبي تصنيف جو ذڪر ٿيل آهي ليڪن اهو ڪتاب ڪٿي به دستياب ناهي. انهيءَ زماني جي ٻي طبي تاليف مجموعه ضيائي ملي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

محمد تغلق پنهنجي حڪومت جي شروعاتي دور ۾ دهلي بدران ديوگڙهه کي پنهنجي دارالحڪومت لاءِ منتخب ڪيو جنهن لاءِ ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته دهلي مان ديوگڙهه هليا وڃن. انهي حڪم کان پوءِ ماڻهن جا قافلا دڪن ڏانهن روانا ٿيا حالت اها ٿي جو گهڻي مسافت جي ڪري ڪيئي ماڻهو رستي ۾ موت جو شڪار ٿي ويا باقي جيڪي بچيا اهي ڏڪار ۽ بيمارين جي مصيبت ۾ اچي ويا

انهي دور جو مورخ ضياءُ محمد مسعود زنگي عرف مبارڪباد پنهنجي ڪتاب مجموعه ضيائي جي ديباچي ۾ لکي

---

(١) تاريخ فيروز شاهي عفيف ص ٢۴۴.

(٢) جنت سنڌ. مولائي شيدائي ص ٢٧٨.

(٣) رسائل شبلي، شبلي نعماني ص ١٦۴-١٦٥.

ٿو تہ آءٌ پاڻ ڪيترين بيمارين ۾ مبتلا رهيس ڪيئي طبيب منهنجو علاج ڪندا رهيا پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو آخر هڪ رات خواجہ شمس الدين مستوفي کي خواب ۾ ڏٺم جنهن پنهنجي ڪتاب مجموعہ شمسي ڏانهن اشارو ڪري مونکي چيو تہ ان مان پنهنجي مرض جو علاج تلاش ڪر ۽ جڏهن صحتياب ٿي وڃين طب جو علم سکي ماڻهن جي خدمت ڪجانءِ. مون ان جي هدايت تي عمل ڪيو ۽ طبي ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ پنهنجو ڪتاب مجموعہ ضيائي ترتيب ڏنم.

انهي ڪتاب جي ترتيب وقت مؤلف جيڪي طبي ڪتاب پنهنجي مطالعي هيٺ آندا تن جا نالا هي آهن:

١- قانون شيخ بو علي سينا. ٢- جالينوس جو هڪ ڪتاب. ٣- ڪامل الصناعہ علي ابن عباس. ٤- ذخيره خوارزم شاهي اسماعيل جرجاني. ٥- مجموع الملڪي. ٦- شفاءالملوڪ. ٧- مقاصدالابدان ٨- بستان العطارين ٩- صحت علائي ١٠- مخزن الشفاومعدن الغنا ١١- مجموعہ شمسي (هي ڪتاب هند جي ڪتابن جو فارسي ترجمو آهي) ١٢- طب گيلاني. ١٣- مجموعہ محمدي. ١٤- سر مڪنون. ١٥- نڪتة الاصول في فوائدالخيول ١٦- زهرة الزواهر في معدن الجواهر. ١٧- نزهت الغنا. ١٨- حديقتہ الشبان. ١٩- منافع الناس. ٢٠- ڪتاب سلطان سنجر ملڪ شاه.

هنن ڪتابن جي مطالعي مان اهين ٿو معلوم ٿئي تہ انهن تان استفادو ڪندڙ (ضياءٔ محمد) عربي، فارسي ۽ سنسڪرت زبانن کان واقف هيو پيو هي نہ يوناني، عربي طب جڏهن هندستان ۾ پهتي تہ انهيءَ ۾ ڪيئي اضافا ٿي چڪا هئا، جنهن جو سبب هتان جي آب هوا ۽ هتان جي باشندن جي مزاج جو لحاظ هيو. انهيءَ جي ئي بنياد تي آيورويدڪ طب جو هن فراخدلي سان مطالعو ڪري انهي جون خوبيون پنهنجي

ڪتاب (مجموعہ ضيائي) ۾ شامل ڪيون ۽ ماڻهن جي علاج سان گڏ حيوانن جي علاج ڏانهن بہ توجهہ ڏنائين. هن ڪتاب جو ڇائيتاليهون باب جانورن جي علاج بابت آهي.

جراحيات ۽ دستڪاري طب جا ضروري حصا هئا، جن جو بيان ساڳئي ڪتاب جي چاليهين باب ۾ ڏنل آهي. ڌاتن کي ڀسم ڪرڻ ۽ ڪشتن کي بيمارين دفع ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ جو جيڪو عام رجحان هيو، تنهن لاءِ اڪيتاليهين باب ۾ ناگارجن ۽ ٻين ويدن، سنياسين جي ڪتابن مان پاري، سون، چاندي ۽ ٽامي وغيره ڌاتن کي مارڻ ۽ انهن کي بيمارين ۾ استعمال ڪرڻ جي طريقن تي بحث ڪيو ويو آهي.

جيئن تہ ماڻهن کي طلسمات، علم تسخير ۽ علم نجوم سان بہ دلچسپي هئي، ان ڪري ٻائيتاليهين باب ۾ انهن جو بيان آهي. هند کان ٻاهر لکيل ڪتابن کي ڇڏي هتي لکيل ڪتابن جي مطالعي مان ان دور جي ابتدائي طب بابت مفيد معلومات حاصل ٿئي ٿي.

ڪتاب جي ديباچي ۾ ڄاڻايل آهي تہ مؤلف طبي ڪتابن ۾ لکيل دوائن جي اصل اوزان ۽ ترڪيب استعمال کي جئن جو تئن برقرار رکيو آهي، جا ڳالهہ هتان جي ماڻهن جي سمجهہ ۽ چاڻ مطابق هئي. ان ۾ ڪنهن قسم جي ڦيرگهير نہ ڪئي وئي آهي.

هن ڪتاب جا ڪل پنجيتاليهہ باب آهن ۽ هي ۷۳۰ هہ ڌاري محمد بن تغلق جي زماني ۾ لکيو ويو هيو.(۱)

## فيروز شاهي طبيب:

۱- الياس بن شهاب الدين مصنف راحت الانسان ۷۸۲هہ.

هي فيروز شاهه تغلق جو درباري طبيب هيو ۽ پنهنجو لکيل ڪتاب فيروز شاهه ڏانهن منسوب ڪيو هئائين. هن ڪتاب ۾ (۱) يوناني ۽ هندي نسخن کان علاوه تعويذ ٽوٽڪا ڦيٽا، طلسم ۽ نقش درج ٿيل آهن. (۲) هر مرض جو علاج ان جون علامتون ۽ علاج جا آسان ۽ آزمايل نسخا ڏنل آهن. (۳) اڪثر عربي فارسي لفظن جون معنائون هندي ۽ سنڌي ۾ لکيون ويون آهن جهڙوڪ: دهڪ (ڏڪو) ڪانجي، پهلم (ڦلو) فلفل (پلپل) ڪڪرهه (ڪڪرو) ناس، روڳ وغيره.

# سمن جو دور

۱- سمن جو دور ۲- ننڍي جو عروج ۳- ننڍي جا درسگاهه ۴- بکر ۽ سيوهڻ ۵- ملتان ۽ گجرات ۶- ابن بطوطه سنڌ ۾ ۷- سلطان مظفر شاهه ۸- حڪيم شهاب الدين ۹- شفاء محمودي ۱۰- ۱۱- دافع الامراض ۱۲- ارغون ۽ ترخان ۱۳- مغل دور ۱۴- عالم ۽ حڪيم.

# سمن جو دور

سومرن کان پوءِ سنڌ تي ٧٥٢هه-١٣٥١ع کان ٩٢٣هه-١٥١٩ع تائين سمن جي حڪومت قائم رهي. اهي ڪڏهن دهليءَ جي سلطنت جا ماتحت رهيا ۽ ڪڏهن خود مختار ٿي حڪومت هلايائون.

سنڌ جي سمن جي ڪڇ جي سمن سان برادري هئي جڏهن سومرن رعايا تي ظلم شروع ڪيا ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سمن سان به زيادتيون ٿيڻ لڳيون. سومرا دهليءَ جي لشڪر کان ڪافي ڪمزور ٿي چڪا هئا ويتر عياشين هنن کي ڀنتي رهائي ڇڏيو، آخرڪار سومرن جي پوئين حاڪم همير کي سمن شڪست ڏني سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي پوءِ سنڌ جا باقي رهيل علائقا ڌارين جي تسلط کان آزاد ڪري پوري سنڌ تي حڪومت هلائڻ لڳا سندن اوائلي تخت گاهه ٺٽي جي ڀرسان سما نگر هيو. ڄام تماچي جي دور ٧٦٢هه ۾ سلطان فيروز شاهه تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪئي پر ناڪام ٿي گجرات ڏانهن هليو ويو نيٺ شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني جي وچ ۾ پوڻ تي سمن جو تغلق سان ناهه ٿيو.

## ٺٽي جو عروج:

سن ٨٩٦هه — ١٤٩٠ع ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو گاديءَ تي ويٺو جو نهايت دينداد، عالم ۽ شاعر حاڪم ٿي گذريو آهي. هن جي ڏينهن ۾ سنڌ هر طرح آزاد ۽ رعيت تمام خوشحال هئي. سياحن ۽ واپارين کي هر قسم جون سهولتيون مليل هيون.

چام نظام ساموٽي کان ٽي ميل پري هڪڙي ڪشادي ميدان تي ٺٽي جو بنياد رکيو ۽ سن ٩٠٠هه ۾ ان کي پنهنجو تخت گاهه بڻايائين. ٿوري وقت کان پوءِ هي شهر پنهنجي علم ۽ هنر جي ڪري ايشيا جي صنعتي ۽ تجارتي شهرن مان شمار ٿيڻ لڳو. ڄام ننڍي جي علم پروري جي هاڪ ٻڌي ايران ۽ خراسان کان ڪيترا عالم ٺٽي ۾ اچي رهڻ لڳا ۽ هن شهر کي هڪ بين الاقوامي دارالعلوم جي حيثيت ملي وئي. محترم مولائي شيدائي ان دور جي واڪاڻ ڪندي ٺٽي بابت وڏيڪ لکي ٿو تہ:

ڄام نظام نجومين کان ساعت پڇي ٺٽي جو بنياد رکيو هيو. هن شهر ديني بزرگن ۽ علم دوست بادشاهن بدولت وڏو عروج حاصل ڪيو. هتي واپار، صنعت ۽ علم حڪمت جي ايتري قدر ترقي ٿي جو دنيا جا علوم فنون هن ئي شهر ۾ اچي گڏ ٿيا.

## ٺٽي جا درسگاهہ:

اڳ سنڌ ۾ اسلام جي سادي طريقي موجب مسجدن ۾ ئي مدرسا قائم ڪيل هئا مگر سمن جي زماني ۾ مدرسن لاءِ الڳ عمارتون مخصوص ڪيون ويون جن ۾ وڏا عالم تعليم جو سلسلو جاري ڪري چڪا هئا. انهن مدرسن جو تعداد روز بروز وڌندو ويو آخر اهي مدرسا وڏن درسگاهن جي صورت ۾ اڀندا ويا ۽ انهن جو تعداد هزارن تائين وڃي پهتو، بخارا، سمرقند ۽ هرات جي علمي مجلسن جي پڄاڻي کان پوءِ سنڌ جي دارلخلافہ ٺٽي، اسلامي دنيا اندر دارالعلوم جي حيثيت اختيار ڪئي.

### بکر ۽ سيوهڻ:

تنهن زماني ۾ ٺٽي کان علاوه بکر، سيوهڻ ۽ ڪاهان

۾ تعليمي مرڪز هئا. بکر ۽ سيوهڻ تي سمن جي ابتدائي دور ۾ دهلي جي سلاطين پاران سنڌ نائب حڪومت هلائيندا تي رهيا. سيوهڻ جي پسگردائي وارن شهرن ڪاهان، بوبڪ ۽ ٺلتي ۾ عالم، قاضي ۽ درويش رهندا هئا. ڪاهان ۾ ٩٢٨هه – ١٥٢١ع ڌاري شيراز ۽ هرات جا عالم مخدوم عبدالعزيز، مولانا اثيرالدين ۽ سندس پٽ مولانا محمد اچي قيام پذير ٿيو هيو.

## ملتان ۽ گجرات:

سنڌ جي سمن جا ملتان ۽ گجرات جي حاڪمن سان گهرا ناتا هئا. چام بايزيد ۽ چام ابراهيم (چام نندي جا پاٽر) ملتان جي لانگاهه حاڪم حسين شاهه بن قطب الدين جا خاص مقرب هئا. بايزيد کي شورڪوٽ ۽ ابراهيم کي آچ وارو علائقو جاگير طور مليل هيو.

ملتان لانگاهه حاڪمن جي سرپرستي ۾ علم ۽ هنر لاءِ ترقي جو باعث ٿيندو رهيو نئهن سان گڏ چام بايزيد جي علم دوستي سبب هند ۽ خراسان جي مشهور عالمن ملتان ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. انهي دور ۾ دهلي، ڪشمير، گجرات، سنڌ ۽ خراسان جي سفيرن جي ملتان ۾ آمدورفت شروع ٿي هئي جنهن علم ادب ۽ سياست کي چڱي اوج تي رسائي ڇڏيو (١)

سنڌ جي سمن حڪمرانن جي پنهنجي همعصر گجراتي سلطانن سان سنگابندي هوندي هئي. انهي دور ۾ سنڌ ۽ گجرات درميان اچڻ وڃڻ جو رابطو هيو، ڪيترا سنڌي اهل ڪمال گجرات ۾ رهندا هئا ۽ ڪيئي اهل علم گجراتي سنڌ جي دربار جي زينت هئا.(٢) اهڙيءَ ريت احمدآباد، ٺٽو ۽ ملتان علمي ادارن

(١) جنت سنڌ. مولائي شيدائي.

(٢) مضمون جناب پير حسام الدين راشدي، روزانه مهراڻ نومبر ١٩٥٧ع.

## حڪيم شهاب الدين:

انهي دور جو مشهور حڪيم ۽ عالم جنهن جو گجرات ڪان علاوه سنڌ جي شاهي خاندان سان به تعلق هيو. نورالمسافر جي مصنف هن بابت لکيو آهي ته هڪ دفعي گجرات جي سلطان ڏانهن ڪنهن بادشاهه ڪا خوبصورت ٻانهي تحفي طور موڪلي اها جڏهن دربار ۾ آندي وئي ته حڪيم شهاب الدين به اتي موجود هيو جنهن کي ٻانهيءَ بابت دل ۾ شڪ جاڳيو ۽ انهي جي نبض ڏسي سلطان کي ٻڌايائين ته جيڪو مرد هن ٻانهي سان مباشرت ڪندو اهو هڪدم مري ويندو. آخر امتحان ورتو ويو تي اها ڳالهه صحيح ثابت ٿي. سلطان جڏهن حڪيم شهاب الدين کان ان جو سبب پڇيو ته هن ٻڌايو: اها ٻانهي جنهن وقت ماءُ جي پيٽ ۾ هئي ته ماڻس ڪنهن زهريلي وڻ جا پن کاڌا هئا جن جو اثر هن تي به پئجي ويو انهي ڳالهه جي تصديق نبض مان ٿي وئي جنهن جي آثار تي مون اهو فيصلو ڏنو.(١)

حڪيم شهاب الدين جا طبي ڪتاب طب شهاب ۽ طب شفاء الخاني انهي مظفر شاهه گجرات جي والي جا ڀيريان علمي يادگار آهن. طب شهاب منظوم آهي جنهن ۾ ڪليات ۽ معالجات کي دلچسپ انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي ان جي اها خصوصيت آهي ته منجهس درج ڪيل دوائون اڳ ۾ تجربي هيٺ آنديون ويون هيون.

حڪيم شهاب الدين پنهنجي دور جي معاشري ۽ مريض جي نفسيات جو خاڪو به پيش ڪيو آهي. هن وقت هندو توڙي مسلمان هر طبقي جا ماڻهو علاج لاءِ ايندا هئا خاص ڪري هندن کي هن سان گهڻي عقيدت هئي. اهي دوا ۽

---

(١) مضمون جناب پير حسام الدين راشدي، روزانه مهراڻ خاص نمبر، نومبر ١٩٥٧ع

مترجم ان سلسلي ۾ اصل ڪتاب ڪان سواءِ انهيءَ تي لکيل شرحن تان بہ مدد ورتي آهي. اهو ترجمو علي بن محمد ابن اسماعيل اساولي، سلطان محمود جي دور ۾ ڪيو هيو جنهن ٨٦٣ھ کان ٩١٧ھ تائين گجرات تي حڪومت ڪئي هئي.(١)

**معدن الشفا:**

حڪيم بهوه خان ابن خواص خان جي تصنيف آهي، مصنف سلطان سڪندر لوڌي جو مصاحب هيو، اهو ڪتاب ٩١٨ھ ڌاري لکيو ويو.

ڪتاب جي تاليف جو سبب ڄاڻائيندي مصنف لکي ٿو تہ:

هڪ ڏينهن سڪندر لوڌي طب يوناني جي افاديت کي تسليم ڪندي هندستان وارن جي مزاج سان ان جي عدم موافقت جي شڪايت ظاهر ڪئي جنهن جي ازالي لاءِ حڪيم بهوه خان تمرهن مشهور ۽ معتبر ويدن جي سنسڪرت ڪتاب تان اخذ تلخيص ڪري معدن الشفا جي تدوين ڪئي. هي ڪتاب، ڪليات، معالجات، مفردات، مرڪبات وغيره تي مبني آهي.(٢)

**دافع الامراض:**

جنهن زماني ۾ هندستان اندر طبي ڪتابن کي نئين سر ترتيب ڏنو ٿي ويو تڏهن سنڌ ۾ بہ اهو تحرڪ شروع ٿي چڪو هو. ان باري ۾ دافع الامراض نالي اٺين صدي هجري جو هڪ ڪتاب ملي ٿو جيڪو طب شهاب ڪان پوءِ لکيو ويو. هن ڪتاب جا اٺويهہ باب آهن ۽ هن جي فهرست ۾ فارسي نالن سان گڏ سنڌي نالا بہ آيل آهن:

---

(١) مضمون حڪيم عبدالوهاب ظهوري، همدرد صحت، مئي ١٩٦٠ع

(٢) مضمون حڪيم محمود احمد برڪاتي، همدرد صحت، آگسٽ ١٩٥٨ع.

باب اول در شناختن لون كميزو شناختن مزه فم و آثار هر اوقات و معرفت احوال مريض ازعمق مرض وصحت وخطرناڪ و مزه دريافتن هر چيز. باب دويم دراسراض درد سر و نيم و دواء واصلاح دماغ و صرع و دنبل سر يعني پت و نزله و زڪام. باب سويم در امراض العيون يعني امراض چشم و آب رفتن و خارش چشم و پرده و گل چشم و شبڪوري و ضعف البصر. باب چهارم در درد گوش و ريم گوش. باب پنجم در رعاف يعني خون رفتن از بيني. باب ششم در درد دندان و قلاع دهن و سيلان آب فم و ثقل لسان و خون رفتن از دهن و گندگي دهن و رقيدن لب. باب هفتم امراض الحلق يعني آماس و چالي ناصوري و بستگي آواز و افتادگي. باب هشتم در امراض الصدر يعني سرفه و ضيق النفس و ذات الجنب يعني درد پهلو و ڪکھ (ڪک) و آمدن قي. باب نهم در امراض حمي يعني تپها و تپ لرزه. باب دهم در امراض بطن و قلت الجوع يعني غائب شدن اشتها و هيضه يعني آچرن و درد شڪم و درد قولنج و اسهال يعني اطلاق شڪم و زحير و ڪنا ڪ (؟). باب يازدهم در امراض آتشڪ يعني باد فرنگ و ٽاڪي و خارش و آماس اعضاء. باب دوازدهم در امراض طحال يعني سپرز و جلندر وڪوله. باب سيزدهم در باد اعضاء و سرخ باد. باب چهاردهم در قوت باه و مشت زده و ملذ ذه. باب پانزدهم در پرميو و بند ڪشاد و بستگي بول وسوزاڪ بول و سلسل بول. باب شانزدهم در بواسير و خروج مقعد. باب هفدهم در باد فتق. باب هژدهم در سوختگي آتش و جراحات و مرهمات. باب نوزدهم در دادن جلاب و قوبا يعني داد وگزندگي ڪژدم وغيره.

هن ڪتاب جي تياري لاءِ: ١– تحفته المجربات ٢– طب شهاب ٣– طب شفاء الخاني ٤– رياض الادويه ٥– درة المنتخب ٦– راحت الانسان ٧– مجربات اڪبري ٨– بياض احمدي ٩– بياض استہ حافظ ١٠– شفاء سقيم جي نسخن جا حوالا ڏنا

ويا آهن. مصنف ڪٿي ڪٿي پنهنجا تجربا پڻ درج ڪيا آهن جئن بخارن جي بيان ۾ لکي ٿو ته:

> سيني بيمارين ۾ تپ خطرناڪ آهي جيڪو سڄي بدن تي حاوي ٿي وڃي ٿو. ان جا ڪيئي قسم ٿين ٿا ۽ هي خلطن جي خرابي مان پيدا ٿئي ٿو.
> معلوم هجي ته تپ سواءِ پڇي راس ٿيڻ جي جند نه ٿو ڇڏي. صفراوي تپ ڏهن ڏينهن ۾ تپ بلغمي، ٻارهن ڏينهن ۾ ۽ تپ بادي، اٺن ڏينهن ۾ پختو ٿيندو آهي. (١)

اڳئين بيان تي چڪو آهي ته سمن جي دور ۾ سنڌ جي هر علائقي ۾ مدرسا جاري ٿي چڪا هئا انهن مدرسن ۾ ديني تعليم سان گڏ طبي تعليم به ڏني ٿي وئي. اڪثر ديني عالم ۽ وڏن گهرائن جا ماڻهو طب جي علم ۽ فن سان تعلق رکندا ٿي آيا. خاص ڪري وڏن درگاهن جي پيرن، مرشدن وٽ طب جو گهڻو رواج هوندو هيو ۽ اهي دعا سان گڏ دوا درمل جو سلسلو به هلائيندا ٿي آيا.

سنڌ ۾ جيڪي به بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن تن کي ٻين علمن سان گڏ طب سان به اڪثر دلچسپي هوندي هئي. مختلف قلمي بياضن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ هر طبقي جا ماڻهو بادشاهن، وزيرن، اميرن، عالمن، پيرن نوڙي عام ماڻهن طب سان لاڳاپو پئي رکيو آهي. انهن بياضن ۾ ڄام نظام، مخدوم بلاول، مخدوم معين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم حامد گنج بخش ۽ ٻين ڪيترن مشاهيرن جا طبي نسخا سندن نالن سميت درج ٿيل آهن.

---

(١) مضمون جناب اعجاز الحق قدوسي، طبي ڊائجسٽ.

## ارغون ۽ ترخان:

ڄام نظام الدين سمن جي خانوادي جو آخري ۽ آزاد سنڌ جو پهريون تاجدار هيو جنهن ٨٦٦هه کان ٩١٤هه تائين نه فقط ملڪ تي حڪمراني ڪئي بلڪ ماڻهن جي دلين تي به هن جي بادشاهي رهي.

ڪانئس پوءِ ڄام فيروز ۽ هن خاندان جي ٻي شهزادي ڄام صلاح الدين درميان تخت ۽ تاج تان خانه جنگي شروع ٿي. ٩١٤هه کان ٩٢٧هه تائين سنڌ تي ڪڏهن صلاح الدين گجرات کان ڪٽڪ گهرائي پهتو ته ڪڏهن سبي ۽ قنڌار کان ارغونن کي آڻي، فيروز اچي ڪڙڪيو نيٺ انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ ارغونن نه رڳو اڳ ۾ ڄام صلاح الدين کي ڄام فيروز جي مقابلي ۾ ختم ڪيو بلڪ ٿوري عرصي کان پوءِ (٩٢٧هه) ۾ ڄام فيروز جي به پچاڻي ڪري ڇڏيائون.

انهن ٻن شهزادن جي جنگ جو نتيجو ڏاڍو ڏکوئيندڙ نڪتو. برابر ٩٢٧هه کان ١١٩٢هه تائين هن ملڪ جا ماڻهو ڌارين جي غلاميءَ جو ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ مان نه لاهي سگهيا. انهيءَ غلاميءَ واري دور ۾ هتان جو هر متنفس سواءِ ڪنهن ڏوهه گناهه جي صدين تائين ڌارين جي عذاب ۽ عتاب ۾ مبتلا رهيو.(١)

ساڳئي زماني ۾ سنڌ جي جنگ آزادي جي عظيم مجاهد دريا خان کي دوکي سان قتل ڪيو ويو ۽ هتان جي عظيم ديني رهنما مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙايو ويو.

سنڌ جي غاصب حڪمرانن، قاضي قاضن کي سرڪاري عهدي جي لالچ ڏئي سنڌين سان انسانيت سوز عقوبتون ڪرايون. غرض ته ڌارين تلوار ۽ ڪلدار جي زور تي سنڌ سان اهي

(١) مڪلي نامه، مير علي شير قانع، تدوين سيد حسام الدين راشدي.

ڏائين پهچنديون رهنديون هيون.

هن کي جڏهن معلوم ٿيو، ته اڪبري امير مجاهد خان، ڏتي تي ڪاهيندو بکر وٽ اچي پهتو آهي ۽ اتي سلطان محمود سان جنگ هلي پئي ته پنهنجي ڌيءُ کي سيد جلال الدين شيرازي سان دهلي روانو ڪيائين، جيئن بادشاهه کيس پنهنجي زال جي صورت ۾ قبول ڪري. انهيءَ حيلي پاڻ کي بچائڻ تي گهريائين، مگر اڪبر بادشاهه سندس ڌيءُ کي نظر انداز ڪندي، نفرت سان چيو ته هيءَ خونيءَ جي ڌيءَ آهي، تنهنڪري کيس واپس ڪيو وڃي.(١)

سلطان محمود به جڏهن مغلن جي لشڪر ڪشي کان اچي تنگ ٿيو ته پنهنجا خزانا ۽ پنهنجي نياڻي مغلن جي حوالي ڪري، پنهنجو سر بچايائين. هي ساڳيو سلطان محمود هيو، جنهن اوائل ۾ سنڌين تي بي انداز ۽ انسانيت سوز ستم ڪيا هئا. خدا بهتر ٿو ڄاڻي هن غاصبن جو بڇڙو انجام ڪيو، تهڙو ڪنهن جو نه ٿيو. ان هوندي به انهن کي بهادر ۽ نيڪ خصلت لکيو ويو آهي.

سلطان محمود متعلق بيان ٿيل آهي، ته هي قرآن جي گهڻي تلاوت ڪندو هيو، ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ اچي پنهنجي بهادري ڏيکارڻ لاءِ پيرن ۾ زنجير پائي، بکر جي قلعي تان چڙهي درياهه ۾ ٽپو ڏيندو هيو ۽ پيرن ۾ زنجيرن هوندي به پوري سلامتيءَ سان ڪناري تي پهچي ويندو هيو. ليڪن تاريخ فرشته ۾ لکيل آهي، ته سلطان محمود سفاڪ ۽ ديوانو هيو، ٿوري ڏوهه تي ماڻهو مارائي ڇڏيندو هيو.(١)

## مغل دور:

سن ٩٩٩هه مطابق ١٥٩١ع اڪبر بادشاهه طرفان سندس

---

(١) جنت سنڌ مولائي شيدائي ص ٤٠٧

(٢) جنت سنڌ مولائي شيدائي ص ٤١٨ حاشيه سميت.

مدارالمهام خان خانان سنڌ تي چڙهائي ڪئي انهي اڪبر بادشاهه جو جنم سنڌ ۾ ئي ٿيو هيو جڏهن همايون بادشاهه جي قسمت طوائف الملوڪي جو شڪار هئي. خود اڪبر جي ماءُ بابت چيو وڃي ٿو ته اها سنڌ جي شهر پاٽ جي هئي. اڪبر بادشاهه سنڌ ۾ جنم وٺڻ جو سنڌ وارن کي اهو اجورو ڏنو جو خان خانان جهڙي ظالم ۽ سنگدل سپهه سالار کي سنڌ تي چاڙهي موڪليائين جنهن اچڻ سان پنهنجي بادشاهه جي نمڪ حلالي جو اهو ثبوت پيش ڪيو جو شهرن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن جي اندر باهر اچڻ جا رستا بند ڪرائي ڇڏيائين جيڪو باهر ٿي نڪتو تنهن تي توب ۽ تفنگ جا گولا وسايا ٿي ويا ۽ جيڪي اندر هيا بارن ٻچن موت جي منهن ۾ ويندا ٿي رهيا. هنن کي کائڻ لاءِ آن جو داڻو نه چا، پاڻيءَ جو ڍڪ نه نصيب نه پئي ٿيو. آخر مرزا جاني بيگ جي پيش پوڻ تي سنڌ مغلن جي ماتحت ٿي وئي.

سنڌ جي غلامي جو اهو دور ١٠٠٠هه کان ١١٥١هه تائين هلندو رهيو انهيءَ وچ ۾ سنڌ تي ڪيئي قهر نازل ٿيندا رهيا جن جي تذڪري سان تاريخ مظهر شاهجهاني پريل آهي.

مغلن جي اوائلي دور جي جنهن طبي عالم جو نالو ملي ٿو اهو حڪيم يوسف بن محمد (يوسفي) آهي. هي هرات جو باشندو ۽ بابر بادشاهه جو خاص طبيب هيو. همايون جو عهد هن لاءِ مبارڪ ثابت ٿيو. طبابت کان علاوه دبيري جا فرائض به هن جي سپرد هئا. هي عربي فارسي علم ۾ ماهر ۽ طب ۾ يڪتائي جو درجو رکندڙ هيو. طب ۽ انشاء ۾ سندس تصنيفون يادگار حيثيت رکن ٿيون.

حڪيم يوسفي بلندپايه شاعر به هيو. طب جا منظوم رسالا هن جي فني مهارت تي گواهه آهن. مولانا عبدالغني هن جا هيٺيان ڪتاب ڄاڻايل آهن: ١– رياض الادويه، ٢– جامع الفوائد،

٣- قصيده في حفظ صحت، ٤- بدايع الانشاء پهريون ٽي ئي تصنيفون طب جي فن تي ۽ چوٿين تصنيف انشاء جي فن بابت آهي.

از سائيڪلوپيڊيا آف اسلام ۾ يوسفي جون هيٺيون تصنيفون پڻ ذڪر ٿيل آهن. ١- طب يوسفي، ٢- علاج الامراض، ٣- دلائل النبض. انهن کان سواءِ هن جي ٻين ڪتابن جا نالا به ملن ٿا: ١- ملحقه علاج الامراض، ٢- دلائل البول، ٣- فوائد الاخيار، ٤- ستھ ضروريه، ٥- رسالہ ماڪول و مشروب، ٦- رسالہ بحران، ٧- بحرالجواهر (لغت)، ٨- عين الحيات وغيره.(١)

اهي ڪتاب ٩٠٨هه مطابق ١٥٠٠ع ۾ لکيا ويا جن جي اشاعت ١٨٧٤ع کان ١٩١٤ع تائين ٿيندي رهي. انهن جا ڪي ئي قلمي نسخا سنڌ جي وڏن ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

## اختيارات قاسمي:

طبي عالمن کان علاوه ٻين عالمن کي به طب سان گهڻي دلچسپي هئي. اختيارات قاسمي جو مصنف مشهور مورخ محمد قاسم هندو شاهه (فرشته) هيو جنهن جي تصنيف تاريخ فرشته هند سنڌ ۾ مشهور آهي. هن جي ولادت ٩٥٨هه ۾ ۽ وفات ١٠٣٢هه ڌاري ٿي هئي.

هي ڪتاب معدن الشفاء جي ڀيٽ ۾ گهٽ مفصل ۽ مختصر آهي. هن ۾ به ويدن جي معتبر ۽ مستند ڪتابن مان ڪليات معالجات، مفردات ۽ مرڪبات جو بيان آيل آهي. هن ۾ دکن جي هڪ مسلمان حڪمران جي عزيز جو واقعو لکي هندي طب (آيورويدڪ) جي اهميت نمايان ڪئي وئي آهي- انهيءَ حڪمران جو عزيز سلهه جي مرض ۾ مبتلا هيو. ڪيئي علاج ڪرايائين، مگر ڪاميابي حاصل نه ٿيس. آخرڪار يوناني طب

(١) مضمون پروفيسر شيخ فريد برهانپوري همدرد جنوري ١٩٥٨ع

جا حامي مايوس ٿي ويهي رهيا.

انهيءَ کان پوءِ هڪ ويد کي مريض جي علاج لاءِ مقرر ڪيو ويو، جنهن هن لاءِ سون جو ڪشتو تجويز ڪيو ليڪن يوناني طبيبن ان جي مخالفت ڪئي.

مذڪوره ويد پنهنجي حمايت ۾ دليل به پيش ڪيا ۽ تجرباتي ثبوت به ڄاڻايا جن سان متفق ٿيندي حڪمران ڪيس مريض جي علاج جي اجازت ڏني، جنهن مان هن کي حيرت انگيز فائدو ٿيو ۽ يوناني طبيب خاموش ٿي ويا.(١)

اڪبر بادشاهه پنهنجي دربار ۾ حڪيم ابوالفتح گيلاني (جنهن جو خاندان سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو) حڪيم لطف الله گيلاني حڪيم عين الملڪ شيرازي، حڪيم مسيح الملڪ شيرازي، حڪيم نعمت الله، حڪيم روح الله ۽ حڪيم علي گيلاني جهڙا بلند پايه ۽ فن جا اڪابر جمع ڪيا هئا.

حڪيم ابوالفتح گيلاني جي مشوري سان سڄي سلطنت ۾ هرهنڌ شفاخانا قائم ٿي چڪا هئا جن مان ڪيترا شفاخانا اڪبرآباد ۾ موجود هئا.(٢)

اڪبر کان پوءِ جهانگير پنهنجي زماني ۾ ١٠١٤ هه ڌاري حڪم صادر ڪيو تہ: هر وڏي شهر ۾ شفاخانو قائم ڪري، مريضن جي علاج لاءِ طبيب مقرر ڪيا وڃن ۽ انهن جو خرچ سرڪاري خزاني مان ادا ٿيندو رهي.(٣)

شاهجهان به پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندي ملڪ ۾ شفاخانن جي قيام لاءِ خاص ڪوششون ڪيون. هن حڪيم مير محمد هاشم کي احمدآباد جي شفاخانن جو ناظم مقرر ڪيو.

---

(١) مضمون حڪيم محمود احمد برڪاتي همدرد ١٩٥٩ع
(٢) اڪبر نامہ جلد ٽيون ص ٣١
(٣) توزڪ جهانگيري.

دهلي ۾ ۱۰۶۰ھ ڌاري جامع مسجد جي ڀرسان وڏي پيماني تي شفاخانو تعمير ڪرايائين.(۱)

عالمگير جي عهد ۾ دهلي کان علاوه سڄي ملڪ جي وڏن شهرن ۾ شاندار شفاخانا قائم ٿي چڪا هئا. سورت ۾ به هڪ شفاخانو هيو، جنهن لاءِ سيد سعدالله جي سفارش تي هڪ افسرالاطباء جي تقرر جو احوال خود عالمگير پنهنجي رقعات ۾ ڏنو آهي.(۲)

عالمگير جي عهد ۾ شفاخانن جو رواج ايتري قدر عام ٿي ويو جو انهيءَ دور جي اميرن ۽ رئيسن به پنهنجي خرچ تي ڪيترا شفاخانا جاري ڪرايا. انهن ۾ هڪ شفاخانو خيرانديش خان جو هيو، جنهن پنهنجي وطن آٽاوا ۾ اها خدمت سرانجام ڏني هئي. ان ۾ هندو، مسلمان، يوناني طبيب ۽ ويد ٻئي مامور ڪيل هئا، جن مان حڪيم محمد عادل، حڪيم مرزا محمد علي بخاري، حڪيم عبدالرزاق نيشاپوري، حڪيم عبدالمجيد صفاهاني، ويد ڪنول نين، ويد سکانند، ويد نين سک وغيره خصوصيت سان قابل ذڪر آهن. هتي غريبن جو مفت علاج ڪيو ويندو هيو.(۳)

نواب خيرانديش پاڻ به وڏو طبيب هيو، سندس تصنيف خيرالتجارب فارسي زبان ۾ مشهور آهي. انهيءَ جو اردو ترجمو ڪجهه وقت اڳ اداره فروغ اردو لاهور شايع ڪرايو هيو.

محمد شاه جي دور ۾ پنج دهلي اندر شفاخانا موجود هئا انهن مان هڪ وڏي شفاخاني جو ناظم حڪيم قوام الدين خان هيو. سرڪار پاران انهيءَ شفاخاني تي هرسال ٽي لک رپيا خرچ ڪيا ويندا هئا.(۴)

---

(۱) آثار صناديد باب ٽيون ص ۲۵

(۲) رقعات عالمگيري.

(۳) آثار خير ص ۶۳.

(۴) المشاهير ص ۲۳۶.

## حڪيم محمد اڪبر ارزاني:

فرخ سير جي عهد ١٧١٩ع ۾ حڪيم محمد اڪبر ارزاني عظيم طبي خدمتون سرانجام ڏنيون، جن مان سنڌي عالم ۽ طبيب پڻ فيضياب ٿيندا رهيا.

حدود الامراض، قانونچه جي شرح مفرح القلوب لغت ۽ ڪليات تي سنڌس شاندار تصنيفون آهن. طب جو مشهور نصابي ڪتاب "ميزان الطب" ۽ طب اڪبر به سنڌس تاليف مان آهن. هندستان جو هي پهريون فاضل طبي عالم هيو، جنهن طب کي عربيءَ مان فارسي زبان ۾ منتقل ڪيو. انهن مان ميزان طب ۽ طب اڪبر جا سنڌي ۾ ترجما ٿي چڪا هئا، جيڪي انگريزن جي اوائلي دور ۾ شايع ٿيا هئا.

حڪيم مرزا امان خان ١٠٠٠ھ ۾ طبي لغات تي قسطاس الاطباء نالي ڪتاب لکيو. حڪيم احسن الله خان مغلن جي آخري تاجدار سراج الدين ظفر جو خاص طبيب ۽ وزير هيو. مغلن جي دور ۾ طب جي تعليم بين علمن سان گڏ درس نظامي وسيلي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ ڏني ويندي هئي، اهوئي سبب آهي جو انهيءَ دور جا سيئي عالم طب جا به عالم هئا.(١)

حاذق طبيب شاگردن کي پنهنجي مطب ۾ عملي طب جي به تربيت ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح انهيءَ دور جا مطب ۽ مدرسا طبي تعليم ۽ تربيت جا معياري ادارا هوندا هئا. شاگردن جي شوق جو اهو عالم هيو جو ابتدائي تعليم کان پوءِ ڪيترا سال پنهنجي استادن جي خدمت ۾ رهي طب جو علم حاصل ڪندا هئا. ڪن جي ته سموري زندگي استادن جي خدمت ڪندي گذري ويندي هئي. انهيءَ دور ۾ سنڌ اندر طب سان تعلق رکندڙ جيڪي عالم ٿي گذريا آهن، تن جو مختصر احوال پيش ڪيو وڃي ٿو.

---

(١) طب العرب، مترجم ۽ شارح حڪيم علي احمد نيرواسطي.

## مخدوم نوح:

مخدوم نوح ولد مخدوم نعمت الله صديقي هالن وارو، اسلام جي ڏهين صديءَ ۾ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. مخدوم صاحب کي قرآن جي حقيقتن ۽ اسرارن تي وڏو درڪ هيو. بهاءالدين دلق پوش جيڪو سندس خاص محب ۽ مريد هيو ان جي هٿ اکرِ لکيل قرآن پاڪ جو پارسي ترجمو هن وقت هالن جي درگاهه تي موجود آهي. هي بزرگ ايتريقدر تہ پرهيزگار هيو جو سڄي ڄمار ۾ ڪنهن ڌاريءَ عورت تي نظر ڪانہ پئي هيس. مخدوم صاحب مرزا باقي ترخان جي دور کان اڪبر اعظم جي سنڌ تي قابض ٿيڻ تائين حيات هيو. عبدالرحيم خان خانان ٺٽي تي ڪاهہ ڪرڻ وقت ڪاميابي جي دعا گهرائڻ لاءِ هالن ۾ اچي مخدوم نوح جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هيو. پاڻ اويسي طريقي جو پير هيو جنهنڪري ظاهري طور ڪنهن بہ بزرگ جي صحبت ۾ رهي ڪسب ڪمال نہ ڪيو هئائين. سندس وهب جي ولايت بيانتها هئي. مخدوم صاحب ٩٨٢هہ ڌاري ٨٢ ورهين جي ڄمار ۾ هن دنيا مان رحلت فرمائي. (١)

مخدوم صاحب جي قلمي گنج ۾ ٻين علمن کان علاوه طب تي بہ سندس ڪيئي قلمي بياض موجود آهن. اڄ تائين هن نامور خاندان جو تعلق طب جي علم ۽ فن سان رهندو اچي ٿو. موجوده سجاده نشين جناب مخدوم محمد زمان طالب المولي طب جي علم ۽ فن سان دلچسپي رکڻ کان علاوه طبي درسگاهن سنڌ طبيہ ڪاليج ۽ طبيہ ڪاليج حيدرآباد جا سرپرست بہ آهن. هن ئي خاندان جو هڪ مشهور بزرگ مخدوم امين محمد اول صاحب ديوان شاعر ۽ صاحب بياض طبي عالم ٿي گذريو آهي.

---

(١) جنت سنڌ، مولائي شيدائي ص ٤٢٨.

سندس پٽ شاهه اسماعيل صفوي گاديءَ تي ويٺو ته هن ڪن مصلحتن جي بنياد تي اهل سنت جي رعايا سان رواداري جو ورتاءُ شروع ڪيو جنهن تي ملا احمد ڪاوڙجي ايران مان نڪري دکن آيو ۽ اڪبر بادشاهه جي صلح ڪل واري تدبيرن جو احوال ٻڌي (٩٩٠هه) ڌاري اڪبري دربار ۾ پهچي ملازمت ڪيائين.

ملا احمد کي بادشاهه حڪم ڪيو ته پهرين هجري کان وٺي اڪبر جي دور تائين هڪ هزار ورهين جي تاريخ لکي تيار ڪري. هن اهو ڪم شروع ڪيو ۽ چنگيز خان جي زماني ٦٢٤هه تائين اهو تاريخي ڪتاب ٻن جلدن ۾ تيار ڪري بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيائين جنهن مقبوليت حاصل ڪئي پر ملا احمد کي انهيءَ ڪتاب پوري ڪرڻ جي فرصت نه ملي جو انهيءَ وچ ۾ سندس قتل جو واقعو ٿيو باقي ڪتاب آصف خان لکي پورو ڪيو جو تاريخ آصفي جي نالي سان مشهور آهي. هن بزرگ جو قتل ١٠٠٠هه ۾ ٿيو هيو.(١)

## حڪيم عثمان بوبڪائي:

هي بزرگ شيخ عيسيٰ بن شيخ ابراهيم صديقي جو فرزند ۽ ميني علمن جو جامع هيو. پهريان مخدوم عباس محدث پاٽائي وٽان معقول ۽ منقول جي تحصيل ڪري پوءِ شيخ وجيهه الدين علوي احمد آبادي کان وڌيڪ علمن جي تڪميل ڪيائين.

روايت آهي ته هڪ دفعي سنڌ جي مشهور هستي مخدوم نوح هالن واري جي خدمت ۾ ويو ته جيئن ڪانئس

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، مولانا دين محمد وفائي ص ١١٢.
تاريخ بدايوني ۽ سيرالمتاخرين جي حوالي سان.

علمي ڪمال حاصل ڪري اچي. پاڻ ڪيس فرمايائون ته هميشه پرهيزگار ٿي رهو، خدا اوهان کي انهيءَ مان ڏي علم جي برڪت عطا ڪندو. وقت جا وڏا عالم ۽ صوفي، مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپوري، علامه قاضي عبدالسلام سنڌي، شيخ سڪجي، شيخ نصيرالدين، مولانا صالح سنڌي ۽ سيد محمد غوثي مصنف گلزار ابرار، حڪيم صاحب جي شاگردن مان هئا.

حڪيم صاحب ٩٨٣هه جي شروعات ۾ سنڌ مان گجرات پهچي اُتان برهانپور ويو جتان جي حاڪم محمد شاهه ابن مبارڪ شاهه ثاني هن جي ڏاڍي تعظيم ڪئي ۽ برهانپور جي قضا ۽ فتويٰ جو عهدو ڪيس تحويل ۾ ڏنائين جتي پورا ستاويهه سال فتويٰ ۽ درس جو سلسلو جاري رکيائين. خانديش جي سرڪار پاران ڪيس جاگير به مليل هئي. عمر جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي اهل عيال سميت جاگير ڏانهن ويندي اڪبر بادشاه جي فوجن جي آمد جو ٻڌائين. ڪجهه وقت جهنگ ۾ رهي پوءِ اڳتي وڃڻ جو خيال ٿيس ته اوچتو چورن مٿس حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پنهنجي اهل عيال سميت شعبان ١٠٠٨هه ۾ شهيد ٿي ويو. تفسير بيضاوي جو حاشيو ۽ صحيح بخاري جي شرح سندس مشهور ڪتاب آهن.(١)

## شيخ محمد سنڌي:

تاج العاشقين جي لقب سان مشهور شيخ محمد سنڌي نامدار شخصيت هيو. سندس والد شيخ عبدالله سنڌي هتان هجرت ڪري برهانپور ۾ وڃي رهايش پذير ٿيو. هي شيخ محمد عارف جو مريد هيو.

شيخ محمد حديث، تفسير ۽ فقهه جا ڪتاب شيخ طاهر محمد سنڌي وٽان مڪمل ڪري فضيلت جي دستار جو صاحب ٿيو.

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، مولانا وفائي.

حڪمت، هئيت ۽ فلسفي جي تعلم حڪيم عثمان بوبڪائي وٽان حاصل ڪيائون جيڪو پنهنجي علمن ۾ سنڌ جي حيثيت رکندڙ هيو. تاج العاشقين تصوف جي تحصيل مسيح الاوليا شيخ عيسيٰ برهانپوري وٽان ڪئي ۽ خانديش ۾ وڃي رهي پيو جتي گهڻين نيڪين ۽ خوبين جي ڪري سندس شهرت ۽ عزت ٿي.

سن ١٠٠٨ھ ۾ اڪبر بادشاھ جڏهن خانديش ۾ آيو ته هڪ سرڪاري اهل ڪار جي چرچ تي بادشاھ کيس قيد ۾ وجهرائي ڇڏيو جڏهن ڪيترن اميرن جي سفارش تي رها ٿيو ته اتان سڌو آگري هليو ويو جتي بادشاھ جي هڪ امير، عالم ۽ حڪيم قليچ خان هن جي ڏاڍي مرحبا ڪئي ۽ کيس پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين.

ان کان پوء ١٠١١ھ ۾ قليچ خان جڏهن لاهور ۾ مغلن جو نائب مقرر ٿيو ته شيخ محمد کي به پاڻ سان اتي وٺي آيو ڪجھ عرصي کان پوء قليچ خان ۽ راجپوتن وچ ۾ چڪري لڳي جنهن ۾ شيخ محمد به قليچ خان پاران شريڪ هيو، آخر هڪ معرڪي ۾ ١٠١٣ھ ڌاري شهيد ٿي ويو.(١)

## ٥٥م معصوم بکري:

سيد نظام الدين محمد معصوم تخلص نامي ٩٤٤ھ ڌاري بکر ۾ پيدا ٿيو. سندس خاندان ترمذي ساداتن مان هيو. مير معصوم جو والد سيد صفائي حسيني سلطان محمود ترخان جي زماني (٨٩٨-٨٨٢ھ) ۾ بکر آيو. ڪجھ عرصي کان پوء سيوهڻ جي پرسان رهندڙ سيدن مان شادي ڪيائين، جنهن مان سنڌ جو جليل القدر مدبر ۽ حڪيم مير معصوم پيدا ٿيو.

مير معصوم پنهنجي تعليم ۽ تربيت مختلف عالمن،

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، مولانا دين محمد وفائي مرحوم ص ٥٥ گلزار ابرار ص ٦٥ جي حوالي سان.

ملا محمد، قاضي ڏتي سيوهاڻي ۽ قاضي عبدالله دربيلي واري جي فرزند شيخ حميد وٽان مڪمل ڪئي هئي.

پنهنجي والد ماجد جي شيخ الاسلامي واري دور ۾ مير معصوم سلطان محمود جي دربار جو تقرب حاصل ڪيو. ان جي انتقال کان پوءِ جڏهن بکر جي حڪومت اڪبر بادشاه جي نائبن جي تحويل ۾ آئي ته مير معصوم پنهنجي والد جي سفارش تي اڪبري دربار ۾ وڃي وڏي منصب تي مامور ٿيو.

مير معصوم شروعات واري زماني ۾ اڪبر بادشاه جي ڪيترين جنگي مهمن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. ٩٩٨ ھ ڌاري اڪبر بادشاه طرفان کيس دربيلي، ڪاڪڙي ۽ چانڊڪا وارن علائقن ۾ جاگيرون عطا ٿيون. سنڌ تي جڏهن مغلن جو پوريءَ طرح تسلط ٿيو ته مير معصوم بکر ۾ رهي، علم ادب جي پرورش ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ به قندار ۽ دکن تائين اڪبري فوجن جي جنگي مهمن ۾ شرڪت ڪئي هئائين.

مير معصوم پنهنجي دور ۾ جتي علم ادب جو شغل جاري رکيو، اتي تعميرات ڏانهن به گهڻو توجه ڏنائين جن مان ڪيئي تاريخي عمارتون اڃا تائين موجود آهن

مير معصوم هڪ بهادر ۽ دلير سپاهي هئڻ کان علاوه ماهر طبيب، جهانديده سياح، خوشخط ڪتبه نويس برجستو شاعر ۽ وڏو تاريخ نويس به هيو. هرهڪ فن ۾ هن قابل قدر يادگار پويان ڇڏيا آهن.

علم طب تي طب نامي ۽ مفردات معصومي نالي به ڪتاب لکيائين جهڪي ڪيترن ڪتب خانن ۾ محفوظ آهن. پاڻ هڪ شيرين ڪلام شاعر به هيو، جنهن لاءِ ملا عبدالقادر بدايوني کيس گهڻي قدر ساراهيو آهي. پنج گنج نظامي جي تتبع ۾ پنج مثنويون به لکيون هئائين.

هي پنهنجي وقت جو معتبر تاريخ نويس شمار ڪيو وڃي

ئو. ماثرالامراء ۽ طبقات اڪبري جي مصنفن کيس تاريخ نويسي ۾ يگانہ روزگار تسليم ڪيو آهي. سندس تاريخي تصنيف "تاريخ معصومي" هن دور ۾ بہ وڏي وقعت رکي ٿي.

مير معصوم جي وفات ١٠١٩ هہ ڌاري ٿي هئي، هن جي مزار سندس يادگار مناري سميت سکر جي تاريخي شهر ۾ آهي.(١)

## ميرڪ شيخ عبدالباقي:

سبز واري ميرڪ سيدن جي خاندان مان هڪ عالم ۽ حڪيم هيو. پنهنجي والد ميرڪ شيخ مير محمد متوفي (٩٧٠هہ) کان پوء ٺٽي ۾ شيخ الاسلام مقرر ٿيو. حڪيم هئڻ کان علاوه اقليدس جي علم ۾ پڻ ڪامل دسترس حاصل هيس. انهيءَ فن ۾ ڪيتريون نيون شڪليون ايجاد ڪيون هئائين. سندس رحلت کان پوء ميرڪ شيخ محمود ثاني، جيڪو هن جو فرزند هيو، شيخ الاسلام ٿيو، جنهن ١٠٢٠ هہ ۾ وفات ڪئي. سندس خاندان پنهنجي وڏي ميرڪ شيخ محمود اول جئان جيڪو مرزا شاه بيگ ارغون جي زماني ۾ ٺٽي جو شيخ الاسلام هيو. هڪبئي پٺيان شيخ الاسلام جي عهدي تي فائز رهندو آيو. جن مان ميرڪ عبدالهادي وفات ١٠٨٦ هہ ۽ سندس پياءُ ميرڪ محمد مهدي تنهن کان پوء ميرڪ شيخ عبدالوهاب شيخ الاسلام ٿيندا آيا. ميرڪ عبدالباقي جي وفات ١٠٥٨ هہ ۾ ٿي هئي.(٢)

---

(١) تاريخ معصومي، مير محمد معصوم بکري. تصحيح و حواشي جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، اردو ترجمو اختر رضوي.

(٢) تحفة الڪرام مير علي شير قانع ص ٤٩٦.

# ڪلهوڙن جي حڪومت

١- ڪلهوڙن جو خاندان ٢- ڪلهوڙن جي حڪومت ٣- فن تعمير ۽ تجارتي سرگرميون ٤- علم ادب جو عروج ٥- موسيقي جو فروغ ٦- ڏارين جون ڪاهون ٧- ڪلهوڙن جي دور ۾ طب ٨- عالم ۽ طبيب.

# ڪلهوڙن جو خاندان

ڪلهوڙا پنهنجو نسب نبي ڪريم جن جي چاچي حضرت عباس سان ملائن ٿا. سندن ڏاڏو ميان اوڏائو خدا پرست شخص هو. ٻهريان مڪران ۾ پيري مريدي جو سلسلو هلائيندو رهيو، پوء سندس اولاد سنڌ ۾ آئي.

ميان اوڏائي جو پوٽو ميان چنو (۱۲۲۰ھ) پنهنجي مريدن سميت مڪران مان نڪري ڪنياٽ ۾ اچي اوڍيجا قوم ۾ رهڻ لڳو ۽ ڏيپلي جي هڪ زميندار جي نهائيء سان شادي ڪيائين جنهن مان ڪمس محمد (مهدي) نالي پٽ ڄائو.(۱) جيڪو پيءُ جي وفات کان پوء پنهنجي قوم جو پريو مڙس مڃيو ويو. محمد جي لاڏاڻي بعد سندس ٻن پٽن ميان ابراهيم ۽ ميان دائود جي وچ ۾ پڳ تان تڪرار شروع ٿيو انهي جهڳڙي اهڙي نازڪ صورت اختيار ڪئي، جو ميان دائود تنگ ٿي ابائي ميراث ڇڏي ٻي هنڌ وڃي رهيو.(۲)

ان کان پوء ميان آدم شاه تائين هن قوم جا مختلف پڳدار پنهنجي خاندان جي گادي وسائيندا آيا. ميان آدم شاه مهدي جونپوري جو مريد ۽ پيري فقيري وارو هيو. مغلن جي پاران جڏهن خان خانان ٺٽي تي ڪاه ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته ڪن ماڻهن جي صلاح تي ميان آدم شاه کان دعا گهرائڻ لاء آيو. ان موقعي تي ميان جي هڪ مريد وجهه وٺي

---

(۱) جنت سنڌ.

(۲) تاريخ ڪلهوڙا غلام رسول مهر ص ۱۱۳.

فقيرن جي گذران لاءِ سراز ڪان چانڊڪا پرڳڻي جي ڪهر ڪٽي، خان خانان سندس عرض اگهائي ڪيس اهو پرڳڻو جاگير طور بخش ڪري ڇڏيو. چانڊڪا جهڙي زرخيز علائقي ملڻ ڪان پوءِ ميان جا سريد زور وٺندا ويا ۽ آسپاس جي زميندارن ۾ ڌهڪاءُ پيدا ٿيو جن مغلن کي پرڪائي ميان کي قيد ڪرايو جتي ١٥٩٢ع ڌاري وفات ڪيائين ۽ کيس سکر ۾ آڻي دفنايو ويو. ڪلهوڙن جي فقيري ميان نصيرمحمد ١٦٩٢ع جي دور ۾ جاگيرداري جو روپ اختيار ڪيو ان ڪان پوءِ سندس پٽ ميان دين‌محمد بادشاهت ڏانهن قدم وڌائيندي ١١١١هه مطابق ١٧٠٠ع ۾ مغلن هٿان مارجي ويو.(١)

## ڪلهوڙن جي حڪومت:

ميان دين محمد جي قتل ڪان پوءِ سندس پٽ ميان يارمحمد قلات جي حاڪم محراب خان وٽ وڃي پناهه ورتي ۽ ٻن سالن ڪان پوءِ بروهين جي فوج وٺي سنڌ تي وارد ٿيو. سندن خانداني مريد، راڄي ليکي جي سربراهي ۾ ساڻس اچي مليا. ميان يارمحمد پهريان منڇر ڪان وٺي دادو تائين پنوهرن جي پرڳڻي تي قبضو ڪيو، پوءِ چانڊڪا پرڳڻي مان باروزئي افغانن کي نڪري ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سنڌ جو نواب مختيار خان اها حالت ڏسي ملتان جي مغل حاڪم وٽ دانهن کڻي ويو آخر معزالدين ملتان مان چڙهي آيو ۽ باروزئي افغانن سان ملي قلات جي حاڪم محراب خان سان جنگ ڪيائون، جنهن جي نتيجي ۾ محراب خان ١٦٩٨ع ۾ مارجي ويو. قلات ڪان موٽندي معزالدين جڏهن دربيلي پهتو ته ميان يار محمد اچي سندس خدمت ۾ پيش پيو، کيس عالمگيري دربار مان خدايار خان جو لقب مليو.

ڪلهوڙا فقيري مان بدلجي امير ٿيڻ جي پيا، ڪڇي جو

---

(١) جنت سنڌ، محترم مولائي شيدائي.

۽ تجارتي لحاظ کان اهم شهر هئا هتي نيرجا ڳر پيدا ٿيندو هيو ۽ هن شهر کي باغن جي گهڻائي سبب سنڌ جو چمن سڏيو ويندو هيو. اهڙيءَ طرح سنڌ جا ٻيا شهر به تجارت ۽ صنعت ۾ اهم ۽ مشهور بيان ٿيل آهن.(۱)

## علم ادب جو عروج:

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ اندر هرقسم جي علم ۽ فن جي سرپرستي ڪئي ويندي هئي. اهو دور علم ادب ۽ ثقافت جي اعتبار کان ڪنهن به حالت ۾ پٺتي پيل ڪين هيو. هنن حڪمرانن مان خاص ڪري ميان غلام شاه جو دور علمي ادبي ثقافتي توڙي سياسي ترقي جو دور ليکيو وڃي ٿو. هن زماني ۾ سنڌ جي مختلف شهرن اندر چار سؤ مدرسا قائم ڪيل هئا، جتي سنڌ ۽ ٻاهرين ملڪن جا عالم خلق کي فيض رسائيندا ٿي رهيا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۱۱۷۴هه-۱۷۶۰ع. مخدوم محمد معين شيخ محمد حيات سنڌي، شيخ ابوالحسن، خواجه محمد زمان لواري شريف وارو، شاه عنايت، شاه ڪريم ۽ ٻتائي گهوٽ انهيءَ دور جي علم ۽ فضل جا سرچشما ٿي گذريا آهن.

## موسيقي جو فروغ:

سنڌي موسيقيءَ جو علم ۽ فن اوائل کان شروع ڏي هر دور ۾ فروغ حاصل ڪندو رهيو، خاص ڪري سومرن جي دور ۾ جڏهن لوڪ ادب وجود ۾ آيو، ته هن ۾ هيڪاري وڏيڪ نواڻ ۽ نکار جو واڌارو ٿيندو ويو. ڪلهوڙن جي دور ۾ حڪيم عبدالرؤف ۽ مير علي شير قانع موسيقيءَ تي ڪتاب لکيا، عملي طرح حضرت شاه عبداللطيف "يٽ ڌڻي" انهيءَ

---

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ، ڊاڪٽر ايس. پي ڇٻلاڻي.

حڪيم عبدالرزاق مشرب ۽ ٻيا طبي عالم سنڌس مقرب هئا. انهيءَ شهزادي، علم طب تي لاجواب تصنيفون مڪمل ڪيون هيون جن مان طب دائودي ۽ باز نامو مشهور آهن. پهرين تصنيف مائهن جي علاج بابت ۽ ٻي جانورن جي بيمارين متعلق هئي.

انهيءَ شهزادي کان علاوه به هرهڪ ڪلهوڙو حاڪم طب جو شائق ۽ طبيبن جو قدردان هيو. ايراني توڙي هندستاني طبي عالم هنن جي درٻارين جا وظيفه خوار هوندا هئا، سنڌي طبيبن جي پڻ هنن وڏي سرپرستي ڪئي. هڪ هندو طبيب ميان محمد دائود جي نسبت سان پاڻ به دائودي سڏائيندو هيو.(١) جنهن مان هن خاندان جي طبي هردلعزيزي جي ڇاڻ پوي ٿي. هي تذڪرو ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي گذريل عالمن ۽ طبيبن جي سوانح سان مڪمل ڪجي ٿو.

## مير امين الدين خان:

مير امين الدين خان ولد مير ابوالمڪارم شهود علم ۽ امارت جو جامع هڪ وڏي خاندان جو ممتاز فرد هيو. پنهنجي زماني ۾ حڪومت جي اختيارات سان گڏ علمي شغل به جاري رکندو ٿي آيو. مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو: مير امين الدين خان وڏي مرتبي وارو امير هيو سندس گهڻو وقت ڪتابن جي مطالعي ۽ عالمن جي صحبت ۾ گذرندو ٿي رهيو.

شروعات ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي پاران ڪيس خانپور لڳ شڪارپور ۾ جاگير مليل هئي. اهو سارو علائقو سندس سنڀال هيٺ رهندو آيو. ان کان پوءِ اورنگزيب پاران ١١١٤ هه ڏاري ٺٽي جو نواب مقرر ٿيو ۽ نهايت سهڻي نموني انتظام هلايائين.

مير صاحب تعليم جي تحصيل ٺٽي مان ڪئي هئي ان زماني ۾ شيخ عبدالواسع ٺٽوي جو مدرسو تعليم جي لحاظ کان

(١) مضمون جناب سيد حسام الدين راشدي خاص نمبر روزانه مهراڻ ١٩٥٧ع

گڏ ماءُ جي حياتي به نه هلي وڃي سو هڪدم انهي مائي جو پيٽ چيري ٻار ٻاهر ڪڍيائون.

٣- ٺٽي جي هڪ افغان عنايت خان جي ماءُ ويم جي سورن ۾ گذاري وئي مائٽن ان کي وڃي مڪليءَ ۾ دفنايو، ٻن سالن کان پوءِ ڪي ٻاڙيسري پنهنجا ٻار وٺي مڪليءَ تي ويا، وڏا ختمي ۾ مشغول ٿي ويا ۽ ٻار اوسي پاسي راند ڪرڻ لڳا اوچتي ٻارن جي گوڙ تي ٻن سالن جو هڪ ٻار عنايت خان جي ماءُ جي قبر مان ٻاهر نڪري آيو ٻار ان کي ڏسي دانهون ڪري وٺي ڀڳا، سندس مائٽ به تڙتڪڙ ۾ قبرستان مان نڪري آيا ۽ شهر ۾ اچي اها ڳالهه ڪوليائون چؤ طرف، هوءِ هواءِ ٿي وئي. عنايت خان کي جڏهن خبر پئي ته هو چار ماڻهو ساڻ ڪري مڪليءَ ۾ وڃي ماءُ جي قبر کوٽائي اهو ٻار هٿ ڪيائين جنهن کي گهر ۾ آڻي ٻالي ناتي وڏو ڪيو ويو. مير امين الدين خان لکي ٿو ته مون پنهنجي اکين سان انهي ماڻهوءَ کي ڏٺو هيو هي پنجاهه سالن تائين جيئرو رهيو. سندس عضون جي بيهڪ پوريءَ طرح نه هئي ان ڪري عجيب پئي لڳو ۽ گونگن وانگي اشارن ۾ پئي ڳالهايائين. هن جي شادي به ٿي ڪيس ٻار به ٿيا. سندس نالو رحمت خان هيو. ذڪر ڪيل واقعن مان پهريون واقعو حيرت انگيز آهي جنهن ۾ گوشت جي ٻوٽي جهڙي انسان جسم کي معتدل جاءِ ۾ رکي مڪمل صورت ۾ آندو ويو. اهي ماڻهون جن کي سائنس کان بي خبر ليکيو وڃي ٿو تن جو اهو ڪمال بيشڪ ساراهڻ لائق آهي.

مير امين الدين جي وفات ١١٢٧هه مطابق ١٧١٥ع ۾ ٿي هئي.(١)

## مير عبدالرزاق مشرب:

اصفهاني سيد، فارسي جو برگزيده شاعر ۽ سيني علمن

---

(١) مقالات الشعراء ۽ تحفة الڪرام مير علي شير قانع.

۾ يڪتا هو خاص ڪري علم جفر ۽ نجوم ۾ ته سندس ڪو ثاني نه هو.

سندس طبي قابليت متعلق مير علي شير قانع لکي ٿو ته پنهنجي دور جو گويا جالينوس هو.

اورنگزيب جي زماني ۾ سنڌ مان بريلي ويو ۽ اتي ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ لکنو جي سادات سان قرابت هئڻ سبب ڪو عرصو اتيئي گذاريائين. ڪي ڏينهن ڪشمير جي صوبيدار نوازش خان وٽ به رهيو، آخري عمر ۾ سنڌ ڏانهن واپس اچي ميان محمد دائود خان عباسي جي دربار سان تعلق پيدا ڪيائين جتي چڱي پذيرائي ٿيس.

يد بيضا جو مصنف غلام علي بلگرامي لکي ٿو ته:

حڪيم عبدالرزاق سڀني معقول توڙي منقول علمن ۾ ماهر جفر اعداد ۽ طب ۾ بقراط زمان ۽ جالينوس دوران هو. سخاوت ۾ به حاتم طائي ثاني هو. ماڻهن جي علاج سان گڏ سندن تيمارداري به پاڻ ڪندو هو. سندس وفات ١١١٧هه ۾ ٿي هئي. (١)

## مخدوم جلال محمد:

وڏو عالم تقرير ۽ تحرير جو ڌڻي پنهنجي زماني ۾ بي نظير ٿي گذريو آهي. هن جهڙو سڀني علمن ۾ جامع ٻيو ڪونه هو.

مخدوم محمد معين ٺٽوي هن کي اڪثر عالمن تي نهايت فوقيت پئي ڏني. هو هڪ وڏو عالم هو تاهم نجوم جي مهارت کان علاوه طب جي علم ۾ بقراط ثاني ۽ بوعلي اول ليکيو ٿي ويو.

(١) سنڌ ڪي قديم اطباء، مضمون مولانا اعجاز الحق قدوسي ماهنامه همدرد صحت اڪتوبر ١٩٥٧ع.

ايڏي ڪمال هوندي به عام ماڻهن جيان نهايت سادگي سان حياتي بسر ٿي ڪيائين ۽ دولتمندن کي ڪنهن به وقت پاڻ ڏانهن رجوع ٿيڻ جو موقعو نه ڏيندو هيو. سندس وفات ١١٢٠هه ڌاري ٿي هئي.(١)

ڪڪرالي جي ٻي حڪيم، سيد علي اڪبر جو نالو به طب جي ڪيترن قلمي بياضن مان ملي ٿو، ليڪن انهي حڪيم جو تفصيلي احوال هٿ نه اچي سگهيو آهي. علائقي ڪڪرالي بابت مير علي شير قانع پنهنجي ڪتاب تحفته الڪرام ۾ لکي ٿو ته: هي سمنڊ جي ڪناري سان لاڳيتي هڪ سرزمين جو نالو آهي جا اصل کان سنڌ جي حڪومت ۾ داخل هئي.

## شاهه اسماعيل صوفي:

شاهه اسدالله عرف شاهه اسماعيل صوفي مشهور هروي بزرگ شيخ عبدالله انصاري متوفي (٤٨١هه) جي اولاد مان حضرت شاهه عاشق الله جو مريد ۽ حضرت شاهه عنايت (١١٣٠هه) جو مخلص هيو. مير علي شير قانع لکي ٿو ته نثي ۾ هن جهڙو ڪماليت جو صاحب ويجهڙائي ۾ پيدا ڪو نه ٿيو.

باطني علوم کان علاوه ظاهر ۾ خلق خدا جي دوا درمل ڪرڻ ۾ ڏاڍو ڪمال ڏيکاريندو هيو عجب وري اهو جو نامردن ۽ مرڻهينگ ماڻهن کي اهڙين معمولي ۽ عقل ۾ نه ايندڙ شين سان شفا ياب ڪري ڇڏيندو هيو جو حڪيم ته پري رهيا پرڪو عامي ماڻهو به جهڪر اها دوا تجويز نه ڪري.

پاڻ سدائين استغراق ۾ رهندو هيو ۽ مثنوي روم جو

---

(١) تحفته الڪرام مير علي شير قانع نثوي ص ٤٣٧ ۽ ٤٣٨.
وفات جي تاريخ جناب پير حسام الدين راشدي جي مضمون تان ورتل.

درس جاري رکندو آيو. هن پلاري شخص جي وفات کان پوءِ سندس پائنيو شاه حسن الله ولد شاه عزت الله فقيرن جي صحبت ۾ رهي دوا درمل وسيلي ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاري ويو. (١)

## حڪيم سيد عبدالڪريم رضوي:

پنهنجي دور جو لاثاني طبيب جنهن جي ناموري کان متاثر ٿي ميان نور محمد عباسي ١١٦٧ھ ڪيس پنهنجي دربار ۾ وڏي منصب تي مامور ڪيو هيو.

حڪيم الحڪماء حڪيم عبد الفتاح گيلاني جنهن جي ناموري سڄي هندستان ۾ هئي. حڪيم سيد عبدالڪريم جو استاد هيو. انهي گيلاني خاندان مان حڪيم محمد حسين شاهه سنڌ ۾ اچي ٽنڊي محمد خان جو شهر وسايو هيو مشهور حڪيم سيد غلام مرتضيٰ به ساڳئي خاندان مان ٿي گذريو آهي.

حڪيم عبدالڪريم ميان نور محمد جي وفات کان پوءِ دربار کان الگ ٿي پنهنجو مطب جاري ڪيو هيو. علاج جي شغل سان گڏ طبي تصنيف جو سلسلو به هلائيندو رهيو، سندس تصانيف مان جامع المنافع نالي هڪ قلمي بياض پير جهنڊي جي تاريخي ڪتب خاني ۾ موجود آهي (٢)

انهيءَ بياض ۾ سنڌ جي عالمن، حڪيمن، بزرگن ۽ بادشاهن توڙي اميرن وزيرن جا سوين طبي نسخا نقل ٿيل آهن جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته طب جي علم ۽ فن جي سنڌ ۾ ڪيتري اهميت ۽ مقبوليت هئي. انهيءَ بياض جو هڪ قلمي نسخو راقم

---

(١) تحفة الڪرام ص ٥٧٢ ۽ تذڪره مقالات الشعراء ص ٧٤ - مير علي شير قانع ٺٽوي.

(٢) مضمون جناب پير حسام الدين راشدي خاص نمبر روزانه مهراڻ نومبر ١٩٥٧ -

کي به هٿ آيو هيو جيڪو سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو ويو.

محمد عبدالڪريم جي شاگردن مان حڪيم محمد بکري مشهور شخصيت ٿي گذريو آهي جنهن جي طب جي علم ۽ فن ۾ گهڻي هاڪ هئي.

جامع المنافع ۾ آيل نالا هن ڪتاب ۾ پيش ڪيا ويا آهن.

## مرزا احمد جعفر:

اصل شيراز جو هيو جتان سير سفر جي خيال سان سنڌ ۾ آيو ۽ ميان خدا داد خان عباسي ڪيس پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو.

طب، جفر ۽ علم تڪثير ۾ عامل ڪامل بيان ڪيو وڃي ٿو. ميان نور محمد عباسي جي فرمائش تي جامع جفر جي نالي هڪ ڪتاب لکيو هئائين.

مير علي شير قانع چند ڏينهن سندس شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيو هيو. هن جي وفات ١١٦٧ھ ۾ ٿي هئي.(١)

## مرزا علي محمد:

ميان نور محمد عباسي جي دور ١١٦٧ھ ۾ ايران کان سنڌ ۾ آيو هيو ۽ ميان صاحب جي دربار ۾ ملازمت اختيار ڪيائين جنهن مان وڏي وڏي منصب تي رسيو.

مير علي شير قانع لکي ٿو ته ميان صاحب جي دربار ۾ ڪو به ماڻهو سرڪاري عهدي تي اهڙي مان مرتبي وارو ڪونه ٿيو هيو.

(١) مير علي شير قانع.

مرزا علي مدد حڪمت ۽ جفر ۾ وقت جو استاد هيو نجوم جي علم تي به پورو عبور هوس.

پڇاڙيءَ واري ڄمار ۾ مستقل طور سيوهڻ وڃي اتي قيام پذير ٿيو ۽ اتيئي ڄمار پوري ڪيائين.(١)

## حڪيم عبدالرئوف:

سنڌ جي عباسي حڪمران ميان نور محمد (١١٦٧هه) جي دربار ۾ وڏي عهدي تي فائز ۽ فاضل حڪيم هيو. طب جي علم ۽ فن متعلق هڪ جامع تصنيف پڻ تيار ڪئي هيائين جا ميان نور محمد جي نالي منسوب هئي.

مير علي شير قانع لکي ٿو ته حڪيم عبدالرؤف تمام ڪمال ۽ قابليت جو مالڪ هيو. وقت جي وڏي عالم مير عبدالجليل بلگرامي سان سندس گهري دوستي هوندي هئي. هي حڪمت ۾ بي نظير هئڻ کان علاوه موسيقيءَ جي فن ۾ به ماهر هيو ۽ انهيءَ تي ڪتاب النغم نالي هڪ تصنيف به لکي ميان نور محمد کي پيش ڪئي هئائين. هي ميان نور محمد جي ملازمت ۾ اچڻ کان اڳ سبيءَ جي نواب بختيار خان وٽ به ملازم رهي چڪو هيو.(٢)

سندس پٽ حڪيم شيخ ڪرم الله ميان غلام شاه (١١٨٦هه) جي دربار ۾ وڏي منصب تي مامور ۽ غير معمولي شهرت جو مالڪ ٿي گذريو هيو. تحفة الڪرام جي بيان موجب شيخ ڪرم الله بلند مرتبي وارو انسان ۽ طب جي علم ۽ فن ۾ پنهنجي پيءُ حڪيم عبدالرؤف جيان مشهور معروف هيو.(٣)

## حڪيم مير محمد اڪرم:

هي ميان نور محمد عباسي وٽ ملازم هيو ڪجهه عرصو

---

١ – ٢ ۽ ٣ تحفة الڪرام مير علي شير قانع.

بکر جي نظامت تي مامور رهيو ۽ ١٢٦٧ھ ڌاري وفات ڪئي هئائين. پنهنجي وقت جو قابل ۽ مشهور حڪيم هيو. ميان نور محمد جي دربار ۾ نهايت عزت سان زندگي بسر ڪندو ٿي رهيو.

مير سراج الدين ۽ مير تاج الدين سندس نامور فرزند هئا، هنن کي پڻ چڱي عزت حاصل هئي.(١)

هنن مان مير تاج الدين به حڪيم ۽ صاحب بياض هيو.

## مير محمد علي مشهدي:

مشهد مان لڏي پلاڻي اچي سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيو. ميان محمد مراد ياب خان عباسي کيس پنهنجو خاص مقرب ڪيو هيو. هي شاعر هئڻ سان گڏ علم جفر ۽ نجوم ۾ به بي مثل هيو حڪمت ۽ طب ۾ به ابتري ئي ڪماليت تي رکيائين. سندس تعلق طبا طبائي سادات سان هيو. هن جي وفات ١١٦٩ ھ ڌاري سنڌ ۾ ٿي هئي.(٢)

## سيد محمد زمان:

هي بزرگ لاڙ جي پاسي بلڙي جي پيرسان هڪ وڏو عالم ۽ اهل الله ٿي گذريو آهي. سندس ڏاڏو سيد مير پڻ پنهنجي دور جي مشائخن مان هيو. هن بزرگ خاندان جو درگاه اڃا تائين بدين جي لڳ ڏاڪڻ طرف آباد رهندو اچي ٿو، جتي اڪثر زيارتين جي آمدرفت جاري آهي.

سيد محمد زمان طريقت ۽ معرفت جي شغل سان گڏ طب ۽ حڪمت سان به تعلق رکندو پئي آيو ۽ خلق خدا جي چڱي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. هن بزرگ جا ڪيئي مجرب نسخا حڪيم سيد عبدالڪريم رضوي جي قلمي بياض جامع المنافع

١-٢ تحفته الڪرام، مير علي شير قانع

۾ نقل ڪيل آهن. سنڌس وفات ۱۱۷۰هه جي لڳ ڀڳ ٻڌائي وڃي ٿي.(۱)

## ميان شفيع محمد:

حاجي محمد حافظ ڏوبي جي لقب سان مشهور ۽ فقيريءَ جي دنيا ۾ بي‌نظير بزرگ هيو. هن جا وڏا اصل بکر جي علائقي جي ڳوٺ ڏوبي جا رهاڪو هئا. انهيءَ ئي بزرگ جي اولاد مان ميان شفيع محمد ڏک ڏاڪڙا سهي، ڪيترن ملڪن جا ڪشالا ڪري، اڪثر علمن ۾ ڪامل مهارت حاصل ڪئي هئي. طب ۾ وڏو عالم ۽ علم تشريح جو تمام ماهر هيو. ڪيترو وقت انهيءَ علم جي تصنيف تاليف ۾ به صرف ڪيائين.

اڪين جي تشريح ۽ بيمارين بابت هڪ ضخيم ڪتاب جي تياري ۾ مشغول رهندي (۱۱۷۴هه) ڏاري هي جهان ڇڏي ويو.

ميان نور محمد واعظ متوفي ۱۱۷۶هه ۽ ميان محمد قاسم متوفي ۱۱۵۰ هه هن ئي خاندان جا مشهور معروف فرد ٿي گذريا آهن.(۲)

ميان شفيع محمد جو ڪتاب دستياب نه آهي ان ڪري ان لاءِ ڪا راءِ نٿي ڏئي سگهجي، تنهن هوندي به مٿين روايت پڙهڻ کان پوءِ طب جي هن ٻرک عالم جي ڪوشش کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. انهيءَ مان اها چاڻ پوي ٿي ته اسان جي سنڌ جا طبي عالم هن فن جي تحصيل لاءِ ڪيئن سفر جون سختيون برداشت ڪري، انهيءَ فن کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجا طبي شاهڪار قلمبند ڪندا ٿي رهيا.

---

(۱) مضمون جناب سيد حسام الدين راشدي روزانه مهراڻ خاص نمبر ۱۹۵۷ع
(۲) تحفة الڪرام مير علي شير قانع، ص ۵۷۶

## حڪيم بولچند:

مِيان محمد دائود خان عباسي جي زماني جو حاذق حڪيم ٿي گذريو آهي. هي ميان محمد دائود خان جو خانداني طبيب فارسي زبان جو عالم طب جي فن ۽ تصنيف ۾ ماهر هيو. هن جون ڪيئي طبي تصنيفون ميان محمد دائود خان جي نالي منسوب آهن جهڙوڪ: طب دائودي وغيره.

حڪيم بولچند جي ميان محمد دائود خان سان ايتري عقيدت هوندي هئي، جو پاڻ به فخر سان دائودي سڏائيندو هيو. مجربات حڪيم بولچند دائود خاني جنهن جي مٿان حڪيم بولچند جي مهرثبت ٿيل آهي. سنڌس بهترين طبي تصنيف قلمي صورت ۾ موجود آهي. حڪيم بولچند جي زماني ۾ ٻيا به ڪيئي هندو حڪيم هئا، جن مان ڀائي لال چند، ڀائي ملوڪ چند، سنياسي ڪرپارام ۽ ديوان گلراج جا نالا ملن ٿا.

حڪيم بولچند جو ديهانت ١١٨٠ هه ۾ ٿيو هيو.(١)

## حڪيم ايسرداس:

مٿين نامور عالم ۽ حڪيم بولچند جو فرزند جيڪو خود فارسيءَ جو فاضل ۽ نامور حڪيم ٿي گذريو آهي. حڪيم بولچند جي فارسي ڪتاب گلشن اطباء تي فارسي ۾ لکيل حڪيم ايسرداس جو تعارف سندس علمي معيار جي پوري گواهي ڏئي ٿو.

حڪيم ايسرداس دوا شناسي ۾ ماهر هئڻ سان گڏ نبض شناسي ۾ به وڏي مهارت جو مالڪ هيو. هن به نبض ۽ دوا شناسي تي فارسيءَ ۾ هڪ قلمي بياض لکيو هيو.(٢)

---

(١) مضمون جناب سيد حسام الدين راشدي خاص نمبر روزانه مهراڻ نومبر ١٩٥٧ع.

(٢) جناب حڪيم عبدالله ڏاهري جي پي. ايڇ. ڊي لاءِ تيار ڪيل مضمون تان.

## سيد عبدالله:

فخرالعلماء سيد سعدالله سورتي جو قابل فخر فرزند جنهن کي عباسي حڪمران سورت مان گهرائي سنڌ ۾ آڻي رهايو. نجوم ۽ حڪمت سان گڏ ٻين علمن ۾ به پنهنجو مثال پاڻ هيو.

سندس والد بزرگوار سعدالله سورتي ظاهري ۽ باطني علوم منطق، حڪمت توڙي سيميا، هيميا ۽ ڪيميا ۾ بي عديل هيو.

اورنگزيب عالمگير هن کي پنهنجي رقعات ۾ سيدي ۽ سنڌي جهڙن مانائتن لقبن سان ياد ڪيو آهي. ڪيس پنهنجي وقت جو فخرالعلماء ليکيو ويندو هيو سندس ڪيئي ڪتاب مختلف موضوعن تي لکيل آهن. هن بزرگ ۱۱۳۸ هه ۾ لاڏائو ڪيو هيو سيد عبدالله ۱۱۸۱ هه ڌاري سنڌ ۾ آيو هيو.

## خواجه مير مرتضيٰ تلوي:

هن جا وڏا هرات ڪان سنڌ ۾ آيا هئا جن جو تعلق خواجه احرار جي خاندان سان هيو. خواجه شهاب الدين ولد خواجه ڪمال الدين اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ پهريان هرات ڪان هندستان ويو پوءِ ٺٽي جي مير محمد حسين هروي جي نياڻي سان اڇي مڱڻو ڪيائين ۽ شادي ڪان پوءِ هميشه لاءِ هتي رهي پيو.

خواجه مير مرتضيٰ انهيءَ ئي بزرگ جي اولاد مان هڪ نامور عالم ۽ طبيب ٿي گذريو آهي جنهن جي حڪيم مير عبدالرزاق سان گهڻي محبت ۽ دوستي هئي. هي پهريان ميان محمد دائود عباسي وٽ ملازم ٿيو پوءِ ميان نورمحمد جي ملازمت اختيار ڪيائين عمر جا پويان ڏينهن ميان محمد مراد ياب ۽ ميان غلام شاهه جي خدمت ۾ پورا ڪيائين سندس رحلت ۱۱۸۱ هه ۾ ٿي هئي.(۱)

(۱) تحفته الڪرام، مير علي شير قانع.

## حڪيم سيد عبدالڪريم حقاڻي:

حڪيم حاجي سيد عبدالڪريم ولد مير سيد حاجي حڪيم نور محمد روهڙيءَ جي مشهور بزرگ شاهه حيدر حقاني متوفي ١٠٢٩هه جي خاندان مان ڪلهوڙن جي دور جو جليل القدر عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي (١١٧٠هه) والي سنڌ وٽ شاهي حڪيم جو درجو ملئل هوس، جتي تمام خوش وقت گذاريائين.

ميان غلام شاهه جي وفات ڪان پوءِ ميان سرفراز وٽ بہ ساڳئي عهدي تي فائز رهيو. هن جي وفات ١١٨١هه ڌاري ٿي هئي. ڪيترن قلمي بياضن ۾ سندس طبي نسخا نالي سميت درج ٿيل آهن.(١)

## حڪيم مير اسدالله خان غالب:

هي ۽ سندس پاءُ مير معظم علي خان هندستان جي سادات خاندانن مان مشهور شاعر ۽ علم طب ۾ ماهر ٿي گذريا آهن. نواب همت دلير خان جي زماني ۾ حج تي ويندي ٺٽي مان لانگهائو ٿيو. هتان جي آب هوا وڻي ويس يا داڻي پاڻي جي ڇڪ ٿيس سو حج تان موٽڻ بعد ميان نورمحمد عباسي وٽ اچي رهيو ۽ نادر شاهه جي زماني ١١٥٢هه تائين وٽس مقيم هيو.

مير علي شير قانع لکيو آهي تہ هي وقت جو وڏو حڪيم هو جنهن جي علمي ڪمالات تي جيترو بہ لکجي ٿورو ٿيندو. حڪيم مير اسدالله طب جي تعليم حڪيم مير يعقوب خان وٽان ورتي هئي. طب جي مشهور ڪتاب ذخيره خوارزم شاهي تي اختصار لکيو هئائين انهيءَ مان سندس طبي ڪمال ۽ علمي استعداد واضع آهي. مير صاحب فارسي زبان جو بہ بهترين شاعر

(١) تحفة الڪرام مير علي شير قانع ص ٣١٤-٣٢٢.

۾ شاهي طبيب ٿي گذريو آهي. اصل اصفهان جو هيو جڏهن نادر شاهه ايران تي چڙهائي ڪئي تڏهن ايران ڇڏي ١١٥٠هه ۾ هندستان هليو ويو ۽ مدراس جي راجا جو خاص طبيب مقرر ٿيو جتان ١١٦٧هه ۾ ميان نور محمد عباسي کيس گهرائي پنهنجو خاص طبيب ڪري رکيو. ميان نور محمد کي حڪيم عبدالهادي سان عقيدت جي حد تائين انسيت هئي.

مير علي شير قانع لکي ٿو ته حڪيم عبدالهادي جي طبي ڪمال سبب عام خاص ماڻهو پنهنجي علاج لاءِ هن ڏانهن رجوع ٿيندا هئا اوري پري جي خلق وٽس اچي رات ڏينهن دوا درمل لاءِ انتظار ڪندي هئي.

سندس حذاقت بابت بيان ڪيل آهي ته هڪ دفعي بکر کان سيد فتح علي خان ولد سيد مير حسين قلي رضوي اڙرنگ جي علاج واسطي هن وٽ آيو ان وقت حڪيم عبدالهادي محمدآباد نالي هڪ شهر ۾ رهيل هيو جتي اتفاق سان مير علي شير قانع به موجود هيو جنهن مير عبدالهادي جي هن واقعي جي شهادت ۾ مختصر ذڪر ڪندي لکيو آهي ته سيد فتح علي خان ٿوري وقت جي اندر حڪيم عبدالهادي جي علاج سان شفاياب ٿي ويو، مير عبدالهادي جي وفات ١١٩٣هه ڌاري خداآباد ثالث ۾ ٿي هئي سندس مزار به انهئي آهي.

هن باري ۾ هي روايت آهي ته ميان نور محمد عباسي جا مدراس جي راجا سان دوستانه تعلقات هئا هڪ دفعي ميان صاحب بيمار ٿي پيو ته حڪيم عبدالهادي کي راجا سندس علاج لاءِ سنڌ اماڻيو حڪيم عبدالهادي اڃا سنڌ ۾ ئي هيو ته راجا رحلت ڪري ويو جنهنڪري ميان نور محمد حڪيم عبدالهادي کي سنڌ ۾ ئي رهائي ڇڏيو. هن خاندان مان

ذاري سنڌ ۾ آيو هيو. مير علي شير قانع جي ولادت (١١٤٠هه) ۾ ٿي هئي.

مير صاحب ٺٽي جي جيد عالمن ميان نعمت الله ميان محمد صادق، آخوند محمد شفيع، آخوند ابو الحسن ۽ ميرزا محمد جعفر شيرازيءَ وٽان مختلف علمن جي تحصيل ڪئي هئي. هن بزرگ جو پنهنجي خانداني روايت موجب علم ادب جي هر شعبي سان تعلق رهندو آيو. مقدس قلمي تصنيف نصاب البالغا ۾ جيڪي لاتعداد موضوع درج ٿيل آهن تن جي فهرست پڙهندي ائين محسوس ٿو ٿئي ته مير صاحب طب ۾ به وڏي ڪمال ۽ تدبر جو مالڪ هيو.

انهيءَ فهرست سان طب، نجوم ۽ موسيقي سان تعلق رکندڙ موضوع هن ريت آهن:

١- علم طب و متعلقات او.
٢- اسماءِ اعضاء.
٣- اسباب غذا.
٤- ذڪر آب و زمين.
٥- اجناس غله.
٦- اقسام سبزي و بقول.
٧- موسم ڪاشت.
٨- ذڪر لحوم.
٩- عطريات و عقاقير.
١٠- اقسام خوراڪ.
١١- آلات و ادوات طبخ.
١٢- اوقات طعام خوردن.
١٣- تاهل، تناڪح و توالد.
١٤- آرائش عروس.
١٥- دامادي و صحبت.
١٦- لوازم مولود.
١٧- ابتداء حمل.
١٨- لوازم طفل.
١٩- بازيهاي اطفال.
٢٠- تعليم و تعلم اطفال.
٢١- اصطلاحات علوم.
٢٢- اسماي منازل ماه.
٢٣- تقسيم منازل بروج.
٢٤- سال عربي.
٢٥- عدد ايام سال فارسي.
٢٦- ماه هاي بحساب شمس.
٢٧- ماه هاي سندي و نامهاي فارسي.

# ٽالپورن جي حڪومت

١- ٽالپورن جو سنڌ سان تعلق
٢- سياسي صورتحال ٣- ملڪ جي
آبادي ٤- واپار ٥- علم ادب ٦- طب
٧- طبي عالم ٨- طبي شائقن جا نالا
٩- قلمي ڪتابن جي فهرست.

# ٽالپورن جو سنڌ سان تعلق

ٽالپر اصل ايران جي پاسي جا هئا مگر سنڌ سان هنن جي محبت صدين کان ڪنهن نه ڪنهن حالت ۾ گهٽ ڪين هئي. ڪلهوڙن جي دربار ۾ ڪين اميرن جو درجو حاصل هيو. جڏهن به سنڌ تي ڪا مصيبت ايندي هئي ته هي سر ترئيءَ تي رکي ان کي دفع ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا هئا. ڪلهوڙن سان هنن جو مريدي خادمي وارو رستو هيو. سندن ئي بازن جي قوت سان ڪلهوڙن مغلن، بلوچن، دائود پوٽن، افغانن ۽ بروهين توڙي ٻين قومن سان مقابلا ڪري انهن کي شڪستون ڏنيون هيون. ميان يار محمد، ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهه سندن صلاح ۽ مصلحت سان هر قدم کڻندا هئا، هنن کي سڄيءَ سنڌ اندر جاگيرون عطا ٿيل هيون. مير بهرام خان ولد مير شهداد خان ڪلهوڙن جي فوج ۾ سپهه سالار هيو جنهن ڪڇ ڪڇي ۽ ٻين علائقن جي جنگين ۾ پنهنجي فوجي قابليت ۽ بهادري ثابت ڪري ڏيکاري هئي. جيستائين ٽالپور اميرن جو ڪلهوڙن سان ساٿ هيو تيستائين سنڌ ۾ اندروني طور ڪوبه وگوڙ پيدا نه ٿيو ۽ هرڪو امن سان زندگي گذاريندو هيو. پر جڏهن ٽالپورن سان ڪلهوڙن جي دشمني شروع ٿي ته سڀئي معاملا يڪسر بدلجي ويا.

## سياسي صورتحال:

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ناسازي جو سنڌ جي سياسي صورتحال تي خراب اثر پوندو ويو، خاص ڪري جڏهن ميان سرفراز عباسي پنهنجي درٻارين جي چُرچ تي مير بهرام خان ۽ سندس پٽ مير صوبدار خان کي ناحق قتل ڪرايو ته سنڌ ۾

رهندڙ سڀئي ٽالپور ڪلهوڙن جا مخالف ٿي پيا.

مير بهرام خان ۽ مير صوبدار خان جي شهيد ٿيڻ وقت مير بجار خان (مير بهرام خان جو پٽ) حج تي ويل هيو. سندس غير حاضري ۾ ٽالپورن مير فتح خان جي قيادت ۾ هڪ ميڙ ڪونايو جنهن ۾ مير فتح خان ڪچهريءَ سان مخاطب ٿيندي چيو ته:

اڄ مرشدن (ڪلهوڙن) وڏان مريدن (ٽالپورن) کي جيڪو فيض پهچي چڪو آهي سو اوهين ڏسي رهيا آهيو، هاڻ بهتر آهي ته مردانگيءَ سان ڪلهوڙن کان خون ناحق جو بدلو وٺو گهرجي.

ان کان پوءِ ٽالپورن مير فتح خان جي اڳواڻي هيٺ خدا آباد تي ڪاهه ڪئي ميان سرفراز رانو واهه اتان فرار ٿي حيدرآباد جي قلعي ۾ پناهي ٿيو. ٽالپورن جي بغاوت ڏسي درٻارين ڪيس تخت تان لاهي سندس چاچي ميان غلام نبي کي ١٧٧٧ع ۾ گاديءَ تي ويهاريو.

ميان غلام نبي به ساڳيءَ ريت ٽالپورن سان عداوت رکندو آيو جنهنڪري حالتون ويتر خراب ٿينديون ويون مير بجار خان حج تان موٽندي قلات جي مير نصير خان وٽ وڃي پهتو جنهن سنڌ جي سياسي صورتحال تي تبصرو ڪندي مير بجار خان کي فوجي امداد جي آڇ ڪئي پر مير بجار خان ڪمال شرافت سان کيس وراڻي ڏني ته:

سنڌ اسان بلوچن جي ماءُ برابر آهي، اها نهايت شرم جهڙي ڳالهه ٿيندي جو اسان ان تي ڪنهن ڌاري فوج سان ڪاهه ڪريون.

مير بجار خان سنڌ ۾ پهچي ٽالپورن جي مدد سان ڪلهوڙن تي چڙهائي ڪئي جنهن ۾ ميان غلام نبي شڪست

ڪاٺڻ کان پوءِ پنهنجي ئي ماڻهن هٿان مارجي ويو.

مير بجار خان جي ڪوشش هئي ته ميان سرفراز (جنهن کي ميان غلام نبي قيد ڪيو هيو) کي جيل مان ڪڍي وري گاديءَ تي ويهارجي پر ان کان اڳ ميان غلام نبي پنهنجي قيدين مان گڏ ميان سرفراز کي قتل ڪرائي ڇڏيو هيو. آخر ميان عبدالنبي تخت تي ويٺو، هي به ميان سرفراز جو چاچو هيو.

ميان عبدالنبي، مير بجار خان کي پهريان پنهنجو وزير مقرر ڪري، پوءِ ڪيس مارائي ڇڏيو. آخرڪار ميان عبدالنبي به ١١٩٦ هه ۾ ٽالپور اميرن هٿان شڪست کائي حڪومت وڃائي، جنهن کان پوءِ مير فتح خان ٽالپور، سنڌ ۾ ٽالپور گهراڻي جي حڪومت جو پايو وڌو ۽ پاڻ سنڌ جو پهريون حاڪم بڻيو.(١)

## ملڪ جي آبادي:

ڪلهوڙن جي جانشين ٽالپورن جي دور ۾ سنڌ جي زرعي زوال جي آڪاڻي ڏاڍي دکدائڪ آهي. ٽالپور ڪلهوڙن جهڙا روشن دماغ ڪين هئا، ملڪ جو سمورو ڪاروبار ۽ پنهنجا فرض وساري ڇڏيائون، سڄو وقت شڪارن ۾ ضايع ڪندا رهيا، زرخيز زمين جون وڏيون ايراضيون شڪارگاهن ۾ بدلائي بيڪار ڪري ڇڏيائون. سنڌ جي باري ۾ جن مصنفن اڻويهين صديءَ ۾ لکيو آهي، تن گهڻو ڪري انهن شڪارگاهن جو ذڪر ڪيو آهي، جن زراعت کي وڏو نقصان رسايو هيو. خود شاهي خزاني کي به ڪافي خسارو پهتو. ايسٽ انڊيا جو سياسي ۽ واپاري نمائندو نٿن ڪرو (١٧٩٩ع) لکي ٿو:

مير فتح خان، حيدرآباد جي پرسان زرخيز ترين زمين جي ايراضيءَ مان هڪ وڏو حصو شڪارگاه لاءِ خالي ڪرائي ڇڏيو

(١) جنت سنڌ، محترم مولائي شيدائي.

آهي، ان ڪري سندس خزاني کي ٻن لکن رپين جي ڏيل جو هرسال نقصان پهچي ٿو.

پاٽنجر به لکي ٿو ته: سنڌ جي ميرن کي شڪار جو گهڻو شوق آهي، هنن کي پنهنجي ملڪ جي تباهه ٿيڻ جو ڪوبه احساس ڪونهي. اهي ايراضيون جيڪي گذريل ويهن سالن کان زرعي حالت ۾ نهايت آسوديون هيون، سي هاڻ بيڪار وڻن ۽ گهاٽن جهنگن سان ڀريل آهن.

ڊيل هوسٽ (١٨٢٨ع) به ساڳي ڳالهه ٿو لکي ته: ملڪ جو گهڻو حصو شڪارگاهن ۾ تبديل ٿي ويو. بدقسمتي سان هتي جا زرخيز علائقا ٻيرن ۽ لئين سان ڍڪجي چڪا آهن، باقي ڪو چوٿون حصو زمين جو پوک لائق وڃي بچيو آهي.(١)

افسوس آهي ته ميرن جيڪو ملڪ، رت جي راند سان ورتو، تنهن جو پڇاڙيءَ اهو قدر ڪيائون، جو آباديون ويران ٿي ويون.

## واپار:

ميرن جي دور ۾ سنڌ جي واپار چڱي ترقي ڪئي. اهو واپار قافلن ۽ ٻيڙين وسيلي هلندو هيو. خراسان، چين، ترڪستان، ڪشمير، وچ هندستان ۽ پنجاب جو مال سنڌونديءَ ذريعي هتي پهچندو هيو. هر هفتي پنج سؤ مال سان ڀريل ٻيڙيون حيدرآباد کان بکر پهچنديون هيون.

هينري پاٽنجر سنڌ جي سياحت ڪرڻ وقت اٺويهن ڏينهن اندر ٽي سؤ ايڪتاليهه ٻيڙيون مال سان ڀريل حيدرآباد کان راجي ديري ڏانهن وينديون ڏٺيون.

---

(١) سنڌ جي اقتصادي تاريخ، ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي. سنڌي ترجمو سراج الحق ص ٥٨.

سنڌ جا واپاري سنڌي گهڻو ڪري واپار هندستان جي بندرن سان ڪندا هئا. سرديءَ جي موسم ۾ قنڌار ۽ خراسان جا قافلا شڪارپور تائين ايندا هئا. تنهن زماني ۾ شڪارپور، روهڙي، سکر، لاڙڪاڻو، ڪنڊيارو، هالا، حيدرآباد، ميرپور خاص، عمرڪوٽ، نصرپور، سيوهڻ، ٺٽو ۽ ڪراچي واپار جا مکيه مرڪز هئا.

## علم ادب:

ميرن جي حڪومت ڌاري سنڌ ۾ ڪيئي مدرسا موجود هئا. خاص ڪري سيوهڻ، ٺلهيءَ لڳ ٽپت، کهڙا، مٽياريون، مهڙ (ولهار) ۽ چوٽياريون مشهور علمي شهر هئا.

ڪي تعليمي ادارا اهل خير ماڻهن جي مدد سان جاري ٿيل هئا، جن لاءِ ڪيترن مالدار ماڻهن پنهنجون ملڪيتون وقف ڪري ڇڏيون هيون.

مدرسن جي نصاب ۾ ديني علم سان گڏ طب جي علم ۽ فن جي تربيت پڻ ڏني ويندي هئي، اهو نصاب اڄ تائين سنڌ جي ديني مدرسن ۾ رائج آهي. محترم مولائي شيدائي، علامه دائود پوٽي جي حوالي سان لکي ٿو ته سنڌ جي مدرسن ۾ قرات، نجوم، جفر، تاريخ، حڪمت ۽ علم الخط جي تربيت عام هئي، جنهن مان اندازو لڳائجي ٿو ته ميرن جي حڪومت ۾ سنڌ اندر علم، ادب ۽ طب چڱي ترقي ڪئي هئي؛ جنهن جي طفيل ڪيئي عالم ۽ اديب، شاعر پيدا ٿيا.

## طب:

طب جي علم ۽ فن جي ترقي لاءِ ٽالپورن جو دور به ڪلهوڙن جي دور وانگي ڪارآمد ثابت ٿيو. هنن طب جي پوري سرپرستي ڪئي ۽ ڪيئي طبي ڪتاب قلمبند ڪرايائون. هند سنڌ جا برک حڪيم گهرائي پنهنجي دربار ۾ رکيائون،

هيو. انهيءَ ڪتاب کان پوءِ ٻين ميرن ۾ به طبي ڪتابن لکرائڻ جو شوق جاڳيو، جنهنڪري طب ولي، طب خسروي، طب احمدي، طب مرزا عباس وغيره جهڙيون طبي تصنيفون وجود ۾ آيون.

مير صوبدار خان خلاصة التداوي نالي طب تي ڪتاب لکيو جنهن ۾ اٺونجاهه باب آهن ان کان علاوه مجربات ِ طب به ترتيب ڏني هئائين. هن جو خدمتگار محمد يوسف پڻ طب سان تعلق رکندڙ هيو جنهن جا ڪيئي نسخا طبي بياضن ۾ آيل آهن.

مير صوبدار خان وڏو عالم، شاعر ۽ مصنف هيو، فتح نامه سنڌ، مثنوي مهروماهه، داستان سيف الملوڪ، جدائي نامه ۽ ديوان مير سندس تصانيف مان آهن.(١)

ساڳئي دور ۾ سکر ۾ مفرد ۽ عام دوائن کان وٺي هيرن جواهرن ۽ مشڪ عنبر تائين جيڪو وهنوار ٿيڻ لڳو تنهن جي شروعات ته ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي چڪي هئي پر ٽالپرن جي دلچسپي ان کي اڳتي وڌائڻ ۽ اوج تي رسائڻ لاءِ چڱيون ڪوششون عمل ۾ آنديون.

سکر جو آڏومل پساري جنهن جو دڪان ورهاڱي کان پوءِ مهاجرن جي ملڪيت ٿي ويو تنهن جي ابتدا به ميرن واري دور ۾ ٿي هئي. شڪارپور ۾ جيڪي جواهر فروشن ۽ پسارين جا عاليشان دڪان هئا، اهي به انهيءَ ئي دور ۾ قائم ٿيل هئا.

انهيءَ زماني ۾ لاڙ، نوشهري ۽ ڀاٽ ۾ پڻ ناميارا حڪيم ٿي گذريا هئا جن مان سيد ياسين شاهه (١٢١٢هه) جو نالو شمار ڪرڻ جهڙو آهي. هي سيد به ميرن جي دور جو هيو ۽ لاڙ جي مشهور درويش قمبر علي شاهه جو خاص مريد بيان ڪيو وڃي ٿو. سندس تعلق شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري

---

(١) تڪمله مقالات الشعراء، مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽوي ص٥٦٣.

جي خاندان مان هيو. سيد ياسين شاهه جي وڏن مان سيد هاشم شاهه بخاري ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. پاڻ سيد ياسين شاهه فارسي زبان جو قادرالڪلام شاعر ۽ بهترين طبي عالم هيو.

انهيءَ دور جي ٻي حڪيم فقير حامد جو نالو به ملي ٿو جيڪو ڪڇ ڀڄ جو رهاڪو هيو. هن تحفة المجربات نالي هڪ بياض لکيو هيو جو ليٿوءَ ۾ ڇپيل ڏٺو ويو آهي. اهو بياض ٢٧ ذوالقعد ١٢٩٣هه ۾ ڇاپيو ويو هيو ۽ فارسيءَ مان اوائلي ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ٿيل آهي، ان ۾ ٢١٨ صفحا آهن.

علامه ابوالحسن ڏاهري متوفي ١١٨١هه جو به ديني تصانيف کان علاوه طبي تصانيف سان گهڻو واسطو هيو، هن بزرگ جي قديم ڪتب خاني مان هيٺيان ڪتاب معلوم ٿيا آهن.

(١) نسخه في اسماء الامراض و تعريفها (عربي). (٢) نسخه در معالجات (فارسي) جنهن ۾ خود علامه ابوالحسن جو هڪ نسخو نقل ڪيل آهي. (٣) ڪتاب طب فارسي. (٤) طب يوسفي منظوم (فارسي) جنهن تي ميان نعمت الله بن ابن المعالي جا دستخط آهن. هي علامه ابوالحسن ڏاهري جو پڙ پوٽو هيو. (٥) فرهنگ طبي. (٦) سنڌيءَ ۾ طب وغيره.

هن باري ۾ بيان ڪيل آهي ته علامه ابوالحسن پنهنجي علم فضل کان علاوه دستوري نصاب موجب طب جي تعليم به ورتي هئي ۽ عملي طور علاج معالجي سان به دلچسپي رکندو هيو جئن سن وارن قاضين جي ڪتب خاني مان هٿ آيل هڪ قلمي بياض جي ورق تي مخدوم حاجي ابوالحسن جو مجرب نسخو لکيل نظر آيو آهي.

ميان نعمت الله جو فرزند قاضي عبدالغني، حڪيم محمد يعقوب ڪوريجو ۽ خليفو غلام محي الدين ٿيٽي هممر ۽ پنهنجي

دور جا حاذق حڪيم هئا. خود ميان نعمت الله بہ وڏو عالم ۽ حڪيم هيو. (١)

سن ١٢١١هہ کان ١٢١٢هہ تائين سنڌ ۽ ان جي آسپاس وارن حڪيمن جا نالا معلوم ٿيا آهن جي هيٺ ڏجن ٿا: (١) آل احمد، (٢) ابو تراب، (٣) مولوي اشهد علي، (٤) حڪيم اشرف، (٥) خدا بخش شاهہ، (٦) علي احمد، (٧) غلام جيلاني، (٨) مولوي نوازش علي، (٩) واعظ الله، صاحب بياض (١٠) حڪيم علي ڏنو، (١١) محبوب عالم ”صاحب بياض“، (١٢) مولانا احمدي سنڌ ۾ ۽ باهرئين علائقن مان، عبدالرشيد ڪڇ. حاجي علي حسن ڪانياواڙ ۽ عبدالغني مارواڙ، مشهور حڪيم هئا. هاڻ ٽالپوري دور جي ٻين ناميارن عالمن ۽ حڪيمن جو تذڪرو شروع ڪجي ٿو.

## مخدوم نور محمد ٻوبڪائي:

هي فضل ڪمال جو صاحب ۽ جيد عالم هيو ۽ طب ۾ پڻ بي نظير ليکيو ٿي ويو. مير ڪرم علي ۽ عطر خان جي زماني ۾ ٽالپور حاڪمن جي زور پرڻ تي پنهنجو اصل ڳوٺ ٻوبڪ ڇڏي اچي حيدرآباد ۾ سڪونت پذير ٿيو. مشهور عالم ۽ شاعر مير مائل سان گهرا ناتا هوس جنهن سندس شان ۾ هيٺيون شعر چيو هيو:

آنڪ مردم ز فيض حڪمت او،
نوجوان گردد آنڪ پير بود.

يعني هن جي حڪمت جي فيض کان پوڙها
بہ نوجوان ٿي پون ٿا.

سندس انتقال ١٢٣٠هہ ڌاري حيدرآباد شهر ۾ ٿيو هيو.

---

(١) مضمون جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علامہ ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان. الرحيم (٤) ١٩٦٥ع حيدرآباد.

اڳوڻن عالمن ۽ بزرگن ۾ طب ۽ حڪمت جو گهڻو ذوق هوندو هو انهي خيال کان مير فخرالدين به تجربيڪار طبيب هيو، وقت جا حاڪم ڪيس گهڻو پائيندا هئا. مير رستم خان ٽالپور ڪيس وڏي عزت ڏيندو هيو سندس اها عزت سرچارلس نيپئر به برقرار رکي. هي ڪجهه وقت مير علي مراد خان جو وزير به رهي چڪو هيو. شعر ادب سان گهڻي دلچسپي هوس. شڪارپور ۾ سندس تاريخي ڪتب خانو مشهور آهي، هن جي رحلت ١٢٧٠ھ ۾ ٿي هئي.

## سيد مير ذوالفقار شاهه:

هي سيد، مخدوم محمد عاقل (١٢٣٢ھ) کهڙن واري جو همعصر ۽ شڪارپور شهر جو هڪ قابل حڪيم هيو. هڪ دفعي مخدوم صاحب طويل سفر جي تڪليف کان بيمار ٿي شڪاربور لڳ ڳوٺ مرزابور ۾ اچي لٿو مير ذوالفقار شاهه کي گهرايائين جنهن نبض ڏسي مخدوم صاحب کي مشورو ڏنو ته مرض جي رفتار تشويشناڪ آهي تنهنڪري اوهان کي سفر ملتوي ڪرڻ کپي ليڪن مخدوم صاحب کي ڪنهن ضروري ڪم لاءِ مسافري ڪرڻي هئي ان ڪري مجبوري جو اظهار ڪيائين. حڪيم موصوف ڪيس سفر ۾ ڏاچيءَ جي کير استعمال ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو هيو.

## شيخ محمد عابد انصاري:

سيوهڻ جو برگزيده عالم جنهن عرب ۽ عجم ۾ وڏي عزت ۽ شهرت حاصل ڪئي سندس ولادت ١١٩٣ھ ڌاري ٿي هئي. هي حافظ يعقوب بن محمود جي علمي خاندان مان هيو، حافظ محمد يعقوب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شاگرد ۽ شيخ الاسلام جي لقب سان نوازيل بيان ڪيو وڃي ٿو.

شيخ محمد عابد جي گهڻي رهائش يمن جي علمي مرڪز زبيد ۾ هئي ان ڪري مشهور مورخ علامہ ساباطي هن کي زبيدي عالمن مان شمار ڪيو آهي. پاڻ يمن جي دارالخلافہ صنعا ۾ اچي اتان جي امام والي يمن جو شاهي طبيب ٿي رهيو ۽ ان جي وزير جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين.

هن سنڌي بزرگ عالم کي يمن جي امام وٽ اها مقبوليت هئي جو هڪ ڀيري ان جي پاران مصر ڏانهن سفير بڻجي ويو. مصر جو حاڪم هن جي علم فضل کان واقف ۽ سندس قدردان هيو.

شيخ محمد عابد سنڌي پهريون سنڌي عالم آهي جنهن يمن ۾ طب جو ڪتاب تحفۃ المؤمنين آندو، هي ڪتاب اصل فارسيءَ ۾ هيو، ڪيترن سالن کان پوءِ ان جو عربي ترجمو ٿيو. هن ڪتاب ۾ مفردات ۽ مرڪبات جو خاص التزام ڪيل آهي، جنهن جا سمورا نسخا نهايت مجرب ۽ مفيد آهن. چاڪاڻ ته ان جي تجربن تي گهڻي قدر توجہ کان ڪم ورتو ويو هيو.

البدرالطالع جي روايت موجب شيخ محمد عابد جو چاچو شيخ حسين سنڌي پڻ علم طب تي عبور رکندڙ هيو ۽ شيخ محمد عابد کي به علم طب ۾ وڏي دسترس حاصل هئي. هن جون ڪيئي ديني ۽ علمي تصنيفون ذڪر هيٺ آيل آهن. سندس وفات ١٧- ربيع الاول ١٢٥٨هہ ڌاري ٿي هئي، کيس جنت البقيع جي قبرستان ۾ حضرت عثمان بن عفان جي دروازي لڳ دفنايو ويو هيو.

## شيخ محمد حسين سيوهاڻي:

علامہ شيخ محمد حسين ابن علامہ محمد مراد ابن محمد يعقوب انصاري سيوهڻ جي انصاري خاندان جو معتبر عالم ۽ محدث هيو. هن سموري تعليم پنهنجي والد علامہ محمد مراد وٽان ورتي جيڪو شيخ الاسلام جي لقب سان مشهور هيو. شيخ محمد عابد سنڌي هن بزرگ جو پاڻيٽيو هيو.

مير نصير خان کيس ديھہ سامتياڻي ۾ جاگير عطا ڪئي جنھن جو پروانو ١٢٥٧هه ۾ جاري ٿيو هيو. ان تي مخدوم صاحب جي نالي اڳيان حقائق و معارف آگاه ڪمالات دستگاه جي عبارت لکيل هئي، جنھن مان هن جليل القدر هستي جي عظمت بکي ٿي.

## خليفو ميان غلام محي الدين:

سيوهڻ جو هڪ علامہ ٿي گذريو آهي، جنھن علامہ قرشي جي ڪتاب "مؤجزالطب" تي عربي ۾ ڪمال فصاحت سان حاشيہ آرائي ڪئي هئي. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو سنڌ يونيورسٽي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي، جو ٢٥ محرم ١٢٧٥ هه ۾ لکيو ويو هيو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ طبي لغات تي هڪ نامڪمل رسالو شامل آهي، جنھن ۾ عربي، فارسي ۽ يوناني ۾ لکيل دوائن جا نالا سنڌي ۾ سمجھايل آهن. مرتب جو نالو محمد زمان آهي.

انهيءَ ڪتاب ۾ هڪ هنڌ شمس الآفاق جو هيٺيون عربي مقولو نقل ڪيل آهي:

خذو العلم من افواه الرجال و لهذا قيل من اخذ
الطب من الڪتب قتل الانام — !

يعني علم ماڻھن کان حاصل ڪرڻ بھتر آهي
بنسبت ان جي جو ڪتابن تان اخذ ڪيو وڃي
جو خلق لاءِ قتل جي مترادف ٿئي ٿو.

انهي ڪتب خاني ۾ سيد ميران محمد شاه جو المفيد نالي فارسي ۾ لکيل قلمي بياض بہ موجود آهي، جيڪو ١٢٦٩ هه ۾ لکجي پورو ٿيو هيو.(١)

---

(١) مصنف انهن قلمي ڪتابن جي نشاندهي لاءِ جناب حافظ محمد حارثي، ناظم سنڌ يونيورسٽي لائبرري جو ٿورائتو آهي.

## آغا ابراهيم شاهه:

هي خاندان طب ۽ سياست ۾ ڪامل شهرت وارو ٿي گذريو آهي، حڪيم عبدالهادي اصفهاني هن خاندان جو مورث اعليٰ هيو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي.

آغا ابراهيم شاه ولادت ١١٥٥ھ پنهنجي والد حڪيم عبدالهادي جي وفات ١١٩٣ھ کان پوءِ سنڌ ۾ اچي سندس مسند تي رونق افروز ٿيو. امور سياسي ۾ معتمد هئڻ ڪري، ڪيئي دفعا ڪلهوڙن پاران ڪابل ڏانهن وڪيل ٿي ويو ۽ ڪامياب ٿيندو رهيو.

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپورن جي دور ۾ به هن کي سرڪاري عهده داري حاصل هئي. حيدرآباد ۾ ٽنڊو آغا هن ئي خاندان جي نالي مشهور آهي. آغا ابراهيم شاه جي پٽ آغا اسماعيل شاه کي اٺ پٽ هئا، جن مان آغا زين العابدين، آغا تقي شاه ۽ آغا ڪاظم شاه شڪارپور جا نائب رهي چڪا هئا. آغا ابراهيم شاه پاڻ وڏو حڪيم ۽ مير فتح خان ٽالپور جو ذاتي معالج هيو، ڪانئس پوءِ به سندس خاندان ۾ حڪمت هلندي آئي. آغا زين العابدين ۽ آغا جعفر علي شاه پنهنجي پنهنجي دور ۾ طبي ڪارنامن طفيل چڱي عزت ۽ شهرت حاصل ڪري چڪا هئا. آغا ابراهيم شاه جي وفات ١٢٢٢ھ ڌاري لاڙڪاڻي ۾ ٿي هئي، جتي پاڻ سرڪاري عهدي تي فائز هيو.

## آغا زين العابدين:

فارسي زبان جو معياري شاعر، مدبر ۽ طب جي فن ۾ گويا گوهر هيو، کيس ٽالپورن جي سرڪار ۾ وڏي عزت نصيب هئي، سندس ڪلام جو نمونو هي آهي:

گفتم که ياد دار دلم را تو برده اي!
گفتا ڪدام دل چه نشان، ڪي ڪجاڪ برد؟

سيني علمن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سان گڏ علم طب ۾ به خاص درڪ حاصل ڪيائين، انهيءَ فن تي طب خسروي سندس مشهور تصنيف آهي. مرزا خسرو بيگ اصل گرجستان جو هيو جتي ١٧٩٠ع ڌاري طفلس جي شهر ۾ تولد ٿيو هو، ١٨٠٥ع ۾ ملا اسماعيل کيس سنڌ ولايت ۾ آندو. سندس وفات ١٢٧٧هه ڌاري ٿي هئي. هن جي مزار تي هيٺيون ڪتبو نصب ٿيل آهي:

در نجوم علم طب ثاني نداشت،
بر عروج معرفت معراج يافت.

## مرزا رحيم بيگ:

مرزا خسرو بيگ جو فرزند جيڪو پڻ پنهنجي والد وانگي طب جي علم ۾ ماهر هيو، وفات کان پوءِ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ والد جي مزار سان لڳ مدفون ٿيو. سندس قبر جي ڪتبي مان هن جي طبي ڪمال جو آهجاڻ ملي ٿو:

به حڪمت چنين شهره آفاق گشت،
ز ڪه تا به مهه بر زبان شد، ثنا.

بـه دار الشفايش مريضي نماند،
چنين داد شافـي بـدستش شفا.

پوئين شعر مان مرزا موصوف جي باقاعدي مطب هلائڻ جي شهادت ملي ٿي، سندس وفات ٩- رجب ١٣٤٣ء ۾ ٿي هئي.

انهيءَ مرزا گهراڻي مان اڳتي هلي ڪيترا حڪيم ٿي گذريا جن پنهنجي مجربات ۽ معالجات جا ڪيئي بياض قلمبند ڪيا هئا. انهن مان مرزا فيض علي ولد بنده علي جي طب احمدي مشهور آهي، ٻيو مرزا عباس علي هيو، جنهن جي طب عباس پوين وٽ محفوظ رهندي اچي ٿي.

جيڪو انهيءَ ئي دور ۾ هتي آيو هيو، پنهنجي ڪتاب سنڌ جي دربار ۾ نواب ولي محمد خان لغاري بابت لکي ٿو ته:

ولي محمد خان (نواب) ۽ سيد اسماعيل شاه (آغا) ميرن جا وڏا مشير ۽ وزير هئا، جن کي خود ميرن به وزير سان خطاب پئي ڪيو.

ميرن وٽ جيڪي بلوچ سردار هئا، تن جو نواب ولي محمد سان ئي تعلق هيو، هي سڀني ڳالهين ۾ سرڪار جو خاص مشير پئي رهيو. نواب وڏو شاعر، عالم ۽ فارسي جو بلند ترين اديب هيو. طب تي به ڪيئي ڪتاب لکيا هئائين. هن کي پنهنجي دور جو دانشمند تسليم ڪيو وڃي ٿو.

نواب صاحب طب ولي کان علاوه نزهت الابدان نالي به هڪ طبي تصنيف قلمبند ڪئي هئي، جنهن جو تعلق معالجات سان آهي.

سنڌ ۾ ايلوپيٿي طب جو رواج انهيءَ ڊاڪٽر برنس جي اچڻ کان پوءِ شروع ٿيڻ لڳو، هي انهيءَ فن شريف جي بهاني سياسي مصلحت جي بنياد تي سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ ميرن جو علاج ڪندي هتان جا اهم سياسي راز هٿ ڪري ويو جيڪي پوءِ سنڌ جي تباهي جو ڪارڻ بڻجي پيا. ڊاڪٽر برنس ٢- نومبر ١٨٤١ع ڌاري ڪابل ۾ قتل ٿي ويو هيو، ويچاري کي سنڌ جي هڇا ڪابل تائين به ڪونه ڇڏيو.

## حڪيم لالا ميڻهون مل:

مير ڪرم علي خان جي دور جو سرڪاري حڪيم جنهن جو حيدرآباد جي شهر ۾ مطب هيو، هن کي خاص ڪري جراحت جي فن ۾ گهڻي مهارت هئي. هڪ دفعي مرزا خسرو

بيگ جو پير پڇي پيو، حڪيم ميئهين مل ڏانهن علاج لاءِ رجوع ٿيو. ميئهون مل گهڻن ڏينهن کان پوءِ به جڏهن پيهر مرزا خسرو بيگ جي علاج لاءِ وٽس نه ويو ته هن مٿس زور بار آندو آخر ميئهين مل هيٺيون شعر لکي علاج کان معذوري ڏيکاري:

اي عدل شهان پيش شهادت شد پست،
تدبير زهر چهار طرف، راهم بست.

هن شعر مان حڪيم ميئهين مل جي فارسي ذوق ۽ سخن گستري جو پتو پوي ٿو، دراصل ان دور ۾ فارسي جو مڪمل درسي نصاب رائج هيو، جنهنڪري مدرسن جي تعليم هر لحاظ کان جامع ۽ معياري هوندي هئي.

## حڪيم محمد تقي ٺٽوي:

ٺٽي جو رهاڪو ۽ ذات جو ڏيڏائي هيو، ٽالپورن جي اوائلي دور ۾ طبيب، مصنف ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس طبي تصنيف، شفاء السقيم قالي جناب پير حسام الدين راشدي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي، جنهن ۾ سورهن فصل آهن.

ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته حڪيم صاحب کي شعر شاعري تي به چڱو عبور حاصل هيو، جيئن سندس ڪتاب جي شروعات هيٺين شعر سان ٿئي ٿي، جو هن جو ئي آهي.

بود حمد بيحد به ايزد جليل،
ڪه بستان ڪند، نار را بر خليل.

## حڪيم مير محمد وفا لکوي:

سکر ۽ شڪارپور جي شاهراه تي واقع لکيءَ جو مشهور اوائلي شهر موجود آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هن کي حسن آباد سڏيو ويندو هيو ۽ بهاولپور جي دائود پوٽن جو ڪلهوڙن جي دور ۾ هتي مرڪز قائم ڪيل هيو.

سنڌس شعر نهايت لذيذ ۽ شيرين آهي، مخدوم محمد صالح وزيرآبادي هن جو همعصر هيو، ٻنهي جي وچ ۾ شعر سخن جي ڏي-وٺ پئي ٿيندي هئي.

سيد مير نور علي شاه هن جو همعصر ۽ قريبي عزيز هيو جنهن پڻ طب ۾ چڱي نامور حاصل ڪئي هئي. حڪيم شجاع پير محمد راشد جي وفات ١٢٣٣ هه تي قطع تاريخ لکيو هيو ۽ حڪيم نور علي شاه وري ساڳي پير صاحب جي گنبذ جي تعمير ١٢٣٤ هه تي فارسي قطع رقم ڪيو هيو.(١)

سنڌ ۾ سمن جي دور کان وٺي ٽالپورن جي زماني تائين طب سان تعلق رکندڙ جن عالمن، حڪيمن ۽ ٻين شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي سي صرف اهي آهن، جن جو تاريخي تذڪرن ۾ بيان ملي ٿو ليڪن انهن کان علاوه به انهي ڊگهي عرصي ۾ ڪيئي اهڙا ماڻهو، بادشاهن کان وٺي وچين ۽ هيٺين طبقي تائين ٿي گذريا آهن، جن جي طب جي فن سان دلچسپي هئي. مختلف طبي ڪتابن ۽ بياضن سان تحقيق ڪندي، جن مختلف طبي شائقن جا نالا دستياب ٿيا آهن، تن جي الف بي وار فهرست هت ڏجي ٿي، جنهن جي پويان طبي ڪتابن ۽ بياضن توڙي رسالن جا نالا سلسلي سان ترتيب ڏنا ويا آهن جيئن ان دور جي طبي ادب جي پروڙ پئجي سگهي.

(١) الرحيم ٣-٤-١٩٦٧ع ۽ تذڪره لطفي، لطف الله بدوي مرحوم جي حوالي سان.

# فهرست


١- آخوند معين زرگر
٢- ابوبڪر درويش
٣- ابو محمد
٤- ابوالمعالي سيوستاني
٥- ابدالي خان
٦- احمد خان
٧- ابو البقا
٨- افراسياب خراساني
٩- انوارالحق
١٠- بختيار علي
١١- بلاول خان فقير
١٢- پائيخان عباسي
١٣- پيمنداس حڪيم
١٤- پير شمس العارفين
١٥- پير زاده محمد صالح
١٦- پير زاده درگاهہ نوح
١٧- جمال شاهہ لاهري
١٨- حاجي الهہ جوڙيو
١٩- حاجي سعدالله ڪشميري
٢٠- حاجي شاهہ
٢١- حاجي صالح
٢٢- حاجي اسماعيل جوڻيجو
٢٣- حاجي رڪن سيوستاني
٢٤- حاجي محمد شاهہ
٢٥- حاجي خير محمد
٢٦- حاجي نور محمد
٢٧- حاجي عنايت الله
٢٨- حاجي سيد هدايت الله
٢٩- حافظ محمد صادق
٣٠- حافظ بخشيو
٣١- حافظ سليمان
٣٢- حسن عباسي
٣٣- حسن خان
٣٤- حبيب الله
٣٥- حر فقير
٣٦- حڪيم حيدو علي شاهہ
٣٧- حڪيم محمد شاهہ
٣٨- حڪيم لالچند
٣٩- حڪيم مينگهراج
٤٠- حڪيم عبدالرحمان بلوچ
٤١- حڪيم مير خير محمد ٽالپور
٤٢- حڪيم مير فضل علي بخاري

٤٣- حڪيم سيد محمد زمان
٤٤- حڪيم غلام محمد
٤٥- حڪيم عبدالله افغاني
٤٦- حڪيم دولت مل
٤٧- حڪيم خواجه مرتضیٰ
٤٨- حڪيم فيض احمد افغان
٤٩- حڪيم عبدالفتاح نمڪين
٥٠- حڪيم علوي خان
٥١- حڪيم سيد ابراهيم بغدادي
٥٢- حڪيم سيد قربان علي
٥٣- حڪيم شفيع علي
٥٤- حڪيم مير محمد هاشم
٥٥- حڪيم محمدسعيد نقشبندي
٥٦- حڪيم رئيس عزيزالدين
٥٧- حڪيم سيد علي اڪبر
٥٨- حڪيم ملوڪ چند سنياسي
٥٩- حڪيم ڪريا رام سنياسي
٦٠- حڪيم عبدالحق خانپوري
٦١- حڪيم محمد دائم
٦٢- حڪيم مير تاج الدين
٦٣- حڪيم اسحاق
٦٤- حڪيم الهندو خان جوڻو
٦٥- حڪيم علاءالدين
٦٦- حڪيم حاجي جعفر ڪاسائي
٦٧- حڪيم انعام الله
٦٨- حڪيم عبدالوهاب
٦٩- خليفه مير محمد مخدوم
٧٠- خواجه قدرت الله
٧١- خوشحال فقير
٧٢- خميسو خدمتگار مير چاڪر خان
٧٣- ڄام ننڍو "نظام الدين" (سنڌ جو بادشاهه)
٧٤- ڄام ڦيروز "
٧٥- در محمد ٻوبڪائي
٧٦- دريا خان سيد
٧٧- ديوان گلراج
٧٨- دلير خان
٧٩- راڇو ليڪي (وزير)
٨٠- رحمو سمون
٨١- زين الدين حجام
٨٢- سالار بلوچ خان
٨٣- سيد شاهه محمد بخاري
٨٤- سيد ايزد يار خان
٨٥- سيد ميرڻ شاهه
٨٦- سڪندر خان
٨٧- سوڍو
٨٨- سيد قربان شاهه سنياسي
٨٩- سيد پير شاهه
٩٠- سيد مصطفيٰ شاهه
٩١- سيد منور علي
٩٢- شاهه ولي خان وزير
٩٣- شاهه محمد دودائي

٩٤- شاهه نور
٩٥- شيخ علي قاري
٩٦- شيخ دين محمد
٩٧- صنعان شيخ
٩٨- صيقل خان
٩٩- عارب حاجي
١٠٠- عبدالله
١٠١- عبدالڪريم
١٠٢- عثمان حجام
١٠٣- عزت الله بکري
١٠٤- عزت الله قريشي
١٠٥- عصمت الله
١٠٦- علي بن عيسي
١٠٧- علي محمد
١٠٨- عنايت الله
١٠٩- غلام حسين خان
١١٠- غلام علي رنگريز
١١١- غفور سيد استر آبادي
١١٢- فاضل آهنگر شاهه پوري
١١٣- فراسيس فرهنگي
١١٤- فقير محمد مير بحر
١١٥- فقير الهه بخش
١١٦- فقير انور
١١٧- فقير شير خان
١١٨- فقير سيلاني
١١٩- قاضي عبدالقادر
١٢٠- قاضي علي اڪبر
١٢١- قاضي معين الدين
١٢٢- قاضي نور الحق
١٢٣- قاضي محمدي
١٢٤- قاضي افغان
١٢٥- قاضي محمد قائم وڪيل
١٢٦- قاضي محمد دائم وڪيل
١٢٧- قاضي محمد عارف دائود پوٽو
١٢٨- قاضي نور محمد ڪرت شاهن
١٢٩- قاضي محمد عالم ساڪرو
١٣٠- قاضي گل محمد
١٣١- قاضي برهان الدين
١٣٢- قاضي فتح محمد
١٣٣- قائم خان چانڊيو
١٣٤- قائم خان مزاري
١٣٥- قبول خان کهاوڙ
١٣٦- قبول شاهه لاهري
١٣٧- قبول خان افغان
١٣٨- قلندر شاهه هندي
١٣٩- ڪرامت الله
١٤٠- ڪريم الدين
١٤١- ڪريمداد مير دهي
١٤٢- ڪلب علي بيگ
١٤٣- ڪمال بوبڪائي

١٩٦- ميان يار محمد عباسي (والي سنڌ)
١٩٧- ميان دائود خان عباسي (والي سنڌ)
١٩٨- ميان نور محمد عباسي (والي سنڌ)
١٩٩- ميان غلام شاهه ڪلهوڙو (والي سنڌ)
٢٠٠- ميان سرفراز خان عباسي (والي سنڌ)
٢٠١- ميان نورالعين واقف
٢٠٢- نواب سربلند خان
٢٠٣- نواب محمود خان گوجر
٢٠٤- نور محمد مهر
٢٠٥- وزير چند
٢٠٦- وڏيل شاهه
٢٠٧- ولي محمد
٢٠٨- ولي رام
٢٠٩- وطن مل
٢١٠- هدايت حسين
٢١١- هريداس جي ويد
٢١٢- هوتچند سنياسي
٢١٣- هيرا نند
٢١٤- هر بخش راءِ ويد
٢١٥- ياسين علي خان
٢١٦- ياسين شاهه سيد
٢١٧- يامين خان
٢١٨- يوسف رند
٢١٩- يحيٰ
٢٢٠- يعقوب حڪيم

# طبي ڪتابن جي فهرست

| | |
|---|---|
| ١ــ آثار الامراض | ١٢٢٨ هه |
| ٢ــ اختيارات بديعي ص ٨٤٠ | ١٢٧٤ هه |
| ٣ــ اختيارات قاسمي | ١٢٢٠ هه |
| ٤ــ احسن المجربات | ١٢٧٠ هه |
| ٥ــ اسرار الاطباء | ١٢٥٧ هه |
| ٦ــ اسرار قاسمي (جفر) | ــــ |
| ٧ــ افادات حضرت غوث اعظم | ــــ |
| ٨ــ افاده غريبه | ١٢٧٥ هه |
| ٩ــ الفاظ الادويه | ١٢٦٩ هه |
| ١٠ــ الاصلاح هواءالوبا | ــــ |
| ١١ــ امراض طيور | ١٢٣٣ هه |
| ١٢ــ انتخاب دارا | ١٢٤٢ هه |
| ١٣ــ بياض فقير سيلاني | ــــ |
| ١٤ــ بياض فقير شيرخان | ــــ |
| ١٥ــ بياض عبدالله، خدمتگار حڪيم عبدالهادي | ــــ |
| ١٦ــ بستان الادويه | ١٢٤٢ هه |
| ١٧ــ بياض دائود خان عباسي | ١١٧٠ هه |
| ١٨ــ بياض ميان محمد وارث | ــــ |
| ١٩ــ بياض فقير محمد باقر | ١٢٠٠ هه |
| ٢٠ــ بياض خليفه عظمت الله | ــــ |
| ٢١ــ بياض مرزا صالح خراساني | ــــ |
| ٢٢ــ بياض حڪيم عبدالهادي | ١١٩٣ هه |

| | |
|---|---|
| ٢٣- بياض اوستہ حافظ | — |
| ٢۴- بياض احمدي | — |
| ٢۵- بياض حڪيم عبدالحق خانپوري | — |
| ٢٦- بياض راڄو لڪي وزهر | ١١٩٦ هه |
| ٢٧- بياض حڪيم وفا لڪوي | — |
| ٢٨- بياض مير حسن | ١٢۴٠ هه |
| ٢٩- بياض فالنامہ | — |
| ٣٠- بياض حڪيم محمد دائم | ١٢۴٠ هه |
| ٣١- بياض قاضي معين | ١٢٧٣ هه |
| ٣٢- بياض حڪيم ابراهيم شاه | — |
| ٣٣- بياض حڪيم مير تاج الدين | ١٢٦٧ هه |
| ٣۴- بياض حڪيم اسحاق | — |
| ٣۵- بياض حڪيم محمود | ١١١٢ هه |
| ٣٦- بياض مجربات | — |
| ٣٧- بياض نسخہ جات | ١٢٦٩ هه |
| ٣٨- بياض مخفي | ١٢٧١ هه |
| ٣٩- بياض صدري | ١١٧٠ هه |
| ۴٠- بياض خاص | — |
| ۴١- بياض فقير موسيٰ پيش امام جامع مسجد لاهري | — |
| ۴٢- تجارب شاهي | ١١١٣ هه |
| ۴٣- تجربات مخفي | ١١١٣ هه |
| ۴۴- تشخيصات، دستورات، مجربات | — |
| ۴۵- تجربات طبي | ١٢٧٠ هه |
| ۴٦- تحفتہ الاحباب | ١٢٦٩ هه |
| ۴٧- تحفہ حڪيم علاؤالدين | — |
| ۴٨- تحفة المجربات | ١٢٧٠ هه |
| ۴٩- تحفة العاشقين | — |

| | |
|---|---|
| ٥٠- تحفة المؤمنين | ١٢٤٢ هه |
| ٥١- تحفة الامير في الدخل الاكسير | — |
| ٥٢- تذكرة الاطباء | ١٢٦٩ هه |
| ٥٣- تقويم الادويه | ١٠٦٩ هه |
| ٥٤- تلخيص انسان | ١١٦٩ هه |
| ٥٥- جامع المنافع | ١١٦٨ هه |
| ٥٦- جامع الفوائد | ١٢٩٢ هه |
| ٥٧- جامع المركبات | ١١٦٩ هه |
| ٥٨- جامع المفردات | ١٢٦٣ هه |
| ٥٩- جامع الاكاسير | ١٢٦٩ هه |
| ٢٠- جامع العقاقير | ١٢٧٠ هه |
| ٦١- جامع الجواهر | ١٢٦٨ هه |
| ٦٢- جامع النوادر | ١٢٧٩ هه |
| ٦٣- خزينة الرحمان | ١٢٧٠ هه |
| ٦٤- خزائن الملوك | ١٢٦٩ هه |
| ٦٥- خلاصة التجارب | ١٢٧٠ هه |
| ٦٦- دافع الامراض | ١٢٢١ هه |
| ٦٧- دلائل بول | — |
| ٦٨- درة المنتخب | — |
| ٦٩- دليل الفوائد | ١٢٥٧ هه |
| ٧٠- دستور الاطباء | ١٢٩٣ هه |
| ٧١- ذخيره خوارزم شاهي | — |
| ٧٢- ذخيرة العجائب | — |
| ٧٣- ذكرالمعادن والاحجار | ١١٦٣ هه |
| ٧٤- راحت الانسان | ١٠١٣ هه |
| ٧٥- رسالہ نبض | — |
| ٧٦- رسالہ تشريح | ١١٧٣ هه |

| | |
|---|---|
| ٧٧- رسالہ صنعت بو علي | — |
| ٧٨- رسالہ استخراج امزجہ مرڪبہ | ١١٦٣ هہ |
| ٧٩- رسالہ چوب چيني | — |
| ٨٠- رسالہ ڪيميا | ١٢٧٠ هہ |
| ٨١- رسالہ طب | ١٢٤٢ هہ |
| ٨٢- رسائل علم ڪيميا | ١٢٦٩ هہ |
| ٨٣- روضة الشهداء | ١٢٧٠ هہ |
| ٨٤- زادالغريب | ١٢٧٠ هہ |
| ٨٥- شفاء السقيم | — |
| ٨٦- شفاخاني | — |
| ٨٧- شرح قانون | ١١٦٣ هہ |
| ٨٨- شرح قانونچہ | ١٢٤٠ هہ |
| ٨٩- شفاء الجنان في خواص الحيوان | — |
| ٩٠- شفاء المريض | ١٢٩٢ هہ |
| ٩١- طب اڪبر | ١١٧٢ هہ |
| ٩٢- طب منصوره | — |
| ٩٣- طب شفائي | — |
| ٩٤- طب نامي ص ٤٣٣ | ١٢١٥ هہ |
| ٩٥- طب شهاب | ١٢٧٤ هہ |
| ٩٦- طب مخدوم نوح | — |
| ٩٧- طب يوسفي ص ١٩٨ | ١٢٢٠ هہ |
| ٩٨- طب خرقہ | ١١١٨ هہ |
| ٩٩- طب هندي | — |
| ١٠٠- طب شاهجهاني | — |
| ١٠١- طب صديقي | — |
| ١٠٢- طب قاسمي | — |
| ١٠٣- طب ناگوري | ١١٢٠ هہ |

| | |
|---|---|
| ١٠٤ – طب دارا شڪوهي | — |
| ١٠٥ – طب شيراني | ١١٩٢ هه |
| ١٠٦ – طب گنج | — |
| ١٠٧ – طب عباس | — |
| ١٠٨ – طب خسروي | ١٢٦٠ هه |
| ١٠٩ – طب حيات محمد حيات بن فتح محمد لاهري | ١٢٢٨ هه |
| ١١٠ – طب زرگري | ١٢٣٠ هه |
| ١١١ – طب غياث | ١٢١٩ هه |
| ١١٢ – طب رضوان | ١٢٢٦ هه |
| ١١٣ – طب نافع الخلق ص ٦٦١ | ١٢٢٠ هه |
| ١١٤ – طب رحمت | — |
| ١١٥ – طب مير نور محمد ص ٦٣٤ | ١٢١١ هه |
| ١١٦ – طب دائود خاني ص ٢٦٨ | ١٢١٧ هه |
| ١١٧ – طب ولي | — |
| ١١٨ – طب مراد ص ٨٠٤ | ١٢٥٠ هه |
| ١١٩ – طب النبي | ١٢٨٥ هه |
| ١٢٠ – طب خاني | — |
| ١٢١ – طب آساني | ١٢١٣ هه |
| ١٢٢ – طب لاثاني | ١٢٢٠ هه |
| ١٢٣ – طب يوناني قديم | — |
| ١٢٤ – طب البيت | — |
| ١٢٥ – طب الحديد و الڪيميا | ١٢٣٣ هه |
| ١٢٦ – طب حيوانات | ١٢٣١ هه |
| ١٢٧ – علم العقاقير | — |
| ١٢٨ – علم امراض اطفال | — |
| ١٢٩ – علم الفرس | ١٢٣٣ هه |
| ١٣٠ – غنية الطالبين | — |

| | |
|---|---|
| ١٣١ – فصول بقراط | ١٠٧٠ هه |
| ١٣٢ – فرس نامہ | ١٢٦٩ هه |
| ١٣٣ – فرس نامہ هاشمي | ١٢٧٠ هه |
| ١٣٤ – قرابادين قادريہ ص ٣٤٦ | ١٢٧٢ هه |
| ١٣٥ – قانون علاج | ١٢٦٩ هه |
| ١٣٦ – قرابادين معصومي معصوم بن ڪريم الدين ايراني | — |
| ١٣٧ – قرابادين مظفري | ١٢٩٢ هه |
| ١٣٨ – قرابادين صغير | ١٢٩٢ هه |
| ١٣٩ – قرابادين شفائي | ١٢٢٨ هه |
| ١٤٠ – ڪنزالشفا | ١٢٩٢ هه |
| ١٤١ – ڪنزالاسرار | ١٢٦٩ هه |
| ١٤٢ – ڪليات طب موجز | ١٢٧٠ هه |
| ١٤٣ – ڪليات دستور علاج | ١٢٣٣ هه |
| ١٤٤ – ڪتاب الطب | ١١٦٩ هه |
| ١٤٥ – ڪتاب الرمل | — |
| ١٤٦ – ڪتاب سيد امير علي | — |
| ١٤٧ – ڪشڪول ادويہ | ١٢٩٢ هه |
| ١٤٨ – ڪتاب در طب | ١٢٦٩ هه |
| ١٤٩ – ڪنز اليواقيت | ١٢٧٠ هه |
| ١٥٠ – ڪرة الاڪسير، هيئت التڪسير | ١٢٧٠ هه |
| ١٥١ – ڪتاب الفرس | ١٢٣٣ هه |
| ١٥٢ – گنجينہ فيض | ١٢٦٩ هه |
| ١٥٣ – گنجينہ حيدري | — |
| ١٥٤ – گنج باد آورد | — |
| ١٥٥ – گلشن اطباء حڪيم بولچند (تاريخ) | ١٢٨٠ هه |
| ١٥٦ – لغات الادويہ فارسي | ١٢٧٠ هه |
| ١٥٧ – مجمع المنافع | ١٢٧٠ هه |

| | | |
|---|---|---|
| ١٥٨– مخترعات اهل ري | | ١١١٢ ھ |
| ١٥٩– مجربات مظهريه | | — |
| ١٦٠– مجربات حڪيم بولچند | | ١١٨٠ ھ |
| ١٦١– مجربات اڪبري | | ١٢٧٠ ھ |
| ١٦٢– مجربات بلوچ خان | | — |
| ١٦٣– مجربات حڪيم نور محمد | | ١٢٣٤ ھ |
| ١٦٤– مجربات عباسي | | ١٢٤٥ ھ |
| ١٦٥– مجربات حڪيم عزيزالدين | | — |
| ١٦٦– مجربات فقير | | ١٢٢٠ ھ |
| ١٦٧– مجربات قاضي غلام محمد | | — |
| ١٢٨– مصابيح الستيه في طب خيرالبريه | | ١٠٦٩ ھ |
| ١٦٩– مطب علوي خان | | — |
| ١٧٠– مجموعہ مطب حڪماء هند | | ١٢٨٥ ھ |
| ١٧١– مجربات مطب | | ١٢٨٩ ھ |
| ١٧٢– مطب خاص | | ١٢١١ ھ |
| ١٧٣– مطب شاهي | | — |
| ١٧٤– مطب خاني | | — |
| ١٧٥– مختارات اڪبري | | ١٢١١ ھ |
| ١٧٦– مجربات عين الملڪ شيرازي | | ١٢١١ ھ |
| ١٧٧– مجموعہ رسائل الطب | شيخ حسن | ١٢٧٤ ھ |
| ١٧٨– مطب محسن الدوله | | ١٢٩٢ ھ |
| ١٧٩– معدن المجربات | | ١٢٩٢ ھ |
| ١٨٠– مخزن المجربات | | ١٢٩٢ ھ |
| ١٨١– مجربات خصوصي | | ١٢٩٢ ھ |

| | | |
|---|---|---|
| ١٨٢- معالجات خصوصي | | ١٢٩٢ هه |
| ١٨٣- مجربات تلخيصات | | ١٢٦٩ هه |
| ١٨۴- مجربات مختلف امراض | | — |
| ١٨٥- مختصر نسخہ جات | | ١١١٢ هه |
| ١٨٦- مجربات معمول | | ١٢١١ هه |
| ١٨٧- مجمع البحرين | | ١٢٧٠ هه |
| ١٨٨- مجمع التجارب | | ١٢٦٩ هه |
| ١٨٩- مختصر نسخہ جات | | ١٢١٢ هه |
| ١٩٠- مفرح القلوب | | ١٢٥٨ هه |
| ١٩١- متصاب كفايه | مير دريا خان ٽالپور | ١٢٦٩ هه |
| ١٩٢- مجمع الصنايع | | " " |
| ١٩٣- مجمع الاكامير | | — |
| ١٩۴- مفاتيح الكنوز | | ١٢٦٣ هه |
| ١٩٥- مفاتيح المجربات | | " " |
| ١٩٦- مفاتيح الاسرار | | " " |
| ١٩٧- مفتاح الفرس | | ١٢٣٣ هه |
| ١٩٨- مفتاح الجفر | | " " |
| ١٩٩- مفتاح الرمل | | " " |
| ٢٠٠- مفتاح النجوم | | " " |
| ٢٠١- مفتاح العلاج | | " " |
| ٢٠٢- ميزان الطب قلمي | نور محمد صديقي | ١٢٥۴ هه |
| ٢٠٣- مقصود العاشقين | نجوم | — |
| ٢٠۴- مقاصد الرمل | | ١٢٥٧ هه |
| ٢٠٥- نافع الخلق | | ١٢٢٠ هه |

| | |
|---|---|
| ٢٠٦- نزهت الابدان | — |
| ٢٠٧- نصاب البلغاء | — |
| ٢٠٨- نورالساطع في ڪشف اسرارالجفر | — |
| ٢٠٩- هفت باب | ١٢٧٠ھ |
| ٢١٠- هفت گنج | " " |

---

قلمي ذخيرن جي نشاندهي لاءِ مصنف، سنڌ يونيورسٽي اداره سنڌ شناسي (سنڌالاجي) سنڌي ادبي بورڊ، ڪتب خانو حڪيم شمس الدين احمد حيدرآباد، حڪيم سيد غلام مرتضيٰ شاه ٺٽو محمد خان، حڪيم معين الدين قريشي نوابشاه، مرزا احسن ڪربلائي ۽ مرزا عباس علي صاحب ٺٽي آغا وارن جو تهدل سان شڪرگذار آهي.

# انگريزن جو ورود

١- انگريزن جي حڪومت ٢- تهذيب ۽ تعليم ٣- ديسي ۽ ولايتي طب ٤- عالم ۽ حڪيم ٥- مشهور خاندان ٦- اهل خير هستيون ٧- قلمي ڪتاب ڇپيل ڪتاب ۽ طبي رسالا.

# انگريزن جي حڪومت

انگريزن ١٨- فبروري ١٨٤٣ع سنڌ تي قبضو ڪري پنهنجي حڪومت جو پايو وڌو ۽ ٽالپور حڪمران جلاوطن ڪري ڇڏيا. سنڌ کي جنهن افسوسناڪ حڪمت عملي سان غلام بڻايو ويو ساڪائين ڳالهه نه هئي.

تاريخ ۾ هميشه ڪمزور قومن تي اهڙيون مصيبتون نازل پئي ٿيون آهن جن کي پنهنجن پراون جي بد نظر ۾ آزاد رهڻ جو ڪو به حق نه هوندو آهي.

انگريزن هندستان هٿ ڪرڻ شرط سنڌ ۾ اکيون وڌيون، ان بابت اڳواڻ ٿي هڪ انگريز، چارلس ڊڪي انهيءَ زماني جي انگريزي اخبار ”گريٽر برٽن“ ۾ لکيو هو ته:

انگريز، فوجي، بالا عملدار جڏهن ڪاڏي جي معز تي ٿا ويهن تڏهن اهيئي ڳالهيون ٿا ڪن ته هتان جو فلاڻو ڪي فلاڻو ماڻهو وڏو مالدار آهي. خاص ڪري ٽالپورن متعلق چوندا رهن ٿا ته انهن وٽ هيرن جواهرن ۽ سون، چاندي جا ڍير لڳا پيا آهن ۽ سنڌ جا بندرگاهه اتر هندستان ڏانهن مال پهچائڻ لاءِ نهايت ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.(١)

سنڌ بابت اهي غاصبانه خيال صرف انگريزن تائين محدود نه هئا بلڪ شروعات ڪان وٺي هر ٻاهرين طاقت اهڙا ارادا ڪري هتي آئي ۽ حاڪم بڻجي پئي وئي.

---

(١) جنت سنڌ، مولائي شيدائي ص ٤٢٧.

بيان ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي جن جي صداقت سائنسي لحاظ کان به ثابت ٿئي ٿي.

بهرحال انگريزن جي دور ۾ سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ ولايتي طب به شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون ته ديسي طب پڻ عوامي مقبوليت جي زير اثر ڪمال جا ڪارناما ڪري ڏيکاريا. انهيءَ اعتبار سان جيڪڏهن بروقت ٻنهي طبن جو اتحاد قائم ڪيو وڃي ها ته هيستائين اهو متحده علم ۽ فن دنيا ۾ پنهنجو مثال پاڻ هجي ها.

## عالم ۽ حڪيم:

انگريزن جي دور ۾ (پاڪستان تائين) سنڌ اندر جيڪي عالم ۽ حڪيم ٿي گذريا، تن مان هر هڪ جي سوانح حيات پيش ڪئي وڃي ٿي.

## حڪيم محمد جعفر، مصنف فرهنگ جعفري:

هي پنهنجي دور جو بلند ترين حڪيم ۽ بي نظير طبي عالم توڙي مصنف هيو جنهن فرهنگ جعفري جهڙي شاندار ۽ ضخيم طبي تصنيف قلمبند ڪري سنڌي قوم تي عظيم احسان ڪيو آهي.

فرهنگ جعفري جي تصنيف ميرن جي آخري دور سان تعلق رکي ٿي جنهن جي اشاعت انگريزن جي دور ۾ ٿي هئي، جئن ڪتاب جي ديباچي مان ظاهر آهي. هن ڪتاب کي حڪيم محمد جعفر جي قريبي عزيز حڪيم محمد حسن نظرثاني کان پوءِ ڇپايو هيو. ڪتاب جي اهميت ۽ مقبوليت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن جي اشاعت کان پوءِ ڪيترن اشاعتي ادارن هن کي مختلف نالن سان جهڙوڪ: مخزن الادويات، تحفة الادويات ۽ قراباديڻ وغيره جي صورت ۾ شايع ڪيو هيو.

هن ڪتاب ۾ مفردات، مرڪبات، لغات ۽ جڙين ٻوٽين کان علاوه انگريزي دوائن جا (ٻوءِ اضافو ڪيل) ذڪر، بيان ۽ خاصيتون شامل آهن.

تازو سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام سان راقم جي نئين سر تصحيح، تدوين ۽ حاشيه کان پوءِ هن ڪتاب کي ٻيهر ارڙهن سون صفحن جي ضخامت ۾ شايع ڪرايو ويو آهي، ۽ هن جا ٽي جلد آهن جن جي ساڳي ترتيب رکي وئي آهي.

حڪيم محمد جعفر حيدرآباد شهر جو رهاڪو ۽ ذات جو انصاري هيو، طب سان سندس خانداني تعلق رهندو ٿي آيو. ان خاندان مان، حڪيم محمد حسن، حڪيم ميان محمود، حڪيم محمد حسن ثاني، حڪيم عبدالواحد، حڪيم عبدالرحيم، حڪيم محمد طيب ۽ حڪيم محمد حسين قابل ذڪر ۽ قابل قدر حڪيم ٿي گذريا آهن. انهيءَ خاندان جو طب کان سواءِ جراحت ۾ به نالو مشهور آهي.

## قاضي ميان فيض محمد:

قاضي ميان حبيب الله ڀلائيءَ واري جو فرزند، ميرن جي آخري دور ۾ مشهور، عابد زاهد ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ ميان عزيز الله وٽان ورتي هئائين، سنڌي، فارسي ۽ عربي جو وڏو عالم هيو. اهڙيءَ طرح طب ۾ به وڏو ڪمال حاصل هوس، هن جا ڪيترا صدري نسخا خاص طور گهڻن مرضن لاءِ اڪسير هوندا هئا. طبي حذاقت ۽ شهرت جي ڪري عام خاص طبقي ۾ معزز ۽ مقبول هيو.

هن جو ڀاءُ قاضي ميان نور الله به هن وانگي ٻرڪ حڪيم ۽ وڏو عالم هيو، هميشه مفت علاج وسيلي ماڻهن کي فائدو رسائيندو پئي رهيو. کيس ادب ۽ انشا پردازي ۾ به چڱي مهارت هئي ۽ ڪيئي ڪتاب لکيا هئائين.

## سيد ميران محمد شاهه اول:

حڪيم سيد محمد شاهه ٽکڙ واري جو فرزند سندس ولادت ١٢٤٥ھ ۾ ۽ وفات ١٣٠٩ھ ڌاري ٿي هئي.

سيد ميران محمد شاهه کي حڪمت ورثي ۾ مليل هئي. انگريزن جي حڪومت جي اوائلي دور ۾ تعليم کان فارغ ٿي مختلف سرڪاري عهدن تي فائز هيو، پڇاڙيءَ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي عهدي تان رٽائر ٿي وڪالت شروع ڪيائين.

ديوان ڏيارام گدومل ۽ خانبهادر حسن علي آفندي سندس همعصر ۽ دوست هئا. عمر جي پوئين حصي ۾ وڪالت ڇڏي حڪمت جي ڌنڌي ۾ لڳي ويو ۽ باقي عمر خلق جي خدمت ۾ بسر ڪيائين. سندس طبي تصنيف ”المفيد“ سنڌ يونيورسٽي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

## حڪيم قاضي حب الله موراڻي:

موري جي قديم قاضي خاندان مان ديني عالم برک طبيب ٿي گذريو آهي، سندس والد بزرگوار خليفو عبدالواحد به پنهنجي زماني ۾ چڱي عزت وارو هيو.

هن جي پوين مان حڪيم مولوي محمد صديق ۽ حڪيم عبدالوهاب مشهور، معروف حڪيم هئا جن جا ڪيئي طبي مخطوطا راقم ۽ محترم الطاف عباسي، موري مان قاضي نذير ايم. اي. وٽان هٿ ڪري سنڌالاجيءَ جي حوالي ڪيا هئا پر سنڌالاجي کي باهه لڳڻ ڪري اهي ضايع ٿي ويا.

هن وقت انهيءَ خاندان مان حڪيم محمد طيب جو نالو باقي آهي جيڪو طب وسيلي خلق جي خدمت ڪندو رهي ٿو.

## حڪيم حافظ محمد عثمان:

نوشهري جي قاضي محمد عالم جو فرزند ۽ حڪيم قاضي

شمس الدين احمد مرحوم جو پڙ ڏاڏو، پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ فاضل طبيب ٿي گذريو آهي. سنڌ ۾ سڀ کان اول توحيد جي سلسلي جي اشاعت هن بزرگ جي هٿان شروع ٿي هئي.

هندستان جي مشهور قومي ۽ مذهبي اڳواڻ، سيد احمد ۽ شاهه اسماعيل شهيد، سکن جي خلاف جڏهن جهاد جو اعلان ڪيو ته پير صاحب پاڳارو سندن حمايت ۾ هٿان جي مجاهدن جا جٿا موڪلڻ شروع ڪيا جن ۾ قاضي محمد عثمان به شامل هيو، قاضي صاحب جي جهاد وارا هٿيار ته سندس پوين وٽ اڃا محفوظ آهن پر هن جي علمي مخطوطن جو ڪوبه پتو نٿو پوي جيڪي اصل تهذيبي ۽ علمي ادبي ميراث هئا.

قاضي محمد عثمان ڪان پوءِ سندس پٽ قاضي احمدي به حڪيم هيو. قاضي احمدي کي ٽي پٽ: قاضي عبدالهادي حڪيم ۽ عالم حافظ محمد عثمان (ثاني) ۽ قاضي اڪرم آهن جن جي ڪونت نوشهري ۾ آهي.

## مولوي محمد عثمان نورنگزادو:

لاڙ جو مشهور عالم، فقيه، مؤرخ ۽ قرآن جو مفسر، نورنگ پوٽن جي تاريخي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿي (١٨٥٠ع) ڌاري سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ معلم مقرر ٿيو. اُن وقت جا پرنسپال خانبهادر ولي محمد ۽ مسٽر وائين سندس قدردان ۽ گهرا دوست هئا، هي ديني عالم هئڻ سان گڏ طب، جفر ۽ نجوم سان به دلچسپي رکندو ٿي آيو. علم جفر تي ڪتاب ”اڪسيرالاحمر في اسرارالجفر“ لکيو هئائين. اهو ڪتاب (١٨٥١ع) ڌاري ڇپجي چڪو هيو. سندس رحلت ١٩١٨ع ۾ ٿي هئي. انهيءَ خاندان مان مولوي محمد نورنگزادو به هڪ مشهور عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. هن بابت چيو وڃي ٿو ته پنهنجي وقت جو لقمان حڪيم هيو، پاڻ يوناني دوائون استعمال ڪندو

جو علاج معمولي دوائن سان ڪري ڪين گهڻي خرچ کان ڇڏائي جس پڻ ڪٽيائين، سنڌي زبان جو ڄاڻو ۽ فارسي جو به عالم هيو. سکر ضلعي ۾ اڄ تائين هن جي بهترين علاج جون ڳالهيون ماڻهن کي ياد آهن.

## حڪيم محمد حسن، محمد اسماعيل:

سکر جو مشهور طبيب جنهن پنهنجي بهترين تصنيف "بحرالحڪمت" لکي شايع ڪرائي هئي ۽ پاڻ (١٩١٠ع) ڌاري شمس الحڪمت نالي هڪ طبي رسالو به جاري ڪيو هئائين جنهن ۾ ڪيترن حڪيمن جا مجرب نسخا ۽ علاجن جا صدري طريقا درج هوندا هئا.

حڪيم صاحب جي تصنيف بحرالحڪمت، يوناني، ويدڪ، ايلو پيٿڪ ۽ هوميوپيٿڪ طريقي علاج تي هڪ بهترين تصنيف آهي جنهن کي حڪيم منگترام بيگراج سنڌس خواهش تي شايع ڪرايو هيو.

هن تصنيف ۾ طبي تشخيص کان علاوه اخلاقي هدايتون ۽ سماجي اوڻايون به ڄاڻايل آهن تنهنڪري ان کي هڪ جامع تصنيف شمار ڪيو وڃي ٿو.

## آخوند محمد بچل انور:

آخوند محمد بچل مٽيارين جو ويٺل هيو، فارسي شعر ۽ نثر ۾ وڏي مهارت هيس. ٽالپور حاڪمن سان مير نصير خان ولد مير مراد علي خان جو استاد هيو، اڳتي هلي محڪمہ انشاء جو مير منشي مقرر ٿيو. ميرن جي حڪومت جي خاتمي کان پوء جڏهن سنڌس ولي نعمت مير صاحب کي ڪلڪتي جي قيد ۾ رکيو ويو تہ آخوند صاحب سنڌ ۾ رهجي ويو.

شعر ۾ انور سنڌس تخلص هيو، ماده تاريخ جو ماهر چيو

عبدالحسين سانگي ۽ شمس العلما، مرزا قليچ بيگ سان علمي، ادبي تعلقات هئا.(١)

## پير ڀاون علي شاهه، ساقي:

انگريزي، اردو، سنڌي، فارسي جو ماهر ۽ يگانو شاعر، ١٣٣٧هه مطابق ١٩١٨ع ۾ وفات ڪري ويو. علم ادب سان گڏ طب جي فن جي به چڱي پرورش ڪندو رهيو. حڪيم تاج محمد مشتاق سنڌس همعصر ۽ دوست هيو، هن جي مزار شاهه قادري جي قبرستان (بدين) ۾ آهي.

## مولانا حڪيم محمد جعفر:

هي بزرگ عالم ۽ حڪيم ڪراچيءَ جو وينل هيو ۽ ذات جو چوڙائي ڇيو وڃي ٿو. ڪتاب مفيد الخلق طب منظوم سنڌي سنڌس تصنيف آهي.

حڪيم صاحب هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

هي ڪتاب مفيد الخلق اچي ٿيو تماما
منجهه ماه مبارڪ رمضان جي ايڪيهي تاريخا
روزا ايڪيهه پورا هئا، باويهون شروعا
اچي ات تمام ٿيو، هي نخسو سنڌ يئا
سن آهي بارهن سو چوهٺ لکن ٿاه
هجرت پڇاڙا نبي جي جو اسان جو نبي آهه
ڪراچيءَ منجهه تمام ٿيو منجهه مسجد چوڙائا
آءٌ پڻ چوڙائي آهيان، چوڙائن وياء
مائٽ اپرا مون سندا، آءٌ پٽ اپروتن منجها
سڪ سيد جي آهه مون، اندر دل منجها

(١) مضمون جناب پير محمد قريشي. سوانح نمبر سماهي مهراڻ ٣-٤-١٩٥٧ع.

هڪ دفعي ،انهن ڪانئس سيد محمد شاه سان ايتري محبت جو سبب پڇيو، پاڻ فرمايائين ته :

جوڳي ڏيهن نه يار ڪنهن سين قريبن ري.

سيد محمد شاه ڪان سندس فرزند محمد رحيم شاه پڇيو ته سيد قمر علي شاه پڻ سان ڪهڙو تعلق هئو رکي ليڪن اوهان سان جو ايتري قدر دوستي اٿس، محمد شاه جواب ڏنو ته ابا آءُ ۽ قمر علي شاه سلوڪ جي ساڳين منزلن ۾ آهيون ۽ ٻنهي جو مسلڪ اويسي آهي.

سيد محمد شاه ١٢٦٩هه ۾ وفات ڪئي آخوند محمد صالح ولد آخوند ويڙو مجاور درگاه غوث الحق مخدوم نوح سندس وفات تي ڪيترا نظم لکيا جيڪي فارسيءَ ۾ آهن.(١)

## قاضي ميان محمد:

ساهتي جو پرڳڻو قديم زماني کان علم ۽ عرفان جو مرڪز پئي رهيو آهي. ڪيترائي عالم، محدث ۽ مفسر هن علائقي مان پيدا ٿيا انهن بزرگن مان قاضي ميان محمد خانواهو وارو به هڪ وڏو عالم، اديب ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

قاضي ميان محمد ولد قاضي ميان اشرف ولد ميان ابوالمعالي ولد ميان عبدالواحد خانداني قريشي نسب جا هئا.

مدد خان پٺاڻ ١٧٨١ع مطابق ١١٩٥هه ميان عبدالنبي جي چرچ تي سنڌ مٿان ڪاهه ڪري آيو ۽ ملڪ ۾ مانداڻ وجهي ڇڏيائين. انهيءَ زماني ۾ ڪوٽڙي ڪبير هڪ وسندڙ شهر هيو جو پٺاڻن جي ظلم ستم کان بچي نه سگهيو. انهيءَ لٽ ڦر کان پوءِ قاضي ميان احمد اتان ڇڏي خانواهڻ ۾ اچي رهيو. قاضي صاحب متبحر عالم ۽ درويش هيو سندس مدرسو

(١) مضمون جناب ڊاڪٽر اسدالله شاه تکڙائي. الرحيم ٣-٤ تيرهين صدي جا مشاهير سنڌ ١٩٦٧ع.

علمي مرڪز جي حيثيت سان جاري رهندو ٿي آيو، جنهن جو پاڻ صدر مدرس هيو.

قاضي ميان محمد ١٢٠٧هه ڌاري پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد قاضي ميان احمد وٽان ورتائين تنهن کان پوءِ محبت ديري ميال مان وقت جي وڏي عالم ميان هاشم وٽان علم جي تڪميل ڪيائين.

قاضي صاحب ڪيترين تصنيفن جو صاحب هيو. "طب محمد" علم طب جي فن تي فارسي ۾ سندس مشهور تصنيف آهي. هي قلمي ڪتاب قريشي حامد علي صاحب خانائي وٽ موجود آهي. هن جا ٻيا به ڪيئي فارسي، عربي ۽ سنڌي ۾ لکيل ڪتاب پوين وٽ محفوظ آهن.

هن بزرگ نوي ورهين جي ڄمار ۾ ١٢٩٤هه ڌاري وفات ڪئي هئي.(١)

## قاضي ميان حبيب الله:

قاضي ميان حبيب الله، مهڙن جي قاضي ميان لعل خان جو فرزند هيو. عربي، فارسي ۽ علم فقه جو ماهر، زاهد، عابد ۽ خدا ترس هيو. هن بزرگ قاضي ميان مير محمد جي نوٽي سان شادي ڪئي هئي، قاضي ميان مير محمد کي نياڻيءَ کان سواءِ ٻي ڪابه اولاد ڪانه هئي. سندس وفات کان پوءِ قاضي ميان حبيب الله پنهنجو اصل ڳوٺ مهڙ ڇڏي اچي ڀلائيءَ ۾ رهيو. قاضي صاحب طب جو به ماهر هو ۽ هٿ ۾ ڳهٽي شفا هيس، پاڻ گهڻو وقت عالمن ۽ فقيرن جي صحبت ۾ گذاريائين. نوي ورهين جي ڄمار ۾ ١٩٠٨ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس مقبرو ڀلائي ۾ پير قيصر وٽ آهي. قاضي صاحب کي چار فرزند

---

(١) مضمون جناب قريشي حامد علي خانائي. رسالو الرحيم نمبر ١-٢، ١٩٦٨ع ص ٥٠.

ٿيا قاضي ميان عزيز الله، قاضي ميان فيض محمد، قاضي ميان نورالله ۽ قاضي ميان مير محمد جيڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ طبيب ٿي گذريا آهن.

## مولوي عبدالله ميمڻ:

انهيءَ زماني ۾ مولانا محمد ابراهيم جو فرزند مولوي عبدالله هڪ وڏو عالم، حڪيم ۽ اهل دل ٿي گذريو هيو. هي ابتدائي عمر ۾ مروج سنڌي ۽ فارسي پنهنجي والد وٽان پڙهيو ۽ دارالرشاد پنهواري مان مولانا عبدالقادر انڍڙ کان علم جي تحصيل ڪيائين. ڪجهه وقت مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي وٽ به رهي چڪو هيو. پرچونديءَ جي بزرگ مولانا حافظ محمد صديق جي صحبت جو به مٿس ڪافي اثر هيو. پنهنجي ڳوٺ رضا مهر تعلقي پني عاقل ۾ ڪجهه وقت درس تدريس جي شغل ۾ رهيو پڇاڙيءَ هالائيءَ ۾ واپس آيو ۽ وفات به اتي ئي ڪيائين. هي بزرگ پاڻ صاحب تصنيف به هيو.(١)

## مولانا قاضي نظر محمد ديهاتي:

ساهتي پرڳڻي جو عالم، شاعر ۽ حڪيم حاجي حافظ قاضي نظر محمد ديهاتي ولد حاجي حڪيم قاضي عبدالرحمان، ١٣٠٤ هه ڌاري پنهنجي اباڻي ڳوٺ ديهات لڳ خانواهڻ ۾ تولد ٿيو. سندس والد بزرگوار هڪ عالم باعمل ۽ صاحب برڪت هيو. هن جو مدرسو علم معرفت ۽ رموز حڪمت جو سرچشمو بيان ڪيو وڃي ٿو، جتان هزارين طالب اچي علم مان سيراب ٿيندا هئا.

---

(١) مضمون جناب قريشي حامد علي خانائي ايم. اي. ٽماهي مهراڻ ص ٢٤٦ نمبر ١-٢، ١٩٧٠ع

وڏين وڏين بيمارين ۾ جن جي علاج کان وڏا حڪيم عاجز ٿي پوندا هئا تن جو علاج معمولي نسخن وسيلي وڏي ڪاميابي سان ڪري وٺندو هيو.

کهڙن جي شهر ۾ بچل نالي هڪ ڪاسائي کي جوانيءَ ۾ سلهه جو مرض ٿي پيو. پهريون ۽ ٻيو درجو ٽپي وڃي ٽين درجي تي پهتو. ڏاگ ماڻس گهري ڪندا ٿي ويو هلڻ چلڻ جي طاقت بلڪل ڪانه رهيس. سندس پيءُ رمضان کيس پٺيءَ تي کڻي مخدوم صاحب وٽ آيو. مخدوم صاحب هن کي هڪ نهايت معمولي نسخو لکي ڏنو جو پساريءَ کان وٺي وڃي استعمال ڪيائين. خدا جي مهرباني سان ڪاسائي کي ساهه چڙهي ويو ۽ هو اهڙو ته سگهو ٿي پيو جو ملاکڙن ۾ ملهون وڙهندو هيو ۽ شهر جي پهلوان جوانن مان شمار ٿيڻ لڳو.

مخدوم صاحب فارسي هندي ۽ سنڌي جو قادر الڪلام شاعر به هيو هن بزرگ ١٣٣٥ھ مطابق ١٩٢١ع ۾ رحلت ڪئي هئي سندس طبي بياض مخدوم امير احمد وٽ موجود هيو.(١)

## مولانا حاجي محمد هالائي:

هي بزرگ آخوند محمد اسماعيل جو فرزند، پراڻن هالن جو وينل هيو جتي ١٢٧٦ھ ۾ سندس ولادت ٿي هئي. شروعات ۾ صرف نحو جا ڪتاب خليفي عبداللطيف هالائي وٽان پڙهي پوءِ پاٽ جي مشهور عالم مولانا حسن الله وٽ وڃي ڪجهه وقت پڙهيو پڇاڙي حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن ڪنڌي واري وٽان علم جي تحصيل ڪيائين.

مولانا جي طبيعت جلالي ۽ بي پرواهه هوندي هئي پاڻ وقت جو تسليم ٿيل عالم ۽ مفتي هيو ان سان گڏ حديث،

---

(١) مضمون جناب مخدوم امير احمد صاحب سوانح نمبر سماهي مهراڻ ٣-۴-١٩٥٧ع

فقه ۽ علم تصوف ۾ به لاثاني ليکيو پئي ويو. مثنوي مولانا روم ۽ مکتوبات امام رباني سان دل هيس. خواجه محمد حسن جان سرهندي ۽ مولانا عبدالغفور همايوني سان سندس خط و ڪتاب ۽ صحبت ٿيندي رهندي هئي.

پهريان شيخ ولي محمد ملاڪاتيار واري جو مريد ٿيو پوءِ خواجه عبدالرحمان سرهندي جي بيعت ڪيائون. پاڻ نقشبندي طريقي سان تعلق ٿي رکيائين.

ٻين علمن کان سواءِ طب ۾ به کيس وڏو درڪ حاصل هيو ۽ انهيءَ فن وسيلي خلق جي چڱي خدمت ڪندو رهيو. سندس شاگردن مان مولوي حڪيم قاضي معين الدين هالائي، حڪيم ميان عبدالله هالائي ۽ ٻيا پنهنجي دور جا بهترين عالم ۽ حڪيم ٿي گذريا آهن.

مولانا ڪل اڻويهه ڪتاب عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ تصنيف ڪيا هئا جن مان سترهن ڪتاب ديني مسئلن بابت ۽ ٻه ڪتاب: رساله در امور طبعيه ۽ رساله در معرفت نبض و قاروره، طب جي باري ۾ هئا.

هن متقي، تهجد گذار ۽ ٻي ريا ديني ۽ طبي عالم جي وفات ١٣٣٦هه ۾ ٿي هئي.(١)

## مولانا عبدالغفور مفتون همايوني:

مولانا جن جي ولادت ١٢٦١هه ڌاري ڳوٺ همايون تعلقي شڪارپور ضلعي سکر ۾ ٿي. سندن والد بزرگوار خليفو ميان محمد يعقوب بلوچستان جي شهر ڇٽ لڳ لهڙيءَ جو رهاڪو هيو جتان همايون جي هڪ وڏيري غازي خان سومري

(١) مضمون جناب مولوي محمد هالائي سوانح نمبر سماهي مهراڻ ١٩٥٧ع ص ٨٤.

جي استدعا تي همايون آيو ۽ ديني مدرسي جو اجراء ڪيائين.
مولانا عبدالغفور گهڻو علم پنهنجي والد وٽ پڙهيو. ١٢٧٣ هه ۾ خليفي محمد يعقوب وفات ڪئي جنهنڪري باقي تعليم مولوي سلطان محمد سيتپوري (مولانا محمد يعقوب جي شاگرد) وٽان پوري ڪيائين.

هن بزرگ جا ڪيئي شاگرد هئا، علم فقه ۾ سندس نظير هند، سنڌ، بلوچستان ۽ خراسان تائين ڪونه هيو. وٽس هر طبقي جا ماڻهو عالم، پير، مشائخ، زميندار، امير، غريب، هندو، مسلمان، پارسي وغيره دعا طلبي لاءِ ايندا هئا. مولانا شعر تي به وڏو عبور رکندو هيو سنڌي، فارسي، عربي ۽ سرائڪي ۾ شاعري ڪئي هئائين.

مولانا علم طب ۾ وڏي مهارت جو مالڪ هيو ڪيئي لاعلاج مريض شفاياب ڪيائين قيمتي دوائن کان وٺي معمولي دوائن تائين وٽس مرڪبات موجود هوندا هئا جيڪي خلق خدا کي مفت تقسيم ڪيا ٿي ويا. سندن شاگردن مان ميان مالڪڏنو ڪوري ۽ چيٺارام نابينا مشهور حڪيم ٿي گذريا آهن. مولانا جي تصانيف مان فتاوي همايوني، ديوان مفتون ۽ طب ۾ فرهنگ همايوني وڏي وقعت رکن ٿا جوڪي شايع ٿي چڪا آهن.

هن بي بدل عالم، شاعر ۽ حڪيم جي وفات ١٣٣٦هه ڌاري همايون ۾ ٿي هئي جتي سندس خانقاه قائم آهي.(١)

## ميان عبداللطيف پلي هالائي:

هن جا وڏا اصل راجپوت گهراڻي مان ۽ جيسلمير جا رهاڪو هئا. سندن خاندان جو وڏو مخدوم شيخ عبدالله شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتاني جي صحبت ۾ مسلمان ٿيو هيو رياضتون ڪري وڏي درجي تي پهچي خلافت جي گودڙي حاصل ڪيائين

(١) مضمون مولوي محمد قاسم ياسني سوانح نمبر سماهي مهراڻ ١٩٥٧ع.

پاڻ وڏي ڄمار ۾ مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي (١٣٣٩هه) وٽان علمن جي تحصيل ڪئي هئائين ۽ پنهنجي خدا داد قابليت ۽ ذهانت سان وڏي شهرت حاصل ڪيائين.

علم طب ۾ مهارت سبب وقت جا خواص ۽ عوام وٽس رجوع ٿيندا هئا. سيتا ۾ مدرسو قائم ڪري درس تدريس جو شغل جاري رکيائين ڪيترا عالم وٽانس علمي فضيلت جي دستار بندي ڪري فارغ ٿي ويا.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولوي عبدالعزيز ملڪاڻي، مولوي عبدالرزاق بوبڪاڻي، مولوي عبدالله سيتائي، مولوي رحمت الله سيتائي، مولوي عبدالقيوم بختيارپوري ۽ مولوي عبدالرحيم بختيارپوري سندس شاگردن مان هئا. اهي عالم اڄا تائين سنڌ ۾ مشهور آهن.(١)

## حڪيم مولوي نظر محمد:

هي بزرگ ١٩٣٦ع ڌاري اسي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. لاڙ جو هاڪارو حڪيم ۽ عالم هيو. پاڻ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ استاد رهي چڪو هيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته پورا سنگهه نالي ماتلي ۽ جي وڏي زميندار کي ڪو وچڙندڙ مرض ٿي پيو جنهن تي لکين لٽايائين پر فائدو ڪونه ٿيس، حڪيم نظر محمد ان کي سستي دوا سان شفاياب ڪري ڇڏيو.(٢)

## مرحوم حافظ اسدالله شاهه:

سيد حڪيم، حاجي حافظ قاضي اسدالله شاهه فدا ولد

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ مولانا دين محمد وفائي. شايع ڪيل سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٦) بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ، محمد سومار شيخ.

سيد الهه بخش شاهه ١٥ شعبان ١٢٨٥هه ڌاري ٽکڙ ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم ڪان پوءِ ديوبند جي مدرسي مان شيخ الهند مولانا محمود حسن وٽان فارغ التحصيل ٿيو. انهيءَ ئي اثر هيٺ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو ورتائين ۽ سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جو بنياد رکيو ويو جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ميان نور محمد باني نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جهڙا اهل خير ۽ ديانتدار سياستدان به شريڪ هئا.

هن مجاهد وڏي دليريءَ سان غلاميءَ واري دور ۾ انگريزن جو مقابلو ڪيو سندس تقرير توڙي تحرير اثرائتي ۽ رعبدار هوندي هئي. ان ڏينهن ۾ موري جي هڪ مولوي فيض الڪريم انگريزن جي حمايت ۾ ۽ خلافت تحريڪ جي خلاف هڪ ڪتاب لکيو جنهن تي سنڌ جي ڪيترن عالمن ۽ پيرن صحيحون ڪيون اها خبر جڏهن اسد الله شاهه کي پئي ته هن انهيءَ غلاميءَ جي دستاويز جي مخالفت ۾ هڪ ڪتاب لکي مولوي فيض الڪريم ۽ سندس سائيارن کي لاجواب ڪري ڇڏيو.

شاهه صاحب کي تصنيف، تاليف ۽ شعر و شاعري سان گڏ طب تي به خاص درڪ هيو. ٽکڙ جي شهر ۾ عاليشان دواخانو کولي عوام الناس جون پُر خلوص خدمتون ڪندو رهيو. سندس دوائون تور خرچيون ۽ تمام زود اثر هونديون هيون پاڻ اڪثر مريضن جو علاج مفت ڪندو هيو.(١)

شاهه صاحب سڀ ڪجهه هوندي به نهايت سادگي سان رهندڙ هيو ڪيس دنياداري جي اجائي نٽ ٺانگر سان ڪانه پوندي هئي. پاڻ ٥٩ ورهين جي ڄمار ۾ ٢٣ رجب ١٣٤٤هه ڌاري وفات ڪري ويو. سندس ڳالهيون اڃا تائين ڳائجن پيون.

(١) مضمون جناب ڊاڪٽر اسدالله شاهه ٽکڙائي سوانح نمبر سماهي مهراڻ ١٩٥٧ع.

قاضي نورمحمد پلي زميندار، مولوي علي محمد لس ٻيلي وارو، مولوي محمد ڪوسو جيڪب آباد، مولوي يار محمد لغاري ٽنڊو محمد خان، مولوي محمد اسماعيل لغاري مسح وارو وغيره مشهور عالم هئا ۽ آهن. علامہ جي وفات ١٣٥٥ هہ ۾ ٿي هئي.(١)

## حڪيم مير علي نواز علوي:

مير علي نواز مرحوم شڪارپور جي مشهور علوي خاندان جو چشم چراغ، پنهنجي وقت ۾ علم طب جو برک عالم، سياستمند ۽ اعليٰ اخلاق جو مالڪ ٿي گذريو آهي.

هي صاحب ١٨٥١ع ڌاري شڪارپور ۾ تولد ٿيو، سندس والد بزرگوار ميان فخرالدين جيڪو مير علي مراد خان ٽالپور جي دور حڪومت ۾ ڪيترو عرصو رياست خيرپور جو وزير اعليٰ ٿي رهيو هيو.

هن خاندان جا وڏا اصل افغانستان جا رهاڪو هئا، جتان هنن جو جد امجد ميان فقير الله علوي ١٧٣٢ع ۾ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ شڪارپور هجرت ڪري آيو هيو. مير علي نواز پنهنجي تعليم ۽ تدريس شڪارپور ۾ مڪمل ڪئي هئي ڪيس سنڌي زبان سان گڏ عربي، فارسي ۽ سرائڪي ٻولي تي پڻ ڪافي دسترس هئي. شعر شاعري ۽ علم ادب جي خاص دلچسپي سان گڏ سندس محبوب مشغلو علم طب هوندو هيو جنهن جي ذريعي سچي چمار عوام الناس جي خدمت سر انجام ڏيندو رهيو.

سندس هٿ شفا جو اهو عالم هيو جو پنهنجي ملڪ کان سواءِ ڏورانهين ڏيهن جا ماڻهو پڻ وٽس اچي مڪمل صحت حاصل ڪري ويندا هئا.

---

(١) مضمون جناب حڪيم نور محمد خاصخيلي سوانح نمبر ٽماهي مهراڻ ٣-٤، ١٩٥٧ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

مرحوم پنهنجي حياتيءَ ۾ علم طب تي ڪيئي ڪتاب لکيا پر انهن جو هن وقت دستياب ٿيڻ مشڪل آهي. سندس تصانيف مان البشارت لاهل البشارت عربي ۽ ڪليات علوي سنڌي عربي فارسي ۽ سرائڪي ڪلام جو مجموعو توڙي پيا ڪي قلمي طبي بياض مشهور آهن.

مرحوم ١٩١١ع ۾ شڪارپور ميونسپالٽي جو وائيس چيئرمين چونڊيو ويو. ١٩١٩ع ۾ جڏهن پهريون پيرو بئنچ ڪورٽون وجود ۾ آنديون ويون، تڏهن شڪارپور جي پهرين بئنچ ڪورٽ جو چيئرمين علوي مرحوم ٿيو.

سندس وفات جنوري ١٩٢٠ع ڌاري ٿي هئي.(١)

## حڪيم محمد واصل درس:

حڪيم محمد واصل درس ولد ميان رحمت الله، ٺٽي جو مشهور اهل علم ۽ حاذق حڪيم ٿي گذريو آهي. هن جا وڏا ملتان مان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا. حڪيم محمد واصل جي ولادت ١٨٥٣ع ۽ وفات ١٩٢٠ع ڌاري ٺٽي ۾ ٿي هئي.

هي پنهنجي دور جو داناءُ طبيب هيو ديسي دوائن تي نهايت مفيد تجربا ڪيا هئائين، جن جي ذريعي ڪيترين موذي ۽ لاعلاج بيمارين لاءِ خاص طور حاذق حڪيم هوندو هيو.

حڪيم صاحب سنڌي زبان ۾ تمام معياري شاعري ڪئي هئي. سندس ديوان ”گلزار واصل“ ليٿوءَ ۾ ڇپجي چڪو هيو. انهيءَ خاندان مان هن وقت ميان محمود درس ٺٽي جو مشهور حڪيم آهي، سندس شربتن جي تجارت سموري مغربي پاڪستان ۾ هلندي رهي ٿي.(٢)

---

(١) مضمون جناب حبيب الله ڀٽو سوانح نمبر سماهي مهراڻ ٢-٣ ١٩٥٧ع

(٢) جناب حڪيم ميان محمود جي زباني، هي احوال ٺٽي ۾ قلمبند ڪيو ويو. (مصنف)

## ويد پيتمبرداس اوجها:

ٺٽي جو مشهور آيور ويدڪ معالج جنهن علاج معالجي جي مصروفيتن سان گڏ طبي سياست ۾ به چڱو ڀرو ورتو، ٢١- فيبروري ١٩١٩ع ڌاري ڪراچي ۾ ڪونايل آل انڊيا ويدڪ اينڊ يوناني طبي ڪانفرنس جنهن جو شڪارپور وارو حڪيم ڌنراج مل خاص مهتمم هيو، تنهن ۾ هن جون ڪوششون پڻ شامل هيون. انهيءَ طبي ڪانفرنس ۾ هند، سنڌ جا مشهور ويد حڪيم، ويدراج، پنڊت ناٿورام شرما، پنڊت ناڪردت شرما (امرت ڌارا جو موجد)، حڪيم محمد الياس عليگڙهه وارو، حڪيم ڌنراج مل ۽ ويد پيتمبرداس اوجها شريڪ ٿيا هئا. هي ويد هند ۾ به مشهور هيو.

هند، سنڌ جو هي نامور ويد پاڪستان کان ڪجهه وقت اڳ شڪارپور ۾ پرلوڪ پڌاريو هيو.(١)

## حڪيم محمد قاسم ڪوريجو:

سيوهڻ جو مشهور حڪيم جنهن جي خاندان مان حڪيم محمد يعقوب جهڙو بزرگ طبيب ٿي گذريو آهي. حڪيم محمد قاسم علامه ابوالحسن ڏاهري جي پونير قاضي عبدالغني (١٢٨٢ هه) جو همعصر هيو. حڪيم محمد قاسم جنن پاڻ وڏو حڪيم ۽ ملڪن ۾ مشهور هيو تنن حڪيم محمد يعقوب به لاثاني حڪيم هيو، جنهن جي حذاقت جون ڪيئي ڪهاڻيون اڄ تائين عام خاص ماڻهن جي زبانن تي آهن.

حڪيم محمد يعقوب لاءِ مشهور آهي ته ١٩١٨ع واري ڪالرا جي ڏينهن ۾ ڪوٽڙي کان حيدرآباد تي آيو ته هڪ پارسي ڊاڪٽر هن کي اسٽيشن تي روڪي ڪالرا جي انجيڪشن هڻائڻ لاءِ زور ڀريو، حڪيم صاحب ڊاڪٽر جي ٻانهن پنهنجي

---

(١) ١٩١٩ع ۾ ڇپيل طبي ڪانفرنس جي اشتهار تان.

هٿ ۾ جهلي کيس پڌايو تہ توُن خود مريض آهين. ڊاڪٽر جيڪو واقعي ڪنهن ڳجهيءَ بيماريءَ ۾ ورتل هيو سو حيران ٿي ويو.

آخر حڪيم صاحب سان رستو رکي ڪانٽس پنهنجو علاج ڪرايائين حڪيم محمد يعقوب جي علاج کان پوءِ ڊاڪٽر شفاياب ٿي اولاد وارو ٿيو. اهڙا ٻيا بہ ڪيئي قصا هن حڪيم بابت مشهور آهن.(١) جن مان بہ هتي درج ڪجن ٿا:

١- حڪيم محمد يعقوب هڪ دفعي پنهنجي دواخاني واري ايوان ۾ ويٺو هيو تہ اوچتي چيچ اچي اتان لانگهائو ٿي هي پري کان گهوٽ کي ڏسي اڳتي وڌي ويو ۽ ان جي منهن ۾ نهاري کيس خوش طبعي مان بہ چار صلواتون سڻائي وري اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺو ۽ ڪم ڪار کي لڳي ويو. ٻي ڏينهن ساڳي چيچ اتان اچي لنگهي تہ گهوٽ گهوڙي تان لهي اچي حڪيم صاحب سان پيرين پئي گڏيو. هن کيس هٿن کان جهلي چيو، تو رات سنکيو کاڌو هيو؟ گهوٽ ها ڪئي جنهن تي حڪيم صاحب ساڳي خوش طبعي جي انداز ۾ کيس ٻڌايو: تڏهن تہ تنهنجي منهن تي سرهائي آهي. اُنهن پري کان ڪنهن جو منهن ڏسي مرد ۽ نامرد جو تفاوت محسوس ڪرڻ، ڪمال آهي يا نہ؟ اها خبر انهن ماڻهن کي هوندي، جيڪي ديسي طب جي ڪرشمن کان واقف آهن.

٢- هڪ دفعي ڪنهن هندو شاهوڪار جي پٽ جا سنڌ بلڪل وهجي ويا ۽ هو هلڻ چلڻ کان ناڪار ٿي ويو. حڪيم محمد يعقوب وٽ جڏهن انهيءَ مريض کي ڪٺائي آيا تہ ٻاڻ پلن جي باري (هڪ ٻاريءَ ۾ ڪيئي پلا هوندا آهن) آڻڻ جو حڪم ڏنائين. ٻي ڏينهن ٻاڪ ڦٽيءَ سان جڏهن درياهہ جا

(١) روايت جناب پروفيسر محبوب علي چنا صاحب پرنسپل سچل ڪالمج، حيدرآباد سنڌ.

طب جي عملي خدمت کان علاوه علمي خدمت پڻ ڪندو رهيو، سندس تصانيف مان مجربات عباسي، قرابادين عباسي ۽ تشريح الابدان هن جي علمي ساک جي علامت آهن. ١٩٢٤ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ رازق پور ۾ گذاري ويو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ انساني خدمتن جي جذبي ۽ جفاڪشي سان جيڪي ڪتاب لکيا، اڳتي هلي انهن جو حشر به اهو ئي ٿيو، جيڪو سنڌ ۾ خانداني ڪتب خانن جو ٿيندو رهي ٿو.

## حڪيم سيد محمد اختر:

اصل هندستان جي ڪنهن رياست جو باشندو هيو، جتان ويهين صدي عيسوي جي اوائل ۾ پير محمد صالح شاه راڻيپور واري وٽ اچي رهيو ٿوري وقت کان پوءِ لاڙڪاڻي جي لاهوري محلي ۾ وچي قيام ڪيائين. مولانا محمد صادق راڻي پوري هن جو شاگرد هيو. خانبهادر الهه بخش شهيد جي والد حاجي محمد عمر سومري ۽ پير تراب علي شاه، شاه سائين (١٩٣٨ع) سان دوستي هيس. سندس طبابت جا حيرت انگيز ڪارناما ٻڌايا وڃن ٿا هن جا ڪي صدري طبي نسخا حاجي مولا بخش سومري ۽ مرحوم مولوي محمد صادق راڻيپور واري جي پوين وٽ محفوظ آهن.(١)

حاجي مولا بخش صاحب سومري سنڌ ۾ طب جي ڪافي خدمت ڪئي آهي. هتان جا ڪيترا ماڻهو هن ئي اهل خير جي خرچ تي دهلي ۽ لاهور جي طبيه ڪاليجن مان تعليم وٺي خلق جي خدمت ڪندا رهن ٿا. اسان جي زماني ۾ هڪ نوجوان سيد حزب الله شڪارپور مان طبيه ڪاليج لاهور ويو ۽ چار پنج سال اتي رهي طب جي تحصيل ڪري آيو هن جو سڄو خرچ ايترا سال حاجي مولا بخش صاحب جي ذمي هيو.

---

(١) مضمون جناب سيد حسام الدين راشدي خاص نمبر روزانه مهراڻ نومبر ١٩٥٧ع.

پير محمد شاه جيلاني راڻيپور وارو به طب جي علم ۽ فن سان چڱو شغف رکندو هيو. هن خاندان جي توشاخاني مان پڻ علمي، ادبي ۽ مذهبي ڪتابن سان گڏ ڪيترا قلمي طبي بياض پڻ ڪيترن جي نظر مان گذريا آهن. هڪ دفعي راقم به انهيءَ توشاخاني ۾ وڃي ڪن طبي مسودن کي نظر مان ڪڍيو هيو. ان مان ظاهر آهي ته سنڌ جا ڪيترا خاندان طب جا سر پرست ۽ محافظ هئا.

## حڪيم تاج محمد افغان:

مرحوم حڪيم مولوي تاج محمد ١٨٩٩ع ڌاري بدين ۾ تولد ٿيو هيو. هي پير پاون علي شاه ساقي جو مريد ۽ همعصر هيو. مولوي صاحب طب جي علم ۽ فن ۾ لاثاني حيثيت جو مالڪ هيو انهيءَ جي وسيلي سڄي حياتي خلق جون خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو. هن وقتن غريبن کي هر مرض جون مفت دوائون ملنديون هيون ۽ اخبارن ۾ به اشتهار ڏيندو هيو ته جئن پرانهين پنڌ جا مسڪين ماڻهو مفت دوائون گهرائيندا رهن.

هن جي دريا دلي ۽ مريضن سان همدرديءَ جو اهو عالم هيو جو هر وقت پنهنجي زير علاج بيمارن جو خيال پيو رکندو هيو جيستائين ڪنهن کي مڪمل شفا نه ٿيندي هئي، تيستائين ان جي علاج ۾ وسان ڪين گهٽائيندو هيو.

پير پاون علي شاه جي وفات ١٩١٨ع کان پوءِ بدين جو شهر ڇڏي راڃي خاناڻي جي ڳوٺ ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ وسيع پيماني تي طبي ادارو قائم ڪيائين. سندن علمي ادبي خدمتون بي مثال هيون. راڃي خاناڻي جهڙي ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ پريس قائم ڪري طبي ادب جي اشاعت جاري ڪيائين. اتان ئي پيام شفا نالي هڪ طبي رسالو سندس ادارت ۾ شايع ٿيندو رهيو.

حڪيم صاحب ڪيترا طبي ڪتاب پڻ تاليف ڪيا پر

پوين اهي امانتون ڪين سنڀاليون جنهنڪري ضايع ٿي ويون.
ڪتاب الحميات شرح قانونچه، قرابادين مشتاق جا نالا اڄا تائين
بيا ٻڌجن. جيڪي حڪيم صاحب جي معياري طبي لياقتن تي
گواه آهن. پاڻ سنڌي، هندي، عربي ۽ فارسي جو شاعر به هيو
سندس وفات ٥٥ ورهين جي ڄمار ۾ ١٩٣٩ع ۾ ٿي هئي.(١)
زمانو جڏهن چگن ماڻهن کي ساريندو ته هن عالم، شاعر ۽ حڪيم
کي ڪونه وساريندو.

## ميان غلام شاه لکيءَ وارو:

لکي تعلقي شڪارپور جي مشهور سادات ۽ طبي خاندان
مان تمام وڏي قابليت ۽ ڪماليت وارو طبيب ٿي گذريو آهي
پاڻ طبيعت جو ڏاڍو تيز ۽ سخت گاريل هوندو هيو ليڪن
ماڻهو حد کان وڌيڪ سندس معتقد هوندا هئا، ايتري قدر جو
جنهن کي گار نه ملندي هئي، سو پاڻ کي نڀاڳو سمجهندو هيو.
ميان صاحب ڪيترن موذي مرضن جا علاج، جيڪي
اپريشن سان ئي ممڪن سمجهيا ويندا هئا، بنا اپريشن ڪندو هيو
اهائي سندس وڏي ڪماليت هئي. سندس لاڏاڻو ١٩٤٤ع ڌاري
پنهنجي ڳوٺ لکيءَ ۾ ٿيو هيو. هن جي هندو ۽ مسلمان شاگردن
مان حڪيم ڪوڙو مل شهدادپور وارو، حڪيم نارائڻداس رستم
وارو، حڪيم سومو مل ميان جي ڳوٺ (لڳ همايون) وارو،
حڪيم پير بخش لکوي ڪراچيءَ وارو ۽ ٻيا طبيب مشهور
هئا. سندن پوين مان باغ علي شاه، حاڪم علي شاه ۽ ٻيا طب
سان تعلق رکندا اچن ٿا.

## حڪيم مولوي عبدالرحيم سنڌي:

شڪارپور جي قريشي خاندان مان هيو، اهو خاندان پراڻي

---

(١) مضمون جناب نيڪ محمد بلوچستاني سوانح نمبر سماهي
مهراڻ ١٩٥٧ع.

زماني کان طب سان تعلق رکندو پئي آيو، هي پاڻ ڏيڍ سال جو هيو تہ سندس والد وفات ڪري ويو. ابتدائي تعليم پنهنجي چاچي حڪيم مولوي نورالدين وٽان حاصل ڪري پوءِ مولوي نور محمد شهدادڪوٽي وٽان فارغ التحصيل ٿيو.

طب جي مڪمل تعليم حڪيم مولوي عبدالرئوف حيدرآبادي وٽان حاصل ڪيائين، پهريان پنهنجي چاچي جو مطب هلائيندو هيو ليڪن پوءِ سير سياحت جي سانگي ملتان ويو جتي هڪ رئيس جي علاج کان پوءِ سندس زور پرڻ تي اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائين.

طب ۾ ڪافي شهرت وارو هيو، جيڪب‌آباد، حيدرآباد ۽ ٻين علائقن جا ماڻهو ملتان ڏانئين سندس معتقد هئا. ملتان وڃڻ کان پوءِ بهاولپور، پنجاب ۽ جهنگ سيال جا ماڻهو هن ڏانهن رجوع ٿيندا رهيا جن ۾ غريب، امير سڀ شامل هئا. ١٩٠٥ع ڌاري ملتان ۾ وفات ڪري ويو سندس پٽ حڪيم مولوي خدا بخش هاڻ انهيءَ بزرگ جو جانشين آهي جو ملتان ۾ رهي ٿو.

## بخش علي جتوئي:

ولادت ١٨١٨ع - وفات ١٩١٨ع.

تمام جهونو حڪيم جنهن سو ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ڳوٺ ترڙي چٽي واري تعلقي لاڙڪاڻي جو ويٺل هيو، طبي تعليم شهداد پور مان حاصل ڪرڻ بعد ڳڙهي مبارڪ ۾ مدرسو ۽ مطب جاري ڪيائين، ديني علوم سان گڏ طب جي تعليم بہ ڏيندو رهيو ۽ عام خاص ماڻهن جو علاج بہ پئي ڪيائين. هن بابت چيو وڃي ٿو تہ فارسيءَ ۾ سندس طبي بياض لکيل هيو جنهن ۾ نبض جي بهترين تشريح ڪيل هئي پر اهو بياض ٻين ڪتابن سان گڏ ضايع ٿي ويو.

## حڪيم سيد عبدالغفار ريلائي:

هن جو پيو نالو سچيڏنو شاهه هيو، لاڙڪاڻي ضلعي جي ريلن ڳوٺ ۾ مشهور سادات خاندان مان حاذق حڪيم ٿي گذريو آهي، سندس والد پير زمان الله به پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم هيو ، سيد عبدالغفار جي ولادت ١٣٠١هه ۾، وفات ١٣٥٩هه مطابق ١٩٤١ع ۾ ٿي هئي.

هن خاندان جو بزرگ سيد علي مڪي حسيني، مڪي مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو هو ۽ لڪي سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئائين جتي هاڻ سندس درگاهه آهي. سيد عبدالغفار شاهه طبي تعليم پنهنجي والد کان ورتي هئي ۽ سندس ئي مطب ۾ ڪانئس تربيت حاصل ڪيائين ، والد جي وفات کان پوءِ پاڻ مطب هلائي عام خاص ماڻهن جون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

شاهه صاحب جي حذاقت بابت مشهور آهي ته ٺٽي جي هڪ امير ماڻهوءَ جو ڪامياب علاج ڪيو هئائون اهو شخص قوت باهه جي ڪميءَ سبب ازدواجي فرض کان قاصر ٿي چڪو هيو، انهيءَ علاج ۾ هن جي شهرت تمام گهڻي هئي.(١)

## ميان عنايت علي شاهه:

ڳوٺ سيدن جي ٻنگلي لڳ آباد ضلع جيڪب آباد جو عالم ۽ حڪيم جنهن جي علاج جي سڄي ترڪان علاوه بلوچستان تائين به گهڻي هاڪ هوندي هئي. شاهه صاحب نهايت خوشخط ۽ شيرين زبان شخص هيو، ماڻهو علاج کان وڌيڪ سندس خوش اخلاقي کان متاثر هوندا هئا.

هن جا ڪي ئي هٿ اکر لکيل طبي بياض ۽ ٻيا ڪتاب

---

(١) ڪتاب رموز الاطباء لاهور.

فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ ميان عطا محمد شاهه وٽ موجود آهن، جن ۾ پنهنجا ۽ سندس دور جي برک حڪيمن جا نسخا درج ٿيل آهن (١) شاهه صاحب ١٩٣٠ع ۾ فوت ٿيو هيو.

## حڪيم ڏنراج مل:

شڪار پور جو مشهور طبيب ۽ حڪيم، مير علي نواز علويءَ جو شاگرد جنهن ديسي طب جي تمام وڏي خدمت ڪئي. هن طب تي چار ڪتاب تصنيف ڪيا تنهن کان علاوه هڪ طبي درسگاهه جو بہ شڪار پور جي شهر ۾ پايو وڌائين، جتان سکر ضلعي جا ڪيئي طبيب پيدا ٿيا.

پنهنجي کوجنا وسيلي ديسي دوائي مان نفيس قسم جا جوهر تيار ڪيائين، جئن وقت هر ڪو آساني سان انهن کي استعمال ڪري سگهي، سندس فارميسي ديسان ديس مشهور هئي. حڪيم ڏنراج مل هڪ طبي رسالو سک جو سنيهو بہ جاري ڪيو هيو جنهن جي ادارت جا فرائض پاڻ ئي سرانجام ئي ڏنائين اهو رسالو تڏهن ليٿوءَ ۾ شايع ٿيندو هيو.

## ايشر سنگهه، چرن سنگهه بيدي:

شڪار پور جو خانداني ويد ۽ طبيب، عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو ڄاڻو جنهن دل کولي خلق جي خدمت ڪئي طب جي تعليم پهريان پنهنجي والد وٽان ورتائين جيڪو خود عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو ماهر هڪ درويش صفت انسان هيو.

ايشر سنگهه ١٩٢٦ع ڌاري دهليءَ جي طبيہ ڪاليج مان طب جي تحصيل ڪريو آهو ۽ شڪار پور ۾ نرنڪاري ڌارا فارميسي نالي مطب کوليائين، دوائن جي تحقيق توڙي تجربي

(١) روايت سيد دادن شاهه ڳوٺ سيدن جو بنگلو.

۽ علاج جي لحاظ کان ماهر ۽ مشهور هيو، هن جا ڪيئي هندو، مسلمان شاگرد ٿي گذريا آهن.

## حڪيم مير خير محمد ٽالپور:

سنڌ جي مشهور هستي مير شير محمد خان (١٢٥٩هه) والي ميرپور خاص جو فرزند ١٨٥٢ع ڌاري تولد ٿيو ۽ ١٩٤٢ع ۾ وفات ڪري ويو. طب ۾ باڪمال ۽ صاحب بياض هيو، سندس طبي تجربات تي لکيل بياض خير محمدي ننڍي پيماني تي طبي تاريخي ۽ ادبي تصنيف آهي جنهن ۾ ميرن جا شجرا به ڏنل آهن. هن بياض ۾ خود مير صاحب جا خانداني ۽ پين اميرن جا صدري نسخا لکيل آهن، جنهن مان اها خبر پوي ٿي ته سندس شاهي خاندان جو طب سان گهڻو تعلق هيو.

## حڪيم مولوي خير محمد پاٽائي:

پاٽ جو تاريخي شهر اڄ تائين، عالمن، اديبن ۽ حڪيمن سان مشهور رهندو اچي ٿو، هن شهر جا قديم بزرگ سنڌ جا مشاهير ٿي گذريا آهن، اڄ به هتان جا اعليٰ تعليم يافته فرد سرڪاري ملازمتن ۾ وڏن عهدي تي مامور آهن.

حڪيم خير محمد اڻويهين صدي عيسوي جو عالم ۽ حڪيم هيو، سنڌ جي سرهندي خاندان جو پير ۽ عالم شاهه آغا متوفي (١٩٧٣ع) هن جو همعصر هيو. علم طب ۽ ديني علوم تي هن وٽ قديم قلمي ڪتاب موجود هئا، ۽ ڪيئي شاگرد (عالم، حڪيم) هن وٽان فيضياب ٿي چڪا هئا، سندس ذاتي ڪتب خانو اڄڪلهه اڌوهي ۽ چڙٽ جو پيٽ قوت ٿيندو وڃي ٿو جنهن ڳالهه تي جيترو به ارمان ڪجي ٿورو آهي.

## حڪيم مولوي گل محمد صديقي:

اصل ترائي جو هيو جتان لڏي اچي مدئجي (لڳ سکر)

عيسويءَ جي شروعات ۾ نامور ۽ ماهر معالج هيو. هن پنهنجي حياتيءَ جو گهڻو حصو طب جي شغل ۾ گذاريو. سندس وڏا پنهنجي دور جا عالم ۽ عارف ٿي گذريا هئا جن جي نقش قدم تي هلي پاڻ به خير، برڪت جا ڪم ڪندو رهيو.

هن قوم جو ٻيو نالي‌رو فرزند حڪيم غلام محمد لاکو متوفي ١٩٤٢ع پڻ هردلعزيز حڪيم هو. ڳوٺ حاجي سعيد خان لاکي تعلقي نوشهري فيروز ۾ پنهنجو مطب هوس. هن جا ڪيئي قلمي بياض به لکيل هئا.(١)

## حڪيم ولي محمد ڏاهري:

وقت جو جيد عالم ۽ حڪيم، ڳوٺ سکئي ڏاهري تعلقي حيدرآباد جو ويٺل هيو. مولوي عبدالله کڏهر (نواب شاه) واري وٽان تعليم جي تحصيل ڪئي هئائين. سڄي زندگي درس ۽ طب جي مصروفيت ۾ گذاري ١٩٢٦ع ڌاري انتقال ڪري ويو. سنڌ جا ڪيترا عالم سندس شاگردن مان آهن. (٢)

حڪيم صاحب جي خاندان مان هن وقت حڪيم عبدالله صاحب ڏاهري ايم. اي. موجود آهي جو طبي شغل سان گڏ ”سنڌ ۾ طب ۽ طبين جي خدمتن“ تي، سنڌ يونيورسٽي مان، پي. ايچ. ڊي. ڪري رهيو آهي. حڪيم صاحب طب ۾ ڪيئي نوان تجربا ڪري انهن موجب بيمارين جا علاج ڪندو رهي ٿو. فلسفي ۾ ڊاڪٽر هاليپوٽي ۽ عربي ۾ علامه قاسمي جو شاگرد آهي. طب جي تحصيل لاهور جي طبيه ڪاليج مان ڪري آيو هيو. هن وٽ پنهنجي وڏڙن جا قلمي بياض ۽ ڪتاب موجود آهن، جن مان حديقة‌الاولياء جو ناياب قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو هيائين جيڪو جناب پير حسام الدين راشدي

---

(١) روايت : ميان عبدالحڪيم لاکو، ليڪچرار سنڌ يونيورسٽي.
(٢) مقدمه حديقة الاولياء ص ٨٥ .

جي تصحيح سان شايع ٿي چڪو آهي.

## حڪيم محمد يعقوب قادري:

ڪراچي جي مشهور حڪيم علي محمد قادري جي خاندان مان هڪ هشيار اهل قلم ۽ حڪيم هيو جنهن تازو وفات ڪئي آهي. هن جا طبي، تاريخي ۽ سياسي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. هن وٽ پنهنجي خاندان جا ڪيئي قلمي ڪتاب موجود هئا پر سندس وفات کان پوءِ الائي ڪيڏانهن هليا ويا. پنهنجي وڏن وانگي ۽ خانداني حڪيم هئڻ ڪري دوا سازي توڙي علاج ۾ چڱو نالو ڪڍيائين.

## حڪيم ويرو مل آريه پريمي:

حيدرآباد سنڌ جو مشهور حڪيم، ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويو ۽ اتيئي سندس لاڏاڻو ٿيو. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ دورا ڪري رٿيل پروگرامن موجب ماڻهن سان ملاقاتون ۽ سندن علاج ڪندو هيو، حيدرآباد جي شهر ۾ به وڏي پيماني تي دواخانو هيس. انهيءَ زماني ۾ هڪ طبي رسالو به جاري ڪيو هئائين جنهن ۾ بيمارين جي علاج لاءِ سادن نسخن ۽ حفظان صحت جي تدبيرن جو ذڪر هوندو هيو. ڀارت وڃڻ کان پوءِ به اهو رسالو جاري رکي ديسي طب ۽ سنڌي زبان سان ناتو نڀائيندو رهيو. هن جون دوائون افغانستان، راجستان ۽ ڪلڪتي تائين واپار وسيلي هلنديون هيون. هتان جا سنڌ ورڪي جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ تجارت جي سانگي رهائش اختيار ڪري چڪا هئا، تن وٽ به ويرو مل جي دوائن جو واهپو هوندو هيو.

## حڪيم پير بخش لڪوي:

اصل اتر سنڌ جو هيو پوءِ لڏي وڃي ڪراچيءَ ويٺو،

## حڪيم مولوي فضل الله شڪارپوري:

حڪيم صاحب، دارالعلوم ديو بند جو فاضل ۽ طبيه ڪاليج دهلي جو فارغ ديني ۽ طبي عالم، اپر سنڌ جي معزز شخصيت ٿي گذريو آهي. شڪار پور جي سومرا خاندان جو خاص معالج ۽ پنهنجي علم، فن ۾ يڪتائي جو درجو رکندڙ هيو. طب سان گڏ ديني ادارن جي سرپرستي به ڪندو رهيو.

١٩٢٤ع ڌاري شڪار پور جي پنجن پيرن واري محلي شهيد الهه بخش مرحوم جي مزار واري احاطي لڳ پنهنجو مطب جاري ڪري عام، خاص ماڻهن جي طبي خدمت ڪرڻ لڳو، انهي ۽ کان علاوه پنهنجي پاڙي نيين پور ۾ هڪ ديني مدرسو به قائم ڪيائين جنهن جي شروعات ۾ علامه عبدالحڪيم سنڌايو صدر مدرس هيو.

حڪيم صاحب جي وفات ١٩٧١ع کان پوءِ شڪار پور جي هائي درتي هڪ حادثي دوران ٿي هئي، اڄڪلهه سندس فرزند حڪيم مولوي حبيب الله ۽ حڪيم بشير احمد پنهنجي ناميارى والد جو مطب هلائي رهيا آهن. خانپور تعلقي شڪار پور جو مقبول عام حڪيم علي نواز مرحوم هن جي قابل شاگردن مان هيو.

## حڪيم قائم الدين احمد:

اپر سنڌ جو مشهور حڪيم ۽ سياسي رهنما جنهن جي طبي تدبر کان متاثر ٿي وقت جا سول سرجن به وڏانس اچي مريضن جي علاج لاءِ مشورو طلب ڪندا هئا، طبيه ڪاليج دهلي جو فارغ التحصيل ۽ حڪيم اجمل خان جو پيارو شاگرد هيو.

هن باري ۾ هڪ عجيب لطيفو مشهور آهي ته حڪيم صاحب جڏهن طبيه ڪاليج دهلي مان جيڪب آباد ۾ پنهنجو

لطف الله ۽ حڪيم فتح الله مرحوم جو فرزند، الحاج مولوي صبغت الله، هردلعزيز حيثيت رکن ٿا. هن خاندان جو تاريخي ڪتب خانو به آهي، جنهن ۾ ڪوئي ناياب ۽ نادر قلمي ڪتاب محفوظ آهن.

## مولوي الاهي بخش اعوان:

حضرت مولانا حسين احمد مدني جو شاگرد رشيد جنهن سندن ئي ارشاد مطابق طبيه ڪاليج دهليءَ مان طب جي تحصيل ڪئي هئي. ابتدائي تعليم شڪارپور جي ناميار عالم خليفي يارمحمد متوفي (١٣٦١هه) وٽان ورتي هئائين. پير فضل احمد سرهندي ۽ مولوي عبدالفتاح صديقي (پيش امام جامع مسجد لکي در شڪارپور) هن جا همدرس هئا.

حڪيم صاحب شڪارپور جي اعوان خاندان جو بزرگ انسان ٿي گذريو آهي، ١٩٤٩ع ڌاري هي جهان ڇڏيائين. راقم سان سندس شفقتون شامل حال هيون. اعوان محلي ۾ طب ۽ ديني درس کي فروغ ڏيندو رهيو. سندس دلي خواهش هئي ته بنا ڪنهن معاوضي جي خلق جي خدمت جو شغل اختيار ڪري پر حالتن جي مجبوريءَ ڪبس اها فرصت نه ڏني.

## حافظ جان محمد پٺي:

حڪيم حافظ جان محمد متوفي ١٩٣٥ع، طب ۽ دين جي علم ۾ انهن بي نظير شخصيتن مان هيو، جن کي زمانو وساري نٿو سگهي.

حافظ جان محمد صاحب جو فرزند حافظ عبدالحميد صحافي ۽ قوم پرست رهنما هيو، جنهن ويجهڙائي ۾ وفات ڪئي آهي ان جو فرزند عبدالرشيد (رشيد پٺي) صحافت، وڪالت ۽ جديد ادب وسيلي عوامي خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

اوائلي زماني ۾ نهايت خوش اخلاقي ۽ مقبوليت سان زندگي گذاري وڃي جاوداني جهان ۾ آرامي ٿيو. شفا بخش توڙي اڪسيري ڪشتن ۾ هن سان پنهنجي پٽ جي ڪنهن حڪيم جي حاجت نه هئي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي هڪ دفعي لاڙڪاڻي جي حڪيم لڪي سنگهه جو عجيب لطيفو ٻڌايو هيو ته مريض جا مائٽ هن کان جڏهن مرض جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ پريشانيءَ مان ڪجهه پڇندا هئا ته هي هڪدم جواب ڏيندو هيو: توهان کي ڇو خيال ٿئي، مون کي ته ڪوبه خيال نٿو ٿئي. ساڳيءَ ريت زوار عيسيٰ به اهڙي موقعي تي لڪي سنگهه واري جواب بدران پنهنجو سوال دهرائيندو هيو ته مون کي خيال ٿو ٿئي، توهان کي ڪوبه خيال نه آهي؟ مريض جي علاج دوران پنهنجي ذاتي فائدي کان وڌيڪ ان جي صحت جو خيال رکڻ زوار صاحب جي خاص وضع هئي.

سندس پوين مان سنڌي زبان جو صاحب طرز اديب ۽ شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ان جي محترم بيگم، ڊاڪٽر قمرالنساء عباسي، خيرپور ۾ وڏي پيماني تي پنهنجي اسپتال هلائي رهيا آهن. ۽ صوبي ديري ۾ حڪيم حاجي عبدالرحمٰن پنهنجو مطب جاري رکندو اچي ٿو.

## مولوي محمد صادق راڻيپوري:

راڻيپور (خيرپور ميرس) جو نامدار عالم ۽ حڪيم جنهن جون علمي، ادبي، طبي توڙي سياسي سرگرميون تاريخي حيثيت رکن ٿيون، سنڌي، هندي، فارسي زبان جو بلند مقام شاعر ۽ مصنف هيو. شاهه لطيف جي رسالي جي هڪ ٻن سُرن ۽ بيتن جو مڪمل فارسي ترجمو به ڪيو هئائين.

طبي ڪارنامن جي سلسلي ۾ ١٩٤٥ع ڌاري جهوناڳڙهه

عزيزن جي لڏ پلاڻ سبب پاڻ به ڪراچي هليو ويو ۽ ميونسپل ڪارپوريشن جي قائم ڪيل يوناني دواخاني ۾ معالج مقرر ٿيو، ١٣٦٤ھ ڌاري هيءَ دنيا ڇڏيائين.

## مخدوم محمد معين کيارو:

چوندا آهن: ماڻهو ته مڙئي ماڻهو پر ڪي ماڻهو اهڙا به ٿيندا آهن، جن جون صحبتون ڪيميا صفت ثابت ٿيون. سنڌ جو بزرگ عالم ۽ برگزيدو حڪيم، مخدوم محمد معين انهن خوبين جو مالڪ هيو. افسوس آهي ته انهيءَ عظيم هستي جو اهڙو ئي ڪو جانشين پيدا نه ٿيو.

حڪيم صاحب هميشه حق جي صدا بلند ڪندو ۽ باطل خلاف لڙندو رهيو. تحريڪ خلافت واري زماني ۾ قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪندي تمام تڪليف ۾ اچي ويو ته به، سندس ذهن ۽ ضمير ۾ ڪابه لرزش پيدا نه ٿي. بيشڪ، حق تي هلڻ وارن کي خدا وڏي همت ڏني آهي. حڪيم صاحب ڪنهن زماني ۾ رياست جهونا ڳڙهه جي نواب جو خاص معالج هيو، پوءِ نواب شاهه ۾ اچي پنهنجي مطب سان گڏ، سياسي ڪمن ۾ بهرو وٺندو رهيو. رياست جي رهائش واري زماني ۾ ڪيئي، ويد، حڪيم ۽ سنياسي سندس دوستي جي حلقي ۾ شريڪ ٿيندا ويا. طبي ذخيري گڏائڻ لاءِ هند، سنڌ جا سوين قلمي ڪتاب ۽ بياض پنهنجي خرچ تي خريد يا نقل ڪرائي ذاتي ڪتب خاني ۾ اضافو ڪندو ويو، ان ۾ ڪافي طبي نسخا به هئا.

راقم جو ساڻس نيازمنديءَ وارو رستو هيو وقت بوقت نواب شاهه وڃي سندس علمي صحبت کان فيضياب ٿيندو هيس اهو سلسلو مخدوم صاحب جي وفات تائين هلندو رهيو. پاڻ ١٩٦٤ع ڌاري دنيا کان منهن مٽي ويو.

سنڌس ڪتب خانو مون پاڻ نظر سان ڪيو هيو، "سنڌ جي طبي تاريخ" جي تياريءَ لاءِ مخدوم صاحب خاص طور مهرباني ڪري مونکي اهو شرف بخشيو هيو، جنهن لاءِ دعا آهي ته خداوند ڪريم منهنجي هن مُربي کي اجر عظيم عطا ڪندو، انهي ڪتب خاني جي ڪيترن مڪمل طبي ڪتابن ۽ بياضن جي فهرست پين ڪتابن سان گڏ هن تصنيف جي پڇاڙيءَ ۾ ڏني وئي آهي.

حڪيم صاحب جي ڪتب خاني جي رونق جن ماڻهن پنهنجي اشتياق پرين اکين سان ڏٺي هئي اهي اڄ انهيءَ قومي ميراث جي ڪسمپرسي واري حالت تي رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن، ڪيتري نه ڏک جي ڳالهه آهي جو اهي ناياب ۽ نادر ڪتاب پنهنجي وڏن جي يادگار قائم ڪرائڻ لاءِ ڪنهن علمي اداري جي تحويل ۾ ڏيڻ بجاءِ اڏوهي جو کاڄ بڻايا وڃن ٿا.

## مولوي محمد معان:

ولادت ١٨٩٦ع - وفات ١٩٦٥ع.

نواب شاهه جي نامور طبي ۽ سياسي شخصيت جنهن پنهنجي زندگي طب ۽ سياست واسطي وقف ڪري ڇڏي هئي، امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جو متس گهڻو راضپو هوندو هيو ان جي ئي حڪم جي تعميل ۾ ١٩١٤ع ڌاري پهريان دهلي پوءِ مدرسه تڪميل الطب لکنؤ مان فارغ التحصيل تي ١٩١٧ع ڌاري نواب شاهه ۾ اچي پنهنجو دواخانو کوليائين جو سندس سياسي مرڪز به هيو.

مولوي صاحب عربي جي تڪميل مدرسه دارالرشاد پير جهنڊي مان ڪئي هئي، پاڻ هڪ غريب هاريءَ جي گهر پيدا

ڏيو پر پنهنجي علم ۽ شرافت جي طفيل سندس شمار وقت جي وڏن ماڻهن مان ٿئي ٿو.

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي جي رفاقت ۾ امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد، مهاتما گانڌي، حضرت مولانا حسين احمد مدني، حضرت مولانا تاج محمود امروٽي ۽ ٻين عالمن، مدبرن جي صحبت جي شرف حاصل ڪرڻ سان گڏ حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن جي زيارت کان به مشرف ٿيندو رهيو، ان باري ۾ ڪيس خوش نصيب انسان ليکيو وڃي ٿو.(١)

مولوي صاحب نهايت خوش خلق ۽ مهمان نواز هيو، مريضن لاءِ سندس شفقت ۽ مروت ابرڪرم مثال هئي. راقم کي اهڙي بلند مرتبت هستي جي خدمت ۾ ڪي گهڙيون گذارڻ فخر آهي.

سندس فرزندن مان ڊاڪٽر محمد انور ۽ حڪيم محمد منير به مهر محبت ۾ پنهنجي والد بزرگوار جو نالو زنده رکندا اچن ٿا. حڪيم محمد منير تجارتي پيماني تي دوائون تيار ڪري ٿو سندس دلبهار ”ڏاڏل“ سڄي سنڌ ۾ مقبول آهي، ان جي مقابلي ۾ ڪي نقلي ڏاڏليون به وڪامڻ لڳيون آهن ليڪن منير صاحب جي مشروب جو ڪوبه مقابلو ٿي نٿو سگهي، خدا ڪري هڪ خوش نصيب انسان جو خوش خلق خاندان سدائين شاد ۽ آباد رهي.

## حڪيم حاجي محمد جمن:

حيدرآبادي سومرن جي خاندان مان مشهور عالم ۽ حڪيم هيو، هن جا وڏا ڪلهوڙن جي دور ۾ هتي آيل هئا ۽ حيدرآباد جي شهر کي آباد ڪرڻ ۾ حصو ورتو هيائون. حافظ محمد جمن جو فقير جي پڙ ۾ مائي خيري جي مسجد

(١) ياد گيريون، مولانا حڪيم محمد معاذ، الرحيم - ٤ - ١٩٦٥ع.

کي ڪنهن قابل قدر استاد لاءِ لکيو ۽ هن علامہ ڪاڪيپوٽي ٿي اهو ڪم رکيو هيو.

علامہ علي محمد سنڌ جي مختلف ۽ مشهور درسگاهن، مدرسہ دارالسعادت گورو پهوڙ لڳ خانپور شڪارپور، مدرسہ مظهرالعلوم کڏو ڪراچي ۽ شاهہ ولي الله ڪاليج منصوره تعلقي هالا ۾ مدرس رهي چڪو هيو.

پنهنجي عمر جي آخري دور ۾ علامہ اباڻي ڳوٺ جاوڻ وسائي حڪمت سان گڏ درس جو سلسلو جاري رکندي مارچ ١٩٦٧ع ۾ دارالفنا کان دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو.(١)

## مشهور خاندان:

هاڻ سنڌ جي انهن مشهور خاندانن جو ذڪر پيش خدمت آهي جن سنڌ ۾ طب جي سرپرستي ڪري ان کي عروج تي رسايو هيو.

## راشدي خاندان:*

هن خاندان جي نسبت سنڌ جي روحاني رهنما، ڪلهوڙن جي آخري دور ۽ ٽالپورن جي ابتدائي زماني جي ڪامل ولي پير محمد راشد (١١٧٠-١٢٣٣هـ) سان آهي.

سنڌ جي هن بزرگ خاندان نہ رڳو سنڌ اندر تصوف، طريقت ۽ ايقان، عرفان جي ڪرنڊڙ ديوارن کي جهلي ورتو ۽ نئين سر انهيءَ عمارت کي مستحڪم ڪيو پر ساڳئي وقت علم،

---

(١) مضمون، ڊاڪٽر غلام حيدر گهانگهرو الرحيم ١٩٦٨ع، علامہ اقبال جو شعر، ”داستان پارينہ“ حڪيم علي محمد قادري جي ديباچي تان ورتل آهي.

* مضمون جناب سيد حسام الدين راشدي، خاص نمبر روزانہ مهراڻ نومبر ١٩٥٧ع ڪراچي.

ادب، شعر، سخن ۽ طب خواهہ فنون لطيفہ جي اهڙي وڏي خدمت ڪئي جو سنڌ جي تاريخ ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

انهيءَ خاندان تصوف، حديث، طب، لغت ۽ ادب تي سوين ڪتاب تاليف ڪرايا ۽ گذريل ٻن صدين تائين هن خاندان جي هر فرد انهيءَ تحريڪ ۾ دل و جان سان حصو ورتو.

سنڌ ۾ ڪتابن جمع ڪرڻ، ڪتب خانن جي قيام، ديني توڙي دنيوي تعليم لاءِ ادارن کولڻ جو عظيم الشان ڪارنامو بہ الهن جو ئي مرهون منت آهي.

سنڌ جي غريب طبقي کي تندرست بنائڻ ۽ سنڌي قوم کي روحاني قوت سان گڏ جسماني صحت بحال رکائڻ لاءِ هن خاندان جو هر فرد ۽ ٻيا مريد، شاگرد وغيره مذهبي عقيدي طور طب جو پيشو اختيار ڪندا هئا جنهن ۾ ذريعي معاش جي طمع جو ڪو بہ دخل نہ هيو، نہ رڳو ايترو جو عام خاص ماڻهن جو مفت علاج ڪندا رهيا پر طب تي بہ ڪيئي علمي ۽ فني ڪتاب قلمبند ڪرايائون. مرڪب يا مفرد دوائن، توڙي ڪکن ڪشتن جي تياري ۾ نوان نوان تجربا ڪري ۽ طريقا هلائي مجرب شيون استعمال هيٺ پئي آنديائون جيڪي اڄا تائين سنڌ جي گهڻن حڪيمن وٽ تبرڪ طور محفوظ آهن.

هن خاندان جون طبي خدمتون ڪلهوڙن جي دور ۾ ئي شروع ٿي چڪيون هيون جن جو سلسلو ٽالپورن کان وٺي انگريزن جي زماني تائين هلندو آيو.

## حضرت سائين ”تخت ڌڻي“ جا فرزند:

سيد محمد حزب الله شاهہ ”تخت ڌڻي“ (١٢٥٨-١٣١٨هہ) ابن حضرت گوهر شاهہ (١٢٣٣-١٢٦٣هہ) ابن حضرت صبغت الله شاهہ اول (١٢٤٦هہ) ابن حضرت محمد راشد (١١١٧-١٢٣٣هہ) ”روضي ڌڻي“ فارسي، عربي جو جيد عالم ۽ ديني علوم ۾

يڪتاءِ روزگار هيو، فارسي شعر، سخن ۾ ”مسڪين“ تخلص هوس. سندس والد بزرگوار سنڌيءَ جو يگانو شاعر هيو، تخلص ”اصغر“ هوس.

پير حزب الله شاهه موجوده پير حسام الدين راشدي جي والد بزرگوار جو سڳو ناٺو هيو، سندس فرزندن مان پيرغلام مصطفيٰ شاهه ۽ پير علي اصغر شاهه به وقت جا وڏا عالم هئا، طب ۾ به هنن جو اهڙو ئي مقام هيو.

پويون بزرگ فارسي، سنڌي زبانن جو نفيس شاعر ۽ بي مثال خطاط هيو. مصوري ۾ به ڪافي دسترس هيس. هنن ٻنهي ڀائرن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ طب کي چڱي ترقي ڏياري ۽ ڪيئي شاگرد پيدا ڪيائون جن جا سلسلا اڃا سوڌا سنڌ ۾ هلندا اچن ٿا. پير علي اصغر شاهه جو انتقال ١٩٣٥ع ۾ ٿيو هو.

## حضرت پير سائين ”تجر ڌڻي“ جا فرزند:

پير محمد صبغت الله شاهه اول (١٢٤٦هه) ابن پير محمد راشد جي صاحبزادن مان پير علي محمد شاهه (١٢٨٤-١٢٣٤هه) موجوده راشدي پائرن جو پڙ ڏاڏو.

هي بزرگ پنهنجي دور جو بو علي ثاني ٿي گذريو آهي. طب ۾ ڪيس مجتهد جو درجو حاصل هيو. ڪانئس پوءِ سمورا فرزند ۽ شاگرد به پنهنجي پنهنجي وقت جا ڪامل ۽ يگانا طبيب ٿي گذريا آهن. پير احمد شاهه اول (١٣٠٩هه) ۽ پير حسام الدين اول (١٣١٨هه) جي حيثيت جو سنڌ ۾ ورلي ڪو ماڻهو ملندو. هنن بمبئي، ڪڇ ڪاٺياواڙ ۽ راجپوتانا تائين علاج معالجي درحق وڏي معرڪي جا طبي ڪارناما سرانجام ڏنا هئا.

پير حسام الدين جا ڪيترا شاگرد هئا جن مان مولوي عبدالرحمٰن پير ڳوٺائي طب ۾ لاثاني ۽ صاحب بياض هيو. جراحت جي فن ۾ پير احمد شاهه جي وڏي هاڪ هئي، سندس شاگرد

۽ دوست هو. مرحوم جو وڏو ڪتب خانو آهي، جنهن ۾ سوين قسم جا نادر علمي مخطوطا محفوظ آهن.

مختلف طبي ڪتابن کان علاوه، قانون شيخ جي شرح قرشي مڪمل هن ڪتب خاني ۾ موجود آهي. مرحوم پويان ٻه فرزند ڇڏيا آهن.(١)

نوٽ: (٢)

پير محمد معشوق شاهه سياحت جو گهڻو شائق هو ۽ پنهنجو هڪ سفرنامو به لکيو هئائين جيڪو ليٿوءَ ۾ ڇپيل آهي. هن هندستان جي ڪيترن پرڳڻن ڪلڪتي، اوڙيسا، دکن، ۽ مدراس وغيره طرف اڪثر آمدرفت پئي ڪئي، سندس سفرنامي (١٣٠٠هه) ۾ ڪيئي طبي واقعا درج ٿيل آهن. اهو سفرنامو تاريخ ٤- سيپٽمبر ١٩٢٤ع مطابق، ٤- صفر ١٣٤٣ هه ڌاري حيدري اسٽيم پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو هو. رسالي (سفرنامي) جو نالو معشوق الشفا آهي.

پير صاحب انهيءَ ۾ ملبار جي شهر الپي بندر، ڪوچين بئنگلور ۽ ميسور جي طويل سياحت جا عجيب غريب واقعا لکيا آهن، جن جو علاج معالجي سان تعلق آهي.

---

## پير جهنڊي واري شاخ:

پير سائين روضي ڌڻي جي ٻي نمبر فرزند پير محمد ياسين شاه جي اولاد کي پير جهنڊي واري شاخ سڏيو وڃي ٿو، جنهن جي مسند ارشاد نواب شاهه ضلعي جي هڪ ڳوٺ پير جهنڊي ۾ قائم آهي. ان جون ٻيون شاخون، ٺلاهه ۽ هلين (لاڙڪاڻي

---

(١) رسالو نئين زندگي ڪراچي نومبر ١٩٦٢ع، ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي.

هئا، خاص طرح قوت باه ۽ خوني بواسير لاءِ هڪ ماهر معالج هيو.

هن پير صاحب جي باري ۾ گهڻن ماڻهن کي اهو گمان هيو ته وٽس ڪيميا (سون ٺاهڻ) جو علم آهي. پاڻ طب کان علاوه، علم جفر ۽ نجوم جو به ماهر هيو. سندس وفات ٢٧- ربيع الثاني ١٣٥٠ هه ۾ ٿي هئي.

ڏلاهه ۾ پير ابراهيم شاهه ولد عبدالوهاب شاهه ولد شاهنواز شاهه ولد حضرت پير روضي ڌڻي به وقت جو وڏو حڪيم هيو، پير حسام الدين راشدي انهن بزرگن جي زيارت ڪئي هئي، جهڪي عزازت جي ڪري منهن گهڻي قدر مهربان هئا. جهنڊي واري شاخ مان هلين (لاڙڪاڻي) وارو پير محمد نصرالله شاهه ولد هدايت الله شاهه ولد پير محمد ياسين شاهه ولد حضرت پير سائين روضي ڌڻي به جيد حڪيم ٿي گذريو آهي. هن جو فرزند پير مولا شاهه اڃا تائين حڪمت جي فن سان لاڳاپو رکندو اچي ٿو.

## سيوهڻ جو قاضي خاندان:

سيوهڻ شهر جي تاريخ سڪندر کان وٺي قلندر تائين ۽ موجوده دور سميت سياست ۽ تصوف، علم ۽ حڪمت جي خصوصيتن ۾ شاندار پئي رهي آهي.

مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي متوفي (١٢٢٤هه) مخدوم محمد عابد انصاري متوفي (١٢٥٨هه) ۽ مخدوم محمد مراد متوفي (١٢٧٢هه) هن شهر جا صاحب دل مشاهير ٿي گذريا آهن. برهانپور جي سنڌي اوليائن: مخدوم عيسيٰ مسيح الاولياء، شيخ قاسم پاٽائي ۽ شيخ الاسلام يوسف سنڌي ڌوڙي شيخ المشائخ رڪن الدين سنڌي (٩٥٢-٨٧٥ هه) به اصل هتان جا روشن چراغ هئا، جن جي عظيم هستين پاڻ ۽ سيوهڻ کي لازوال شهرت ۽ عزت بخشي هئي.

انهن ڀلارن مان مخدوم ٻصرالدين سيوهاڻي ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي خاندان جيڪي علمي، سياسي ۽ طبي ڪارناما سر انجام ڏنا آهن، تن بابت ضرورت مطابق مختصر بيان پيش ڪجي ٿو.

## مخدوم ٻصرالدين سيوهاڻي:

انگريزن جي پوئين دور ۾ هي تونگر دل ۽ درويش مزاج، وڏو عالم ۽ عارف ٿي گذريو آهي. سندس ولادت(١٢٨٢ھ) ڌاري سيوهڻ ۾ پنهنجي مامي ۽ موجوده قاضي برادران جي ڏاڏي، حڪيم حافظ خليفي غلام محي الدين جي گهر ۾ ٿي هئي.

دينيات جا ڪتاب پنهنجي ڏاڏي مخدوم ميان محمد وٽان پڙهيائين ۽ باقي علم پنهنجي سوٽ مخدوم حسن الله پاٽائي وٽ پورو ڪري، سندس والد بزرگوار مخدوم ميان احمد جي خواهش مطابق سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿي انگريزي جي تعليم کي تڪميل تي رسايائين، ليڪن دنيا سان دل نہ لڳڻ سبب گوشي نشين ٿي ويو. طب جو علم ۽ فن ڪيس پنهنجي ڏاڏنگ مان ميراث طور مليو هيو. سندس ڏاڏي مخدوم محمد حسن متوفي (١٢٢٠ھ) جا ڪيئي قلمي ڪتاب وٽس موجود هئا، جن ۾ معالجات جو علم ۽ تورڙي مجربات جو فن صدري اهميت رکندڙ هيو.

مخدوم صاحب پنهنجي ڏاڏي وانگي علاج در حق بعضي اهڙا ڪرشما ڪري ڏيکاريندو هيو، جو هرڪو حيرت ۾ پئجي ٿي ويو. تاريخ ۽ سياست جو بہ وسيع مطالعو ڪيو هيائين. ديني، روحاني ۽ طبي علوم کان علاوه علم جفر، رمل، نجوم ۽ ڪيميا، سيميا جو بہ وڏو ماهر هيو. اهڙيءَ طرح تصنيف تاليف جي سلسلي ۾ بہ سندس عربي ڪتاب شاندار حيثيت رکن ٿا.

سنڌ جو هي نامور بزرگ (١٣٥٦ھ) ۾ هن فاني دنيا

۾ ويهه گهر ۽ اسپتال هلائي ٿي. حڪيم احسن اڃا تائين پاڻ به طب سان ناتو نه ٽوڙيو آهي.

حڪيم فتح محمد مرحوم پنهنجي جيئري طب ۽ علم، ادب کان علاوه سياسي طور به سنڌ جي ڪافي خدمت ڪئي، انشا پردازي جي فن تي عبور رکڻ سان گڏ عربي فارسي جو قادرالڪلام ۽ سنڌيءَ جو قومي شاعر هيو. سندس خوشخطي پڻ بي نظير هئي، جنهن جو مطالعو راقم شڪارپور ۾ مولانا عبدالڪريم چشتي جي ڪتب خاني ۾ ڪيو هيو.

حڪيم صاحب جو عربي، فارسي ڪلام ڪابل ۽ مصر جي علمي ادبي جريدن ۾ شايع ٿيندو هيو. سندس تصانيف مان طب فتح محمدي قلمي ۽ حيات النبي ڇپيل، هر لحاظ کان بهترين آهن. هن بزرگ جي ولادت (١٢٠٠ هه) ۾ ۽ وفات (١٣٦٠هه) ڌاري ٿي هئي. مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي هن جو وڏو نانو ۽ خليفو فيض الله (ولادت ١١٨٣ هه) سندس وڏو ڏاڏو هيو. حڪيم صاحب جي قومي شاعري مان سندس نظم "سچي قرباني" جا ڪي ٽڪرا هي آهن:

١- ڪي ٿين قربان پنهنجي يار تان،
يار جي رفتار ۽ گفتار تان.

٢- مال ۽ زر تان ٿا ڪن صدقي ڪي سر،
ڪي ٿا سر گهورين دنيادار تان.

٣- ۽ ٿين ٿا ڪي فنا اولاد لئي،
ڪي عزيز و خويش، رشته دار تان.

٤- غرق ٿيا ڪي ڪنهن نه ڪنهن سوداء ۾،
ڪي ٿين بلهار ٿا واپار تان.

٥- ڪي مرن اڄ پنهنجي نالي لاء ٿا،
ڪي فدا ٿين، ڪرسي ۽ دربار تان.

٦- ڪي هلن اک جي اشاري تي سدا،
ڪي سدا صدقي ٿين سرڪار تان.

٧- ڪي مرن جنت جي حورن لاءِ ٿا،
گهورجن ڪي جنتي گلزار تان.

٨- آئون ٿيان صدقي وطن جي خاڪ تي،
گهور ٿيان شل آئون وطن جي خار تان.

٩- ديس جي عزت تي شل قربان ٿيان،
ٿيان فدا شل ديس جي ديدار تان.

١٠- جو سر دار و رسن تي ملڪ لئي،
سر ڪريان صدقي انهيءَ سردار تان.

حڪيم قاضي عبدالقيوم، حيدرآباد ۾ طبابت سان گڏ سياست ۾ چڱو پاڻ ملهايو ۽ وڏو مان مرتبو حاصل ڪيائين. سندس فرزندن مان قاضي اڪبر صاحب ورهاڱي کان اڳ گاڏي کاتي ۾ اورينٽ هوٽل واري جاءِ تي عاليشان مطب جو بنياد رکيو، پر پاڪستان کان پوءِ سياست ۾ اچڻ ڪري انهيءَ پيشي کان الڳ ٿي ويو. باقي قاضي محمد اڪرم طب سان تعلق رکي نندين وڏن ماڻهن جا ڪامياب علاج ڪندو رهي ٿو. قاضي اڪبر جي نياڻي مسز امينه، شهر ۾ ويم گهر ۽ اسپتال سان پنهنجون مصروفيتون وابسته رکيون آهن. قاضي محمد اعظم بهترين وڪيل آهي.

قاضي عبدالمجيد صاحب "عابد" صحافت، سياست ۽ سياحت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت حيدرآباد جي روزانه اخبار "عبرت" سندس دم قدم سان ڏينهون ڏينهن ترقيءَ ڏانهن گامزن آهي. هن هردلعزيز شخصيت جي خوش اخلاقي ۽ رهڻ ڪهڻي ڪچهري هرطبقي جي ماڻهن لاءِ ڪشش جو باعث رهي ٿي.

نجدي (باني وهابي تحريڪ) جي پوءِ لڳن سان ملاقات ڪري ڪانئن ڪافي متاثر ٿي چڪو هيو. جيڪي شروعات کان مڪي جي شريف ۽ انگريزن خلاف ترڪن جي حمايت ۾ تحريڪ هلائي رهيا هئا.

انهيءَ زماني ۾ انگريزن خلاف جيڪا مختلف عالمن جي فتوا جاري ٿي هئي ته انهن جي فوج ۾ ملازمت ڪرڻ حرام آهي، تنهن جي تائيد ۾ موري جو مشهور عالم، حڪيم ۽ سياسي شخصيت حڪيم عبدالخالق، ”خليق“ مورائي زبردست تحرڪ ورتو، انهيءَ فتوا خلاف پنجاب وڏو زور هلايو هيو. حڪيم صاحب ١٩٢١ع ۾ تحريڪ خلافت ۽ ترڪ موالات جو هيرو ليکيو ٿي ويو. اهي سلسلا پوئين زماني تائين هلندا آيا، فيض محمد پاڪستاني به موري مان ٿي گذريو ته شهيد عبدالرزاق سنڌي به اتان ئي پيدا ٿيو.

موري توڙي نوشهري جي قاضي خاندان مان حڪيم قاضي محمد عالم، حڪيم حافظ محمد عثمان (حڪيم شمس الدين احمد جو ڏاڏو)، حڪيم قاضي احمدي وڏا ديني ۽ طبي عالم هئا.

بي پاسي، حڪيم حب الله ولدخ ليفو عبدالوهاب مورائي (اڳ بيان ٿيل) حڪيم مولوي محمد صديق ولد قاضي عبدالرؤف حڪيم عبدالوهاب ولد محمد يوسف جي علم ۽ طب جي گهڻي شهرت هئي سندس پوين مان حڪيم عبدالهادي نوشهرائي ۽ حڪيم محمد طيب مورائي آهن.(١)

حڪيم عبدالخالق ”خليق مورائي“ ولادت ١٣١١ هه جنهن جو ستي مختصر ذڪر ڪيو ويو موري جي مدبر هستي ۽ پنهنجي دور جي مسيحائي صفت طبي شخصيت جو مالڪ

---

(١) اقتباس، مضمون جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سوانح نمبر سماهي مهراڻ ١٩٥٧ع.

(١٢٧٠هه) جي جاءِ تي مسند نشين ٿيڻ کان پوءِ (١٢٩٧هه) ڌاري سڄي خاندان سميت لڏي سنڌ ۾ آيو، سندس عزيز، قريب مختلف هنڌن تي قيام پذير ٿيندا ويا. خواجه عبدالرحمٰن ڀريان ٽکڙ ۾ سيد ميران محمد شاهه جي دعوت تي اچي سڪونت اختيار ڪئي، ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن ٽکڙ جي شهر کي درياهه پاڻ لڳو ته پاڻ اتان نڪري پنهنجي معتقد ۽ مريد، مير غلام علي خان جي مرضيءَ تي ٽنڊي محمد خان لڳ ٽنڊي سائينداد ۾ اچي وينو جتي (١٣١٥هه) ڌاري رحلت ڪيائين.

خواجه عبدالرحمٰن جو وڏو فرزند خواجه محمد حسن جان ولادت (١٢٧٥هه) اوائل ۾ ٿي سال پنهنجي والد سان گڏ رهيو، جنهن کان ابتدائي تعليم وٺڻ کان پوءِ ملا مير اعظم علي زئي ۽ مولوي لعل محمد متياري واري کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. ٽنڊي سائينداد ۾ درس تدريس سان گڏ تصنيف تاليف جو سلسلو به جاري رکندو آيو، سندس ڪتابن مان شفاء الامراض، انيس المريدين، انساب الانجاب ۽ سفر نامه عربستان ٽوڙي پيا ڪيئي ڇپيل ٽوڙي اڻ ڇپيل صورت ۾ پوين وٽ محفوظ آهن.

خواجه محمد حسن جان عربي، فارسيءَ جو بلند پايه شاعر به هيو، سندس خاندان جا ڪيترا مخطوطا مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين واري جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن جن ۾ طبي مواد پڻ شامل آهي.

خواجه محمد حسن جان جي رحلت (١٣٦٥هه) مطابق (١٩٤٦ع) ۾ ٿي هئي. هن جي فرزندن مان شاهه آقا، عبدالستار جان ۽ حڪيم حافظ محمد هاشم جان سرهندي به وڏا اهل علم ۽ اهل قلم هئا. هن خاندان جو، ديني تعليم ۽ تبليغ سان گڏ طب جي علم ۽ فن سان به گهڻو تعلق پئي رهيو، هر بزرگ وٽ طب جا نادر قلمي نسخا موجود رهن ٿا.

محمد هاشم جان سرهندي جنهن جو تازو انتقال ٿي چڪو

آهي، طب ۾ ماهر ۽ مشهور هيو، سنڌ ۾ سندس مريدن کان علاوه پيا ماڻهو به ڪانئس عقيدت سان علاج ڪرائيندا هئا. هن خاندان جا پيا حڪيم، پير غلام محي الدين فاضل طبيه ڪاليج دهليءَ ۾ حڪيم پير سليم جان فارغ طبيه ڪاليج اجمير ۽ پير محمد ابراهيم ”خليل“ طب وسيلي خلق جي خدمت ڪندا رهن ٿا.

محمد هاشم جان جي شاگردن مان حڪيم گل محمد هن وقت بوبڪ جي تاريخي شهر ۾ پنهنجو دواخانو هلائي رهيو آهي. وٽس سياسي، ديني، علمي، ادبي، تاريخي ۽ طبي ڪتابن جو ذخيرو موجود آهي. سندس محبت ۽ مهمان نوازيءَ جي ڪري اوري پري جا علمي، ادبي شائق ساڻس ڪچهريون ڪرڻ ايندا آهن. هن زماني ۾ اهڙي علم دوست شخص جو وجود غنيمت آهي.

سرهندي خاندان جي ٻي شاخ مان حڪيم عبدالغفور سرهندي مشهور هستي آهي جنهن جو اوائل ۾ عمر ڪوٽ جي شهر ۾ مطب ۽ ڪتب خانو هيو، ڪجهه عرصو ڪراچيءَ ۾ به مطب جاري رکيائين، اڄڪلهه مير پورخاص ۾ سندس مطب آهي. حڪيم صاحب ١٩٢٠ع ڌاري طبيه ڪاليج دهليءَ مان طب جي تعليم حاصل ڪئي هئي،

عمر ڪوٽ واري زماني ۾ ”سنڌ هاري فيڊريشن“ قائم ڪري سياست ۾ بهترين ڪارناما سر انجام ڏيندو رهيو. سندس مطب ۾ پيرن فقيرن جي مريدن جا ميڙ لڳل هوندا هيا، اهو نظارو ١٩٥٢ع ۾ راقم خود اکين سان ڏٺو هيو. هن علم دوست ۽ عوامي شخصيت جي ڪتب خاني ۾ مشهور طبي صحيفن قانون شيخ الرئيس، ڪامل الصناعه، ذخيره خوارزم شاهي کان علاوه ڪيئي طبي ڪتاب موجود آهن، اهو ڪتب خانو راقم لاءِ پڻ رهنما ثابت ٿيو. منهنجي پنهنجي زندگي حقيقت ۾ ڪجهه نه هئي پر خوش قسمتي سان ڪن اهڙين هستين جون

صحبتون نصيب ٿيون جن مون کي علم ۽ فضيلت سان سڀ ڪجهه عطا ڪري ڇڏيو، هاڻ شيخ سعدي جوهي شعر اڪثر اڪيلائي ۾ دهرائيندو آهيان:

گلي خوشبوء در حمام روزي- رسيد از دست محبوبي بدستم
جمال همنشين در من اثر ڪرد- وگرنه من همان خاڪم ڪه هستم

محترم حڪيم عبدالغفور سرهندي به منهنجي انهن محبوب مربين مان آهي جنهن جي علمي جمال کان آءٌ نياز مند ڪافي متاثر آهيان.

## ترائي جو قاضي خاندان:

سکر ضلعي ۾ ڳڙهي ياسين لڳ ترائي جو قاضي خاندان ايامن کان طب جي علم فن ۾ تمام ماهر ۽ مشهور آهي. سندس پوين وٽ اڄان تائين قديم طب جي ڪتابن بياضن جو ذخيرو موجود آهي، هن خاندان جي حڪيمن جي شهرت سڄي روهاڙ پرڳڻي ۾ هوندي هئي.

انهن قاضين جو هڪ خاندان حڪيم قاضي عبدالغفور جو هيو، جنهن جي پوين مان حڪيم قاضي عبدالرشيد، حڪيم قاضي عبدالرحيم، حڪيم قاضي خير محمد ۽ حڪيم قاضي عبدالله وفات (١٩٤٢ع) پنهنجي وقت جا ناميارا حڪيم هئا.

هنن جو ٻيو خاندان حڪيم قاضي مولانا تاج محمد جو آهي جنهن جا پويان، حڪيم قاضي مولوي عبدالهادي، حڪيم قاضي عبدالرزاق، حڪيم قاضي غلام حسين، حڪيم قاضي ميان محمد صديق، حڪيم قاضي مولوي عطا محمد حڪيم قاضي مولوي گل محمد، حڪيم قاضي غلام نبي، حڪيم قاضي منظور احمد ۽ حڪيم قطب الدين اڄا سوڌا عزت سان ياد ڪيا وڃن ٿا.

هي ٻئي خاندان ديسي معالجات توڙي مجربات جي اعتبار کان پلئون پل هئا تنهن زماني ۾ رتن ۽ پٽسي پائي جي ذڪيائي هوندي به ماڻهو ڪشالا ڪري ۽ ناڻا ڪٺي اچي هنن

جو در پيتندا ٿي رهيا. سندن علاج ۾، عرق، شربت، معجون، حب، ڦاڪڙيون ۽ پساوڙا عام استعمال ٿيندا هئا. انهن نسخن جي نيربهدف هئڻ ۾ هنن جي ذاتي تجربي جو وڏو دخل هيو جنهن جي ڪري سندن شهرت سان گڏ طب جي توقير به ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي.

هنن جي پنهنجي خاندان لاءِ مشهور آهي ته انگريزن جي دور ۾ جڏهن ولايتي طب جي مقابلي ۾ ديسي طب جي اهميت کي گهٽائڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي وئي ته حڪومت جي مخالفت واري اثر ۾ اچي ديسي ڪامورن توڙي وڏيرن سندرو ٻڌي پنهنجي ڏيهي طب جي گهٽتائي ۽ پرڏيهي طب جي پذيرائي لاءِ وسان ڪين گهٽايو. پر قاضين جو طبي سرجوشي ۽ همت کي ڏسي وقت جي ٻين طبيبن به دل ٻڌي انهيءَ چئلينج جو پورو مقابلو ڪيو. نتيجو اهو نڪتو، جو مخالفن جا منهن پٽ سان لڳي ويا.(١)

## خيرپور جو جراح خاندان:

ميرن جي زماني ۾ خيرپور ميرس جو هڪ جراح خاندان مشهور هيو جنهن جا پونير اڄا تائين جراحت جي فن ۾ شهرت رکن ٿا، هي خاندان پشت به پشت ميرن توڙي عام خاص ماڻهن جو شاهي ۽ خانداني معالج رهندو ٿي آيو.

هنن جي جراحت جي هر هنڌ هاڪ هوندي هئي، هر قسم جي ڦوڙهي، ڦٽ ۽ ناسور توڙي ڏڪ ڦٽ لاءِ هنن جون نشترون ۽ نايون مثالي شفا جو اثر رکندڙ هيون، سندن ملم پٽي به پنهنجو مٽ پاڻ هوندي هئي. هن خانداني جو مشهور جراح ۽ خانداني حڪيم حاجي غلام حسين انگريزن جي زماني ۾ پنهنجي محنت ۽ حذاقت جي ڪري مليٽري جي ڪئمل ڪور (جنهن

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، مولانا دين محمد وفائي.

۾ انن جي سواري وسيلي وڃي مريضن جو علاج ڪيو ويندو هيو) ۾ داخل ٿي ميڊيڪل آفيسر جي عهدي تائين ترقيءَ تي پهتو هيو.

انهي دوران هي برٽش گورنمينٽ جي ڪيترن ماتحت ملڪن ۾ وقت بوقت ويندو رهيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ انگريزن هن کي ڪيئي تمغا، انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا هئا. انهيءَ خاندان مان غلام محمد، غلام حسن، محمد رمضان ۽ غلام حيدر به وڏا جراح ٿي گذريا آهن. حڪيم عبدالحڪيم منگي به هن ئي خاندان جو برک طبيب ۽ ماهر جراح هيو.

ذڪر ڪيل غلام حسين جو چاچو غلام محمد پير ٽوڪي (سائي) جي نالي سان مشهور هيو. ٽڪن ڏيڻ ۾ ڪيس ايڏي ته مهارت هئي جو مرڻ کان پوءِ هن کي عام خاص ماڻهو پير ٽوڪي ڪوٺي پوڄڻ لڳا. سندس تربت تجل سوراهه لڳ ڪوٽ ڏجيءَ ۾ آهي جتي روزانو ڪيئي معتقد ايندا ويندا رهن ٿا ۽ گهڻا مريض شفا حاصل ڪرڻ جي عقيدي سان اتي رهندا به آهن. هتي وڏي پيماني تي هڪ ساليانو ميلو پڻ لڳندو آهي. حڪيم قلندر بخش منگي به هن خاندان جو فرد ۽ هزهائنس ميرعلي نواز جي زماني ۾ ميرن جو شاهي طبوب هيو. هي اميرن کان علاوه غريبن جو علاج به ڪندو ٿي رهيو. سندس هٿ شفا سڄي رياست ۾ مشهور هوندي هئي. پاڻ عربي، فارسي جو عالم به هيو. هن جي پوين مان هاڻ ڊاڪٽر يار محمد منگي ايم. بي. بي. ايس. جنهن ١٩٤١ع ۾ بمبئي مان ڊاڪٽري پاس ڪئي هئي، سعيد منزل ڪراچي ۾ سنڌ جي مشهور ڊاڪٽر لعلواڻي اينڊ ڪمپني سان پرڪٽس ڪري رهيو آهي.

هن خاندان جو هر فرد طب ۽ جراحت ۾ هر لحاظ کان مهارت جو مالڪ هيو. انهن معالجن وٽ پنهنجي وڏڙن ۽ استادن جا ڪامياب صدري نسخا موجود هئا جن جي وسيلي

ڪويراج رامچند، هيمنداس انهن ادارن جي سهڪار سان وئديه شاستري جي تعليم وٺي امتحان پاس ڪيو هيو. سنڌس ٻيو ساٿي، چيلا رام ڪرشنا مهاراج هيو ان به وئديه شاستري جي سند حاصل ڪئي هئي.

ڪويراج رامچند ١٩٤٣ع ڌاري هڪ طبي ڪتاب "حڪيمن جو رهبر" لکيو هو جنهن ۾ چوندگهرو علاج درج آهن، اهو ڪتاب سرڳواسي سيٺ ڪندن مل رامچندائي (ديهانت ١٩١٥ع) جي ياد ۾ سندس پٽ جيوترام رامچندائي، ڪوڙو مل سنڌي ساهتيه منڊل جي سات سان ڇپرايو هيو.

ڪتاب ڪرائون سائيز تي اڍائي سون صفحن ۾ پاپا پرنٽنگ ورڪس، تلڪ چاڙهي حيدرآباد مان ڇپيو هيو ۽ پڪي جلد سان راقم وٽ اڃا تائين موجود آهي.

هن ڪتاب ۾ الف، بي وار سيني بيمارين، آيور ويدڪ اصولن ۽ مختلف علاجن جو تفصيل ڇاڏايل آهي جا ڳالهه مصنف جي طبي عالم هئڻ جي دلالت ڪري ٿي.

هن ۾ زالن، مردن ۽ ٻارن جي الڳ الڳ بيمارين ۽ انهن جي علاجن کان علاوه برهمچريه، دوائن ۾ ڪم ايندڙ زهرات ۽ ڌاتن جي صاف ڪرڻ، ڪشتن مارڻ کان وٺي نانگ بلا جي ڏنگڻ کان پيدا ٿيل تڪليفن جي ترت اُپاءَ جا طريقه به شامل ڪيا ويا آهن.

## ڌارائڻداس، ميڱهراج نيڱاندي:

سنڌ ۾ هندو، مسلمان عالمن خاص ڪري طب ۽ تصوف بابت جيڪي بي نظير ڪتاب لکيا ۽ شاندار ڪارناما سرانجام ڏنا تنهن جو مثال مشڪل سان ڪنهن ٻي ملڪ ۾ ملي سگهندو، جتي تصوف ذريعي هندو مسلم اتحاد جو پرچار ڪيو ويئي ويو

سلهه، دوش (خلط) جي بگڙڻ جا سبب، قوتن جي هار جي وڃڻ جا بيان، قوتن جي بحالي جا اپاءُ، سلهه واري مريض جي پرهيز، کاڌي جون شيون، ٿهل ٽڪور، ٻين ڀاتين جي بچڻ جا اپاءُ، سلهه واري مريض لاءِ فائديمند شيون ۽ ڳالهيون. احتياط، آبهوا، مالش، غسل، ونڊر، ويساهه ڏيارڻ، کائڻ جون دوائون، غريبي نسخا، آيورويدڪ علاج جا طريقا ۽ ٻيون تدبيرون درج آهن.

ڪتاب ۾ سشرت، چرڪ ۽ ٻرڊ واگهيٽ جي ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن، هي ڪتاب سرڳواسي ڏيپچند، تيجپانداس جي ياد ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هيو. ان جو هڪ نسخو راقم وٽ به موجود آهي جيڪڏهن ڪنهن اهل خير همت افزائي ڪئي ته وري نئين سر نظرثاني کان پوءِ شايع ڪرايو ويندو.

## سيٺ ليلارام، نهالچند:

سنڌ جي آدرشي انسان سيٺ وشنداس، مانجهند واري جو ننڍو ڀاءُ ۽ درويش صفت انسان ڳوٺ مانجهوءَ لڳ مانجهند (ضلعي دادو) جو زميندار جنهن جون وڏي پيماني تي واپار جون ڪوٺيون به هلنديون هيون.

هي خاندان شاهوڪاري جي لحاظ کان سڄي سنڌ ۾ نامياررو هيو. هن جي هر فرد جي دولت، عام زميندارن وانگي اجاين ڪمن ۾ ضايع ٿيڻ بجاءِ ثقافتي ۽ خيراتي ڪمن تي صرف ٿيندي هئي.

هند سنڌ جي نامور موسيقارن جي سرپرستي ۽ انهيءَ فن جي ترقي هن ئي خاندان جي مرهون منت هئي. هن جا فرد پاڻ به موسيقيءَ جي فن ۾ ماهر هئا.

خيراتي ڪمن ۾ به سنڌ فراخدلي سان پنهنجي دولت جو صحيح مصرف مثالي هيو، هنن جا ڪيئي خيراتي ادارا ڳوٺن توڙي شهرن ۾ غريبن جي تعليم، علاج ۽ ٻين امدادي ڪمن

وبا. ماڻھن پنھنجا ڳوٺ ڇڏي وڃي پراوا پٽ وسايا ھر ڪنھن کي پنھنجي ساھہ جي لڳي پئي ھئي.

سيٺ ليلا رام کي پنھنجي عزيزن توڙي ھين دوستن گھڻو ئي زور پريو تہ پاڻ بہ ڳوٺ ڇڏي وڃي پر ھي مھا پرش رات ڏينھن خلق جي خدمت ڪندو رھيو. اھا وچڙندڙ وبا جئن پوءِ تئن زور وٺندي وئي جنھن خطرناڪ حالتون پيدا ڪري ڇڏيون آخرڪار سيٺ صاحب جنھن اھو عھد ڪري ڇڏيو ھيو تہ اسان جو پلي تہ انت اچي پر ماڻھن تان ھي آفت ٽارڻي آھي. انھيءَ وبا ۾ پنھنجا پساھہ پورا ڪري ويو.(۱)

اھي ماڻھو جيڪي پنھنجي دولت سان گڏ پنھنجي اھل عيال کي ڇڏي، مصيبت جي وقت محتاج ۽ مريض ماڻھن جون خدمتون ڪندي پنھنجي جان بہ انھن جي مٿان صدقي ڪري ويا. تن کي تاريخ ڪنھن نہ ڪنھن طرح عقيدت ۽ محبت سان ياد ڪندي رھي ٿي. انھيءَ صداقت سان تہ جئن اھو سھڻو سبق ٻين لاءِ بہ ھدايت جو باعث ٿيندو رھي. سچ چيو اٿن تہ نيڪي ڪڏھن بہ ضايع ٿيڻي نہ آھي ۽ نيڪ ماڻھن جو نالو سدائين زنده رھندو.

## ديوان ھري سنگھہ ۽ منشي پوڪرداس:

سنڌ جا ٻہ اشاعتي ادارا جن علمي، ادبي ۽ مذھبي ڪتابن کان سواءِ طبي ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ۽ انھيءَ علم، فن جون يادگار خدمتون سر انجام ڏنيون. ھن وقت جيڪي پراڻا ڇاپيل ڪتاب ڪٿي نہ ڪٿي ھٿ اچن ٿا تن پنھنجي پنھنجي دور ۾ ھتان جي حڪيمن جي وڏي رھنمائي پئي ڪئي.

طب ۾ معالجات ۽ مجربات متعلق جيڪي ڪتاب ڇپيل

---

(۱) ڪتاب رتن جوت، مھاشيہ موتيرام، راموالي. ڀاڱو ٻيو ص ۵۱۰. ڪراچي.

آهن انهن جو تعداد ٽيهن مهاشين جي ادارن سان واسطو رکي ٿو. ديوان هري سنگهه ۱۸۸۵ع ڌاري سکر ۾ پنهنجو ادارو جاري ڪيو ۽ منشي پوڪرداس ۱۸۸۹ ۾ پنهنجو ڇاپ خانو عروج تي آندو. انهن جا ڇپايل هيٺيان طبي ڪتاب اڃا تائين مشهور آهن.

ڪتاب، بحرالحڪمت (سنڌي) مصنف حڪيم محمد حسن قريشي. پرنٽر حڪيم منگترام، بيگراج پبلشر هري سنگهه ڪتب خانو سکر. ڪتاب جو ڪاتب حاجي اويس احمد صفحا ۳۱۵ سن ۱۹۱۰ع. ڪتاب، مخزن الادويات (فرهنگ مسميت) وڏي سائيز ۽ ٻن حصن ۾. سال ۱۸۶۷ع جي ايڪٽ موجب رجسٽر ڪرائي منشي پوڪرداس، آريه سٽيم پريس لاهور مان ڇپرايو.

هنن جا ٻيا ڪتاب هي آهن:

قرابادين ولي، جنهن ۾ يوناني سان گڏ انگريزي علاج پڻ درج آهن. قرابادين علوي، هن ۾ پراڻن طبي ڪتابن جا نادر نسخا لکيل آهن. ميزان طب (سنڌي) طب آبحيات سنڌي، طب سڪندري عرف طب اڪبري، طب اڪسير علوي، طب باد فرهنگ، اڪسير احمر (ٽي حصا) مجربات اڪبري، مجربات بوعلي سينا ۽ قرابادين قادري اهي سڀ سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ ليٿوءَ ۾ ڇپايل آهن.

ديوان هري سنگهه ۽ منشي پوڪرداس جي پوئين زماني (۱۹۳۵ع) ڌاري هيمنداس ٿالي هڪ پبلشر سکر ۾ نئون اشاعتي ادارو کوليو جنهن جو مقصد هنن ٻنهي ادارن جو مقابلو ڪرڻ هيو. ان ڪري هيمنداس انهن ادارن جا ڪيترا ڪتاب ٿوري رد بدل سان ڇپرايا ۽ انهن جو تمام سستي اگهه ۾ وڪرو ڪرڻ لڳو، ايتري قدر جو الف ليلي مڪمل فقط ڏيڍ رپئي ۾ ته شاهه جو سچو رسالو صرف هڪ رپئي ۾ ٿي هلايائين آخرڪار

هري سنگهه ۽ پوڪرداس جو ميدان مات ڪرڻ کان اڳ پنهنجي ٿي ڪوٺ ۾ پورو ٿي ويو.

## ڪوڙو مل، سنڌي ساهيتہ منڊل:

سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ ۽ زرعي ڪاٺي جي ماهر ڪوڙي مل جا ڪيئي ڪتاب ۽ مضمون سنڌ جي مختلف رسالن ۾ لائبريرين ۾ اڃا سوڌا موجود آهن. هي پنهنجي جاء تي گويا هڪ ادارو هيو. ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد ۾ هن جي سربراهيءَ هيٺ سڌار سڀا ۽ ساهتيہ منڊل نالي ٻہ ادارا قائم ڪيل هئا. انهن پاران ڇپايل هيٺيان ڪتاب طبي لحاظ کان اهميت رکن ٿا.

صحت جو رهبر، جوڙيل، حڪيم واڌو مل، آڏو مل.

هن ڪتاب ۾ انيڪ نموني تندرست رهڻ جا طريقا ٻڌايا ويا آهن ۽ منجهس ڪيترا علاج پڻ ڏنل ٿا. پڇاڙيءَ ۾ غذا بابت تفصيلي ڳالهيون لکيون ويون آهن. صفحا ۲۲۵، سائيز ڊيمي.

شمسي طب: ليکڪ، سرڳواسي نولراء، ايسرداس.

سج جي ڪرڻن ذريعي انساني بيمارين جو ڪيئن علاج ڪيو وڃي، تنهن بابت ئي هي ڪتاب لکيو ويو جنهنجا ٻہ سو صفحا آهن.

قدرتي علاج: مصنف گورڌنداس ڪيڪلا.

هي ڪتاب ڪپڙي جي جلد سان اٺ سو صفحن جي اڇي پني تي ڇپايل آهي، جنهن جو تفصيل اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

سلهہ: ليکڪ، ڊاڪٽر ڇمنداس، ايسرداس جڳتياني.

سلهہ جي بيماري کان ڪيئن پاڻ بچائجي ۽ بيمار کي ڪيئن رهڻ يا ڇا ڪرڻ گهرجي؟ تنهن کان سواء آبهوا جي تبديلي بابت ڪيئي ڳالهيون منجهس ڄاڻايون ويون آهن. صفحا ۱۶۰.

هن اداري جا ٻيا ڪتاب، گهرو علاج: ڊاڪٽر پريتمداس.

سهڄ علاج. ڊاڪٽر هرنامداس. موسمي تپ، صحت جا راز، ڊاڪٽر چمنداس.

گهرو حڪيم، سيد عمر شاهه. گرهست ۽ برهم چاريه، سوامي پرم آنند، سپن دوش، سنتان شاستر ۽ سچو سرگ ڇپايل هئا.

پيش ڪيل تفصيل موجب سنڌ جي هندن نوڙي مسلمانن طب جي نشر اشاعت جي جيڪا پرخلوص ڪوشش ۽ خدمت ڪئي، تنهن کي ياد ڪرڻ ۽ ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، افسوس ورهاڱي کان پوءِ طبي اشاعت جي اها اهميت نه رهي ۽ اهو اياسن کان هلندڙ سلسلو قطع ٿي ويو.(١)

(١) سنڌي ادب جا قديم اشاعت گهر. محترم محمد عثمان ڏيپلائي. ماهوار نئين زندگي ڪراچي ڊسمبر ١٩٦١ع ۽ جون ١٩٦٢ع.

# فهرست (ا) "قلمي ڪتاب"

| | | |
|---|---|---|
| ١- | اسرارالجفر | ١٢٥٨ھ |
| ٢- | بياض سليمي | |
| ٣- | بياض ڪشتہ جات | |
| ٤- | بياض طب و وظائف | |
| ٥- | بياض محمد فاضل هالائي | ١٣٠٦ھ |
| ٦- | بياض حافظ نظر محمد سيوهاڻي | ١٣٣٠ھ |
| ٧- | بياض عبدالعلي شاه نصرپوري | |
| ٨- | بياض مهتہ ايسرداس | |
| ٩- | بياض رضوان | |
| ١٠- | بياض سيد عبدالله شاه ٽنڊو محمد خان | ١٩٣٤ع |
| ١١- | بياض عرض محمد ڪوسو | |
| ١٢- | بياض سادات لڪي | |
| ١٣- | بياض احمد يار خان | |
| ١٤- | بياض آخوند امام بخش رتيديرائي | |
| ١٥- | بياض مولوي لطف الله پنجو ديرو | |
| ١٦- | بياض سيد علي بخش شاه پنهواري | |
| ١٧- | بياض احسان علي شاه سيلاني | |
| ١٨- | بياض مير محمد کهمرو | ١٩٤٤ع |
| ١٩- | بياض در محمد کهمرو | |
| ٢٠- | بياض حسين شاه | |
| ٢١- | بياض حبيب الله خان | |
| ٢٢- | بياض محمد حسن | |

٢٣- بياض مير رسول شاهه
٢٤- بياض آخوندزاده علوي
٢٥- بياض قاضي بهادر علي شاهه
٢٦- بياض ٽارو مل ولد چندن مل نصرپوري ١٢٨٤ هه
٢٧- بياض سوپراج، چنديرام حڪيم
٢٨- بياض حڪيم عبدالمجيد سيال ١٣٥٩ هه
٢٩- بياض ملتاني ١٩١٣ع
٣٠- بياض پير اسد الله شاهه
٣١- بياض سيد مهرڻ شاهه
٣٢- بياض خوش محمد فقير لاڙڪ
٣٣- بياض پير محمد زمان شاهه راشدي
٣٤- بياض درگاهه لواري شريف
٣٥- بياض نورالعارفين ١٢٢٤ هه
٣٦- بياض حڪيم مولوي عبدالرحمان پير ڳوٺ
٣٧- بياض خانصاحب محمد حيات خان مغل
٣٨- بياض ڪهنه ساڪرو ١١٠٠ هه
٣٩- بياض ڪامل شاهه
٤٠- بياض ملا معمن فاروقي
٤١- بياض ٺاڪر شڪارپوري
٤٢- بياض حڪيم تاج محمد پيو عبدو (سکر)
٤٣- بياض مولوي سراج الدين ڪوسو ضلع جيڪب آباد
٤٤- بياض مولوي گل محمد قمبر (لاڙڪاڻو)
٤٥- بيان الادويه
٤٦- تجارب شهرياري (ڪيميا)

٤٧- خزينة الاسرار
٤٨- دوائن جا نسخا محمد شاه
٤٩- رسالہ خوشبوجات
٥٠- رسالہ استفراغ
٥١- رسالہ دربيان ثبوت علم مراد علي ٽالپور ١٣٤٧ هه
٥٢- رسالہ امراض راس
٥٣- صدري مجربات
٥٤- طب اورنگ شاهي
٥٥- طب جوهري
٥٦- طب فتح محمدي
٥٧- طبي نسخہ ١٣٦٠ هه
٥٨- طب تعليم الصبيان
٥٩- طب ام العلاج ١٢٢٨ هه
٦٠- طب جراحيات
٦١- طب حيوانات
٦٢- علاج الامراض
٦٣- غياث عليل
٦٤- فن طب يوناني قاضي فيض محمد مورو ١٩٣٠ع
٦٥- فن طب و تعويذات
٦٦- قوت باہ
٦٧- ڪتات شريفي
٦٨- ڪتاب عبدالعزيز سنياسي
٦٩- ڪتاب ڪشتہ جات
٧٠- ڪتاب نگھنٽو (ويدڪ)
٧١- ڪتاب ڪوڪ (ڪوڪ شاستر قلمي)
٧٢- مجربات مخدوم امين محمد درگاه هالا
٧٣- مجربات مولانا عبدالغفور همايوني همايون

٧٤- مجربات پير عبدالرحمٰن ڪنڀاري شريف
٧٥- مجربات ٽڏا رام زرگر (١) شڪارپور
٧٦- مجربات حاجي يار محمد سومرو
٧٧- مجربات خدابخش بروهي (خيرپور ميرس)
٧٨- مجموعه فرحتي
٧٩- مجهول الاسم ڪتاب
٨٠- ميزان خاندان راشديه
٨١- نڪات الادويه لعل چند شيوڪرام آڏواڻي ١٨٨٦ع

---

(١) هي بياض راقم جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. ٽڏا رام حڪيم عبدالخالق، "خليق مورائي" جو شاگرد هيو.

| | |
|---|---|
| ٢٣- سور جي چڪتسا | سردار تارا سنگهه |
| ٢٤- سهج وهم | ڊاڪٽر ڪشني آنند |
| ٢٥- سوال جواب (طب) | حڪيم لکي سنگهه پيربخش پٽو |
| ٢٦- شارنگ ڌر سمهتا | ٽيڪمداس ۽ ٽوپڻ مل |
| ٢٧- شمسي طب | نولراءِ ايسرداس |
| ٢٨- شيخ بوعلي سينا | مرزا قليچ بيگ |
| ٢٩- صحت جو رهبر | حڪيم واڌو مل سکر |
| ٣٠- صحت سوکڙي | (ڇپايل) ديوان مينا رام |
| ٣١- صحت النساء | منشي پوڪرداس شڪارپور |
| ٣٢- طب باد فرنگ | (ڇپايل) هري سنگهه ائنڊ سنس |
| ٣٣- طب جعفري | حڪيم محمد جعفر چوڙائي |
| ٣٤- طب ترياق طاعون | حڪيم محمد صالح |
| ٣٥- طب اڪبر سنڌي | حڪيم سيد علي شاهه |
| ٣٦- طب قرابادين حسيني | سيد حسين علي شاهه |
| ٣٧- طب مجربات حسيني | „ „ „ „ |
| ٣٨- طب مطبوع مخزن منظوم | مرزا قليچ بيگ |
| ٣٩- طبيب الغربا | حڪيم لکي سنگهه پيربخش پٽو |
| ٤٠- طلسم حڪمت | پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور |
| ٤١- فرهنگ همايوني | مولانا عبدالغفور همايوني |
| ٤٢- فرهنگ جعفري | حڪيم محمد جعفر |
| ٤٣- فرهنگ جعفري | تدوين حڪيم نياز حسن همايوني |
| ٤٤- قادري نسخا طب قادري | حڪيم علي محمد قادري |
| ٤٥- قدرتي علاج | گوروڌنداس ڪيڪلا |
| ٤٦- قرابادين ولي | حڪيم ولي محمد |
| ٤٧- قرابادين علوي | حڪيم محمد اسلم علوي |
| ٤٨- ڪالرا کان بچاءُ | چيتانند راشتر وادي |

| | |
|---|---|
| ٤٩- ڪتاب پوتر زندگي | پوچراج هوتچند |
| ٥٠- ڪرم يوگ | ترجمو پروفيسر گهنشامداس |
| ٥١- ڪليات شمسي | حڪيم شمس الدين احمد |
| ٥٢- ڪن ني لکيل ڪتاب | ترجمو هلو مل جگتياڻي |
| ٥٣- گهرو ڊاڪٽر | ڊاڪٽر پريتمداس |
| ٥٤- گهرو حڪيم | سيد عمر شاه |
| ٥٥- گهرو اسپتال | چيتانند راشٽر وادي |
| ٥٦- گهرو رواجي علاج | ڀهلاجراء ايلارام واسواڻي |
| ٥٧- گلشنِ حڪمت | حڪيم محمد اسلم علوي |
| ٥٨- لغت بحرالجواهر | حڪيم لکي سنگهه، پيربخش پتو |
| ٥٩- ماتا پٿو | ڊاڪٽر ايم.آر ماڻيداساڻي |
| ٦٠- مخزن الادويه | ١٩١٠ع ڏاري ڇپايل |
| ٦١- مفيد حڪمت | حڪيم الاهي بخش حيدرآباد |
| ٦٢- مفيد النساء | " " " " |
| ٦٣- مجربات خير محمدي | حڪيم شير محمد ٽالپور |
| ٦٤- مجربات المعالجات | (ڇپايل) پوڪرداس هري سنگهه |
| ٦٥- مرداڻو طاقت | حڪيم شمس الدين احمد |
| ٦٦- ميزان الطب سنڌي | حڪيم آئلرام |
| ٦٧- موسمي تپن جو علاج | حڪيم محمد يعقوب قادري |
| ٦٨- ناري نروگ جيون | منوهرداس ڪوڙو مل |
| ٦٩- نصائح عورتن لاءِ | (ڇپايل) عباسي ليٿو پريس ڪراچي |
| ٧٠- وات ۽ ڏندن جي سنڀال | منوهرداس ڪوڙو مل |
| ٧١- وچڙندڙ بيماريون | چيتانند راشٽر وادي |
| ٧٢- هدايت العاشقين | (ڇپايل) پوڪرداس هريسنگهه |

---

| | |
|---|---|
| ٧٣- اشارات التوليد | مصنف نامعلوم |
| ٧٤- بهار حڪمت | " " |

| | |
|---|---|
| ٧٥- زالن جو ويم | مصنف نامعلوم |
| ٧٦- طب لقماني | " " |
| ٧٧- قاتل سوزاڪ | " " |
| ٧٨- گلدستہ حڪمت | " " |
| ٧٩- مفتاح العيش | " " |
| ٨٠- مصلح الاغذيہ | " " |
| ٨١- نوادر الطب | " " |
| ٨٢- نورالشفا | " " |

---

## طبي رسالا

| | |
|---|---|
| ١- اعظم طبي ميگزين | حيدرآباد سنڌ |
| ٢- الشفا | راڃو خاناڻي |
| ٣- سک جو سنهو | شڪارپور |
| ٤- شمس الحڪمت | پير بخش پنو |
| ٥- طبيب | حيدرآباد سنڌ |
| ٦- طبي مخزن | ٽنڊو محمد خان |
| ٨- همدرد صحت | (سنڌي ايڊيشن) ڪراچي |

---

## ڇپايل هندي مليل نالا

١- اسان جو ڪاڌو ١٩٤٧ع ليلور چنداڻي
٢- تندرستي ١٩٤٧ع ڊاڪٽر ورندلال ناريجا

٣- جواني جو اڪسير مرزا قليچ بيگ
٤- سنياسي نسخا سواسي شيوارام ٻاپوچا
٥- صحت وديا ١٩٥٦ع بي . رامناٿي نوابشاه
٦- طب اڪسير سلطاني قطب الدين شڪارپور
٧- طب يوناني جا نو رتن حڪيم لالا آنند پرڪاش

نوٽ: اڃا به ڪيترا حڪيم ۽ طبي ڪتاب رهيل هوندا جن جو تفصيل نه ملي سگهيو آهي، ان ڪري في الحال انهيءَ تي اڪتفا ڪجي ٿي.

هن باري ۾ جيڪڏهن ڪو به علم دوست پاڻ وڌيڪ تحقيق ڪري نيازمند جي رهنمائي فرمائيندو ته ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ اهو احوال درج ڪيو ويندو.

---

ڇپيل ڪتابن جي فهرست لاءِ، مولانا غلام محمد گرامي جي مضمون ”سنڌي ليٿوگراف“، مهراڻ ١-٦٤ع. حڪيم محمد يعقوب قادري جي مضمون ”سنڌيءَ ۾ طبي ڪتابن جو ذخيرو“ الرحيم ١-٦٧ع. محترم محمد عثمان ڏيپلائي جي مضمون ”سنڌي ادب جا قديم اشاعت گهر“ ماهوار نئين زندگي ڊسمبر ١٦- جون ٦٢ع ڪراچي ۾ پين هنڌن تان مواد هٿ ڪيل آهي.

# ورهاڱي ڪان پوء

١- ورهاڱي ڪان پوء ٢- تهذيب، ثقافت ٣- سرڪاري طب ٤- خانگي طب ٥- طب جا تعليمي ادارا ٦- دواساز ادارا ٧- طبي رجسٽريشن بل ٨- طب جو مستقبل.

# ورهاڱي ڪان پوءِ

ورهاڱي ڪان اڳ ملڪي ۽ قومي مسئلن بابت سوچيندي جيڪي نتيجا نڪتا، وڏيون ناڪاميون درپيش ٿي آيون تن جو اصل سبب ڌارين جي غلاميءَ کي قرار ڏنو پئي ويو. انهيءَ سبب جي احساس جي شدت، سياسي صورت اختيار ڪئي، جڏهن آزاديءَ جو سوال اٿاريو ويو ته هتان جي عوام پنهنجون سرگرميون ملڪي اڳواڻن کي سونپي ڇڏيون، انهيءَ يقين سان ته قومي انفراديت جنهن ۾ اقتصادي تقويت جو تصور به شامل هيو، عروج تي اچي ويندي. اهڙيءَ ريت آزاديءَ جي تحريڪ کي قربانيءَ جي رنگ سان سنواريو ويو ۽ هرڪنهن کي پنهنجون اميدون برصواب نظر اچڻ لڳيون.

## تهذيب ۽ ثقافت:

اردو جي مشهور دانشور جميل جالبي جي چوڻ مطابق پاڪستان جي تخليق جو ڪارڻ اهو ئي هيو ته پنهنجي ميلي شخصيت ۽ قومي انفراديت کي آزاديءَ سان برقرار رکي وحدت وسيلي پنهنجو وجود تحفظ ۾ آندو وڃي، جيئن هڪ اهڙي معاشري کي جنم ڏئي سگهجي جنهن ۾ روايت ۽ ماضيءَ جي موجودگيءَ سان گڏ جديد دور جون تقاضائون به بحال رهن. هتان جي قوم ۽ انهيءَ جو جيئرو جاڳندو ڪلچر انهيءَ تصور جي اونهائي مان پيدا ٿيڻ وارو هيو.

جيڪڏهن اهڙو معاشرو صرف انهيءَ احساس مان پيدا ٿئي ها، جنهن جي ذريعي پاڪستان کي تخليق ڪيو ويو هيو.

ته ڪا ڳالهه نه هئي، ليڪن ڏٺو ويو ته ٿوري عرصي اندر انهيءَ جوش ۽ جذبي جي نهائين سرد ٿي وئي ۽ ماڻهو تيزيءَ سان پنهنجي آدرش کان پري ٿيندا ويا. اڄ به ايتري عرصي گذرڻ جي باوجود ماڻهو وحدت، يڪجهتي ۽ مشترڪ طرز فڪر توڙي عمل جهڙن عنصرن کان محروم آهن. جنهن جو سبب تهذيبي خلا کان پيدا ٿيڻ وارو اهو احساس آهي، جو زندگيءَ جي هر سطح تي تضاد ڪي جنم ڏيندو رهي ٿو. انهيءَ تضاد مذهب جي اثر ڪي زائل ڪرڻ ۽ ان کي بي معنيٰ بڻائڻ جو عمل شروع ڪري ڏنو آهي.

ٻئي پاسي مروجه مذهب جو زندگيءَ جي بنيادي رشتن سان ڪوبه تعلق ناهي ۽ ان جي ذريعي زنده ڪلچر جي پيدائش جو تصور هڪ بي سود ڪوشش جو درجو رکي ٿو.

ان ڳالهه کي هن مثال سان سمجهيو وڃي: مڪي جي فتح کان پوءِ پيغمبر اسلام ائين ڪونه ڪيو ته هو ذريعي کي منزل سمجهي اطمينان سان ويهي رهيو بلڪ هن مسلمانن جي زندگي ۽ فڪر جي طور طريقي کي به بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن هڪ اهڙو معاشرو وجود ۾ اچي ويو جنهن ۾ نه صرف طرز فڪر ۽ عمل جي وحدت هجي پر ان سان گڏ مذهب ۽ معاشرت هڪٻئي سان رلي ملي پاڻ هڪ وحدت اختيار ڪري رهن. اهو ئي انهيءَ معاشري جو ڪلچر هيو جنهن ۾ دين ۽ دنيا الڳ الڳ خانن ۾ ورهايل نه هئا، بلڪ مذهب ۽ زندگيءَ جا سڀئي معاملا هڪ ٿي چڪا هئا. زنده ڪلچر جي معنيٰ به اها ئي آهي ۽ پاڪستان جي تخليق جو مقصد به اهو ئي هيو.

انهيءَ ڳالهه کي وري هڪ، بي مثال سان سمجهيو وڃي:

روس ۾ ڪميونزم آيو ته ائين نه ٿيو جو ماڻهن کي ڪميونسٽ بڻائي زندگيءَ جي باقي اعمال ۾ آزاد ڇڏيو

ويو، پر انهيءَ فلسفي جي بنياد تي هڪ اهڙي معاشري کي تشڪيل ڏيڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن ۾ ان فلسفي کي وڌڻ ويجهڻ جو پورو موقعو ملي ۽ معاشرتي سطح تي ڪميونزم ۽ زندگيءَ جا سيئي مسئلا هڪ وحدت جي شڪل اختيار ڪري رهن، اهائي وحدت انهيءَ معاشري جو ڪلچر آهي.(١)

مٿئين اقتباس جي روشنيءَ ۾ ورهاڱي کان پوءِ هتي تهذيبي قدرن جي ڪا خاص اهميت نه رهي، ان جي بجاءِ ثقافت جو سانگ رچايو ويو، جنهن جي وسيلي غير ملڪي ريتن رسمن جي پيرويءَ ۾ فلم، فيشن ۽ تهذيب کان ڪريل ناچ گاني کي منظر ۽ پس منظر جي رونق بڻايو ويو.

اهي ڳالهيون جيڪڏهن هتان جي روايتي انداز مطابق پنهنجي تهذيب، تمدن جي عڪاسي ۽ ترجمانيءَ تائين محدود هجن ها ته ڪنهن به اعتراض جي گنجائش ڪانه هئي، ليڪن انهيءَ نوعيت جي برعڪس جڏهن انهن جي وڌندڙ تخريب اقتصادي ۽ معاشرتي تباهي جو باعث بڻجي پئي ته هر عقلمند انسان جو ذهن ڪروٽ ۾ اچي ان جو مخالف ٿيڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته ثقافت جي اها خيالي ترقي تهذيبي قدرن جي پستي کي جنم ڏيندڙ هئي.

اها بدعت دراصل غلاميءَ جي آثارن سان تعلق رکي ٿي، جنهن جي وسعت ملڪي ماڻهن کي پنهنجپائيءَ جي احساس بدران اجنبي قدرن جو قائل ڪندي پئي وڃي. ان ڪري ئي هتان جي هر ڳالهه کي پوءِ اها ڪٿي ڪيتري به چڱائي واري هجي پٺتي رهائي ڏارين جي هر نامناسب روش جي تقليد ڪئي وڃي ٿي.

---

(١) پاڪستاني ڪلچر، محترم جميل جالبي، ص ٢٧-٢٨. اشاعت ١٩٦٤ع مشتاق بڪ ڊيپو ڪراچي.

## سرڪاري طب:

پاڪستان جي باني، ورهاڱي کان اڳ دهليءَ جي هڪ طبي ڪانفرنس جي موقعي تي تقرير ڪندي فرمايو ته: آزاديءَ کان پوءِ ديسي طب (يوناني طب) جي ترقي لاءِ پوري سرجوشيءَ سان ڪوشش هلائي ويندي. ليڪن آزاديءَ کان پوءِ جتي ڪُليءَ طرح ڪافي عرصي تائين ملڪ جو آئين تيار نه ٿي سگهيو اتي جزوي طور هتان جي تهذيبي ورثي ديسي طب لاءِ به ڪو اپاءُ نه ورتو ويو، ابتلندو هن جي حيثيت ديسي طب مان بدلجي خانگي طب جي ٿي وئي ۽ سڄو زور ولايتي طب جي ترقيءَ تي ڏنو ويو جنهن کي سرڪاري طب جي حيثيت حاصل ٿي وئي.

## خانگي طب:

اخبار جنگ ڪراچي (۵- اڪتوبر ۱۹٦۷ع) پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿي ته: آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان ۾ طب يوناني کي جنهن ناسازگار حادثن سان دوچار ٿيڻو پيو تنهن جو انهن ماڻهن کي ڪوبه احساس نه آهي جيڪي قديم طب جي دائري کان ٻاهر آهن. آزاديءَ مغرب جا دروازا بند به ڪيا بلڪ ان لاءِ راهون کولي ڇڏيون ان ڪري زندگيءَ جي هر شعبي ۾ مغربي انداز جي تقليد ٿيڻ لڳي جنهن ۾ ايلوپيٿي علاج به شامل آهي. جيڪو آزاديءَ کان پوءِ هر طرف (سرڪاري سرپرستي جي ڪري) مقبول ٿيندو ويو ۽ ماڻهو طبيبن توڙي يوناني طب کان (سرڪاري سرپرستي حاصل نه هئڻ سبب) منحرف ٿي ويا، حالانڪ آزاديءَ کان اڳ طبيبن توڙي طب يوناني طرف ماڻهن جو گهڻو لاڙو هيو.

اخبار جنگ جي انهيءَ ايڊيٽوريل واري حوالي مان ديسي ۽ سرڪاري طب بابت ملڪي سربراهن جو اختيار ڪيل

مناسب ۽ نامناسب رويو ظاهر آهي جنهن لاءِ وڌيڪ ڪنهن به راءزني جي ضرورت ناهي.

## طب جا تعليمي ادارا:

ورهاڱي کان پوءِ لاهور جو قديم طبيه ڪاليج قائم رهيو تنهن کان علاوه، بهاولپور، ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ به طبيه ڪاليج جاري ٿيا پر طب جي تعليم جو معيار خاطر خواهه نه رهيو نتيجو اهو ٿيو جو طب سان تعلق رکندڙ ڪيترن ماڻهن نقلي سندن فروخت ڪرڻ جو پيشو اختيار ڪيو جنهن لاءِ ڪيئي ناميارا طبيب دلالي ڪندا ۽ پنهنجا کيسا ڀريندا رهيا. حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ ئي وقت طب جا ٽي تعليمي ادارا: سنڌ طبيه ڪاليج، اعظم طبيه ڪاليج ۽ حيدرآباد طبيه ڪاليج وجود ۾ آيا جن مان هڪڙو حيدرآباد طبيه ڪاليج بند ٿي ويو ۽ به سنڌ طبيه ڪاليج ۽ اعظم طبيه ڪاليج طبي رجسٽريشن بل پاس ٿيڻ کان پوءِ سرڪاري منظوري ملڻ تي اڃا تائين قائم آهن. جيستائين انهن ٻنهي طبيه ڪاليجن جي تعليمي معيار جو تعلق آهي قابل استادن جي تقرري جي باوجود ان حالت ۾ جڏهن لاشن جي چير ڦاڙ (ڊسيڪشن) ۽ تجربي گاهه (ليبارٽري) جو اڃا ڪو به بندوبست ناهي ته انهن جي تعليمي معيار تي ڪهڙي ريت اطمينان ڪري سگهجي ٿو. ذاتي طور جيتوڻيڪ راقم خود جناب ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل ايم. بي بي. ايس (بمبئي) پرنسپل سنڌ طبيه ڪاليج ۽ جناب حڪيم عبدالحق قريشي، پرنسپل اعظم طبيه ڪاليج جي محنتن ۽ قابليتن جو معترف آهي، خاص ڪري خليل صاحب ڀريون سينئر ڊاڪٽر آهي جنهن ديسي طريقي علاج جي تعليمي اداري جو سربراهه مقرر ٿي ديسي طب لاءِ پنهنجون خدمتون وقف ڪيون آهن.

لڳا ۽ ڪنهن کي به اهو خيال نه رهيو ته اسلامي طب جنهن جو مناسب عنوان مشرقي طب ٿي سگهيو ٿي، بدستور يوناني طب جهڙي مجهول عنوان سان منسوب ٿي وئي اهو داغ ڪنهن جي قومي حميت پنهنجي پيشانيءَ تي ڪيئن گوارا ڪيو تنهن لاءِ والله اعلم چئي چپ ڪرڻ کان سواءِ ڪوبه چارو ڪونهي.

طبي رجسٽريشن بل پاس ٿيڻ کان پوءِ ديسي طب جو جيڪو بيڙو پار ٿيو تنهن جو احوال عالم آشڪار آهي. هتي به اهائي حالت پيدا ٿي جنهن جو ذڪر جميل جالبي جي ڪتاب پاڪستاني ڪلچر واري اقتباس موجب دهرايو ويو. هاڻ ته اها به خبر نٿي پوي ته طبي بورڊ جو دفتر نيڪ اختر راولپنڊيءَ جي ڪهڙي روڊ تي قائم آهي.

بهرحال طبي رجسٽريشن بل جي اصل جو نقل هتي درج ڪجي ٿو جيئن سند رهي ۽ ضرورت جي وقت ڪم اچي.

# طبي رجسٽريشن ايڪٽ ١٩٦٥ع

**هي ايڪٽ ڍاڪا جي نيشنل اسيمبلي اجلاس ۾ پيش ٿيو، جنهن کي ٢٠- جنوري ١٩٦٥ع ڌاري اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو.**

**ايڪٽ جو مقصد:**

هي بل يوناني، آيور ويدڪ ۽ هوميوپيٿڪ طريقي علاج جي معالجن جي تعليم ۽ اهليت ۾ باقاعدگي پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي رجسٽريشن بابت آهي.

جڏهن ته هن بل جو مقصد يوناني، آيور ويدڪ ۽ هوميوپيٿڪ معالجن جي تعليم ۽ اهليت ۾ باقاعدگي پيدا ڪرڻ آهي، تنهن ڪري ان کي آئين جي آرٽيڪل نمبر ١٣١ جي قلم نمبر ٻي جي روءِ سان قومي اسيمبلي ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو وڃي ٿو.

## حصو پهريون. شروعاتي.

قلم پهريون: مختصر عنوان، وسعت ۽ نفاذ.

(١) هي ايڪٽ يوناني، آيور ويدڪ ۽ هوميوپيٿڪ پريڪٽيشنرز ايڪٽ ١٩٦٥ع چوائبندو ۽ (٢) هن جو اطلاق سڄي پاڪستان تي رهندو. (٣) هي بل انهيءَ تاريخ کان عمل ۾ ايندو جيڪا مرڪزي حڪومت پنهنجي پڌرائي وسيلي سرڪاري گزيٽ ۾ مقرر ڪندي.

قلم ٻيو: وضاحت.

هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪا به شئي موضوع يا متن سان متصادم نه ٿيندي ته:

(الف) تسليم ٿيل ڪان مراد، بورڊ جي سفارش تي مرڪزي حڪومت طرفان تسليم ڪيل.

(ب) بورڊ ڪان مراد يوناني ۽ آيور ويدڪ طريقي علاج جو بورڊ يا هوميوپيٿڪ طريقي علاج جو بورڊ جنهن جي صورت ۾ هجي، جيڪو قلم ٽين تحت قائم ڪيل هوندو.

(ج) هوميوپيٿي ڪان مراد، هوميوپيٿڪ طريقي علاج ۽ هوميوپيٿ ڪان مراد هوميوپيٿي معالج هوندو.

(د) مقرر ٿيل ڪان مراد، هن ايڪٽ تحت قاعدن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيل.

(ه) صدر ڪان مراد آهي بورڊ جو صدر.

(و) منظور ٿيل جو مطلب آهي هن ايڪٽ جي سلسلي ۾ مرڪزي حڪومت پاران منظور ڪيل.

(ز) رجسٽر ڪان مراد آيور ويدڪ يوناني يا هوميوپيٿڪ معالجن جي داخلا جو اهو رجسٽر جيڪو هن ايڪٽ ماتحت رکيل هوندو.

(ح) رجسٽرڊ پريڪٽيشنر ڪان مراد اهو معالج جنهن جو نالو وقت سر رجسٽر ۾ داخل ڪيل هوندو.

(ط) رجسٽرار ڪان مراد بورڊ جو رجسٽرار ۽

(ي) طبيب ڪان مراد يوناني طريقي علاج جو معالج هوندو.

(ڪ) يوناني ۽ آيور ويدڪ طريقي علاج ڪان مراد يوناني طب ۽ آيور ويدڪ طريقي علاج آهي. خواهه ان ۾ اهڙين ترقي يافته شين جو اضافو ڪيل هجي يا نه، جيڪي بورڊ طرفان وقت سر طي ڪيل هجن.

(ل) ويد ڪان مراد، آيور ويدڪ طريقي علاج جو معالج هوندو.

قلم ٽيون: بورڊ جو قيام ۽ ان جي تشڪيل.

١ــ هن ايڪٽ جي نفاذ ڪان پوءِ جيترو جلد ممڪن ٿيندو،

ايڪٽ يا پوءِ تيار ٿيل ناعدي قانون هيٺ ڪابه دعوا، مقدمو يا ڪابه قانوني چاره جوئي نه ڪئي ويندي، جنهن ڪي دراصل ڀلائي لاءِ يا ڀلائي جي ارادي سان ڪيو ويو هجي.

قلم ڇائيتاليهون: قاعدن، قانونن جي ضابطن جا اختيار.

١- بورڊ سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ مرڪزي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ پڌرائي وسيلي ايڪٽ جي منشا جي پوررائي لاءِ قاعدا جوڙيندي.

٢- واڌارو: اختيارن جي قوت جي عموميت جي باري ۾ غير جانبداري سان گڏ هي قانون هيٺين ڳالهين لاءِ نهي سگهن تا:

(الف) چونڊن جو طريقو، وقت ۽ جاءِ.

(ب) آسامين پرڻ جو طريقو.

(ج) فهرست ۽ رجسٽر جي نوعيت ۾ درج ٿيڻ وارين ڳالهيون.

(د) رجسٽريشن جي في ۽ ٻين قسمن جي اندراج جي في.

(ه) بورڊ طرفان وصول ڪيل فين جا مقصد جن تي رقم خرچ ڪئي ويندي.

قلم سنيتاليهون: قانونن بنائڻ جو اختيار.

بورڊ مرڪزي حڪومت کان اڳوات لکيل اجازت وٺي هيٺين ڳالهين بابت قانون ناهي سگهي ٿو، لازمي آهي ته اهي قانون هن ايڪٽ يا هن جي تحت ناهيل قاعدن سان متصادم نه ٿيندا.

(الف) تربيت ۽ آخري امتحان جو تعليمي نصاب.

(ب) اهي زبانون جن ۾ امتحان ورتا ويندا ۽ هدايتون جاري ڪيون وينديون.

(ج) منظور ٿيل ادارن ۾ شاگردن جي داخلا.

(د) مختلف ڪورسن، شاگردن، ٻين امتحانن ۽ آخري امتحان جا شرط.

(هه) امتحان وٺندڙن جي مقرري ۽ امتحانن جو طريقهڪار.

(و) منظور ٿيل ادارن ۾ استادن جي مقرري جا شرط.

(ز) تعليمي ادارن جي منظوري لاءِ گهربل معيار.

(ح) بورڊ جي اجلاسن جو وقت ۽ جاءِ.

(ط) اهڙيون ٻيون ڳالهيون جيڪي ڪم ڪرڻ جي لاءِ اختيارن جي استعمال جي غرض سان ضروري هجي، هن ايڪٽ هيٺ ۾ ٻين تشڪيل ٿيل قاعدن تحت بورڊ پوريون ڪندو.

---

## طب جو مستقبل:

طبي رجسٽريشن بل پاس ٿيڻ کان پوءِ ملڪ جي حڪيمن اندر زور شور سان ان ۾ حصو ورتو جو اڪ چنب ۾ ٽيهه چاليهه هزار حڪيم، ويد ۽ هوميوپيٿ رجسٽرڊ ٿي ويا. انهيءَ تحرڪ کي ڏسندي ديسي طب سان تعلق رکندڙ هر طبقي جي ماڻهن اها اميد ڏيکاري ته اجهو ٿو هن تهذيبي ورثي جو ڀاڳ کلي، پر اوچتو اهي سرگرميون ختم ٿيڻ جي حد تائين سرد ٿي ويون جنهن جا ڪيئي سبب هئا.

---

نوٽ: هي بل پاڪستان جي حڪومت پاران "دي گزيٽ آف پاڪستان" ۾ ٢٨ جنوري ١٩٦٥ع ڌاري شايع ٿيو ۽ انهي ايڪٽ تحت "دي گزيٽ آف پاڪستان" ٢٣ جولاءِ ١٩٦٥ع ۾ طبي بورڊ جي ميمبرن جو اعلان ڪيو ويو.

اهليت مطابق ڪين داخلا جو مستحق تصور ڪيو وڃي. انهن ڪرڻ سان طب جي مستقبل تي به سٺو اثر پوندو ۽ حڪيم طبقي مان اهو احساس ڪمتري به ختم ٿي ويندو، جيڪو طب جي صحيح ۽ معياري تعليم نه ملڻ ڪري انهن جي ذهن ۾ موجود رهندو اچي ٿو.

اهي ڳالهيون قوم ۽ ملڪ جي وقار جو باعث به ٿي رهنديون ته هتان جي عظيم تهذيبي ميراث (طب) جي شان وٽان به ٿي سگهنديون.

مغربي طب (ايلوپيٿي) جراحت جي ڪمال جي باوجود اجا اها حيثيت اختيار نه ڪري سگهي آهي جو مجموعي طور ان کي هر صفت جو حامل قرار ڏنو وڃي، خاص ڪري ڪن بيمارين جي علاج ۾ ان کي اجا به وڌيڪ ڪجهه ڪرڻو پوندو جنهن جي تعاون واسطي مشرقي طب بهترين صلاحڪار ۽ مددگار جو ڪم ڏئي سگهي ٿي، پر شرط هي آهي ته پهريان اهي ديوارون هٽايون وڃن، جيڪي ٻنهي طبن جي درميان حائل رهنديون اچن ٿيون.

---

## سنڌ جي طبي تاريخ:

”سنڌ جي طبي تاريخ“ تڪميل جي مرحلي تي پهچي چڪي آهي، جنهن جو اظهار ڪندي آئون فخر ۽ سڪون سان سرشار ٿي رهيو آهيان.

طب سان تعلق رکڻ ڪري مون تي جيڪو فرض عائد ٿيل هيو، تنهن جي ادائيگي لاءِ پنهنجي پاران پورو جتن ڪيو

اثر، آئينديءَ لاءِ به طب سان منهنجي دلچسپي قائم رهندي. خيال آهي ته هن کان پوءِ ”معالجات ۽ مجربات“ جي تصنيف تاليف تي پنهنجون محنتون صرف ڪندس، جنهن ۾ بيمارين، علامتن ۽ دوائن جا نج سنڌي نالا ۽ سنڌ جا عوامي توڙي خصوصي علاج بيان ٿيل هوندا.

خدا ڪري حياتي ايتري ته ائين سلڪ ڏني سگهي ۽ آئون اها مهم سر ڪري سدا حيات سنڌ جي علم، ادب جو هيءُ اڻ پورو حصو پورو ڪري پاڻ موکي رهان، اها اميد باقي آهي.

# ٿُجهائي

# [INDEX]

(جلد ٻيو)

## خاص نالا


آدم شاه ميان 535
آڏو مل پساري 570
آصف خان 528
آغا صوفي 646
آل احمد 572
آئل مل نصر پوري 646
آبورويدڪ 502، 706

ابراهيم بکري 558
ابراهيم خليل حڪيم 699
ابراهيم خليل ڊاڪٽر 729
ابراهيم شاه آغا 578
ابراهيم شاه پير 688
ابن بطوطہ 510
ابن المعالي 571
ابو تراب 572
ابوالحسن آخوند 599
ابوالحسن ڏاهري 571، 632
ابوالحسن شيخ 539
ابوالخير منگيو 650
ابوالفتيح گيلاني 522
ابو الڪلام آزاد (امام الهند) 679، 685
ابوالمعالي 619
ابوالمڪارم شهود 542
اثيرالدين 509
احسن الله خان 524
احمد شاه ابدالي 540

احمد شاه حاجي 629
احمد شاه حكيم 607، 683
احمد خان پرگڙي 569
احمد قاضي 619
احمد مخدوم 626
احمد مولوي 660
احمدي قاضي 612
احمدي مولانا 572
اجمل خان حڪيم 606، 634
ارڪلي خان 497
اسد الله بڙائي سيد 569
اسد الله خان غالب مير 555
اسدالله شاه ڊاڪٽر 629
اسدالله شاه فدا 627
اسدالله مير 556
اسماعيل آخوند 623
اسماعيل جرجاني علامه 556
اسماعيل شاه آغا 578
اسماعيل ملا 580
اشرف حڪيم 572
اشرف قاضي 619
اشهد علي 572
اعزالدين 499
اڪبر بادشاه 519، 522، 529، 530، 531
اڪبر علي سيد 613
اقبال علامه 680، 622
الهه بخش مخدوم 622
الاهي بخش اعوان 667
الاهي بخش افغان 648
الطاف عباسي 611
الياس حاجي 569
الياس بن شهاب 503
امام بخش مير (هزهائنس) 656
امام‌الدين خواجه 670
امام‌الدين شاه پير 687
امام ڏنو شاه 649
امام رباني 664
امام خان مرزا 524
امر لال شرما 703
اميد علي عباسي 634
امير علي شاه 674
امين الدين خان 542، 545
انوشتگين 556
اوجها ٽي بي سينيٽوريم 706
اورنگزيب عالمگير 543
ايسرداس حڪيم 553
ايسرداس جگتياڻي 711
ايشر سنگهه 640

باقر شاه پير 685
باقر شاه سيد 655
بايزيد چام 509
بجار خان مير 564
بچل شاه پير 684
بخش علي جتوئي 638
بدرالحسين شاه 680، 685
بدرالدين دراني آغا 642
بدرالدين مولانا دمشقي 499
برڊ واگهيٽ 485
بصرالدين مخدوم 689
بقراط 546
بنو اميه 479
بنو عباس 479
بو علي سينا 498
بولچند حڪيم 553
بهاءالدين ذڪريا 625
بهاءالدين شيخ 526
بهرام خان مير 563
بهزاد ايراني 658
بهوه خان حڪيم 513
بيروني علامه 482، 498

---

ٻيدل شاه بخاري 649

---

ڀاسڪر ڀٽ 485
ڀاڳنداس 642
ڀاون شاه 617، 636
ڀاؤ مشر 497
ڀائي لال چند 553
ڀائي ملوڪ چند 553
ڀٽائي گهوٽ 539
ڀرچونڊي پير 621
ڀڳت راڌا ڪرشن 618
ڀوڄ راجا 480، 490
ڀوڄراج 672
ڀورل شاه 685
ڀيرو راجا 488

---

تاتاري 500
تاج الدين 551
تاج محمد مشتاق 636
تاج محمد قاضي 700
تاج محمود (حضرت مولانا امروٽي) 660، 679، 685
تنوير عباسي ڊاڪٽر 675
تولا رام 642

---

ٽالپور 563، 567
ٽوپڻ لال 703
ٽيڪم داس 703

---

ٺارو مل ديوان 569

ٺاڪر دت شرما پنڊت 632

---

ثناءالله 666

---

پرتاب راءِ ايڊووڪيٽ 664
پرمار راجپوت 480، 486
پرم آنند سوامي 712
پرم شاه 486
پريتمداس 711
پربل شاه 661
پوڪر داس منشي 709
پيارو خان 569
پيتمبر داس 632
پير بخش لکوٽي 644
پير تراب علي شاه 684
پير حسن شاه 684
پير شاه 684
پير شاه مراد 684
پير مٺل شاه 687

---

جات 499
جاجا معالج 499
جالينوس 546
جان محمد ڀٽي 667
جان محمد لغاري 569
جلال الدين 519
جلال محمد 546
جميل جالبي 725
جهانگير بادشاه 522
جوتشي 486
جوگي 486
جيمس برنس ڊاڪٽر 604
جيوترام 704
جيوڻداس 618

---

چارلس ڊلڪي 603
چرڪ 485، 707
چڪر پاڻي دت 485
چنگيز خان 497
چنيسر 481
چمنداس ڊاڪٽر 669
چوئٿرام 663
چنچلداس 642
چيلا رام 704
چينو ميان 535

---

ڄام انڙ 480
ڄام تماچي 507
ڄام نظام 507، 515، 516، 537
ڄيٺارام نابينا 620
ڄيٺانند لوهاڻو 569
ڄيٺو مل نصرپوري 660

---

حاتم طائي 546
حاجن شاه 660
حاجي محمد 623
حامد شاهه سيد 684
حامد علي خانائي 620
حب الله موراني 611، 696
حبيب الله بکري 558
حبيب الله بهلاني 610، 620
حسام الدين شاه اول 507، 683
حسام الدين راشدي 541، 583، 615، 643، 658، 688، 691
حسام الدين مولانا 499
حسن الله پاٽائي علامه 623، 627

حسن بخش شاه 647
حسن علي آفندي 611، 694
حسين احمد (حضرت مولانا مدني) 660، 679

حسين سنڌي 575
حزب الله سيد 635
حفظ الله مهر 573
حميد مطرز 499
حيدر حقاني 555

---

خان خانان 520
خدابخش شاه 573
خدا يار خان 536
خسرو بيگ مرزا 579، 583
خواجه (قوم) 543
خواجه محمد زمان 539
خواجه محمد زمان 539
خوارزم شاه 556
خواص خان 513
خوش محمد مولانا 657
خير محمد ٽالپور 641
خير محمد پاٽائي 641
خير محمد سنهاسي 657
خير محمد قاسمي 700

---

دامودر داس 642
دائود پوٽا (قوم) 563، 583
دريا خان دولهه 516
دودو سومرو 481
دوست محمد لغاري 629
دربلداس حڪيم 690
دين محمد بوبڪائي 573
دين محمد مولوي 657
دين محمد ميان 536
دين محمد وفائي مولانا 669، 687
ديوان ڪلراج 553

---

ڏنر اجمل 632، 640

ڏنو سيوهاڻي 531

ڏوسل 507

ڏوبي 552

ڏيا رام گدو مل 611

---

ڊيل هوسٽ 566

---

ذوالفقار سيد 574

---

راج ويد 491

رازي علامه 498

راشدي خاندان 681

رامچند مٽائي 697

رامچند هيمنداس 703

رامنات شرما 642

راڌو چندن 487، 489

رحمت الله خان 545

رحمت الله درس 631

رحمت الله سيتائي 667

رحيم بيگ 580

رحيم شاه 619

رشد الله پير 662

رشيد پٽي 667

رشيدالدين 687

رفيع الدين 671

رڪن الدين سنڌي 688

روپ جي 487

روح الله حڪيم 522

رڳلو مل 642

---

زاهد انصاري قاضي 670

زبيدي عالم 575

زمان الله پير 639

زمان شاه پير 685

زوار عيسي 674

زيب عاقلي 658

زين العابدين 578

---

ساباطي 575

سارنگا 486

ساساني 483

سبڪتگين 483

سچل سرمست 676

سچيڏنو شاه 639

سڏونت 486

سراج الدين ظفر بادشاه 524

سراج الدين مير 551

سراج الدين نابينا 665

سرطان (مرض) 573

سرفراز ميان 537، 555

سرهندي خاندان 697

سشرت 485، 707

سعد الله سورتي 554

سعدالله سيد 523
سعدالله سيوهاڻي 576
سڪندر لوڌي 513
سک آنند 523
سکرا مداس 06
سلطان شاه 684
سلطان محمد 625
سلطان محمود 519، 530
سليم جان 699
سما (قوم) 480، 507
سنياسي 488
سوڍا 480
سومرا (قوم) 490، 508
سومو مل 637
سنڌو رسم الخط 482
سيد احمد 612
سيد علي مڪي 639

شاه آقا 641
شاه اسماعيل شهيد 612
شاه بيگ ارغون 517، 525
شاه جهان بادشاه 522
شاه حسن ارغون 517، 525
شاه خصن الله 548
شاه عزت الله 548
شاه عنايت 539، 570
شاه قادري 647
شاه ڪريم 539 570
شاه لطيف 537
شاه نواز خان پتو 'سر' 659
شبير شاه هاتف 629
شفيع محمد سنگيو 651
شفيع محمد ميان 552
شڪرالله سيد 558
شمس الدين احمد حڪيم 612، 653
شمس الدين چاچڙ 665
شمس الدين خواجه 502
شمشير حيدري 649
شهاب الدين 512
شهاب الدين خواجه 554
شهداد خان مير 563
شهيد الهه بخش سومرو 635
شيخ سعدي 700
شيخ سڪ جي 529
شيخ عبدالمجيد سنڌي 628
شيخ عيسىٰ 530
شير محمد مير 641
شيوا رام 642

صالح سنڌي 529
صالح محمد سيٺ 607
صبغت الله شاه اول 683
صبغت الله خليفو 69(
صدرالدين مفتي 3ءِ

صدرالدين مولانا 499
صدرالدين مولوي 690
صفائي حسيني سيد 430
صلاح الدين جام 516
صوبدار خان مير 563، 570
صوفي شاه اسماعيل 547
صوفي محمد حسن 618
صوفي محمد صالح 576

ضياءالدين برني 498
ضياء محمد 501
ضيائي مولانا عبدالرحمٰن 690

طالب المولي مخدوم 526
طاهر شاه سيد 655
طاهر محمد سنڌي 529
طبي ڪتابن جي فهرست 591
طبي رسالا 720
طهماسپ صفوي 527

عابد قاضي عبدالمجيد 693، 694
عاشق الله 547
عاشق علي شاه 685
عالم چند 569
عالم چند ديوان 660
عالمگير 523

عباس علي مرزا 580
عبدالله آخوند 569
عبدالله ڏاهري 643
عبدالله سنڌي 429
عبدالله سيد 554
عبدالله قاضي 700
عبدالله مخدوم 625
عبدالباقي ميرڪ 632
عبدالحق رباني مولانا 645
عبدالحق قريشي 729
عبدالحق فاروقي 676
عبدالحڪيم شاه 618
عبدالحڪيم علامه 662
عبدالحڪيم هالائي 569
عبدالحليم انصاري 670
عبدالحميد ٺٽي حافظ 667
عبدالخالق خليق مورائي 696
عبدالرب مولانا 622
عبدالرحمٰن امير 697
عبدالرحمٰن پير ڪوٽائي 683
عبدالرحمٰن ريگستاني 629
عبدالرحمٰن سرهندي 624
عبدالرحمٰن سمون 660
عبدالرحمٰن قاضي 569، 621
عبدالرحمٰن منگهو 652

غلام حيدر 656
غلام حيدر لمنكي 702
غلام رسول مولانا 680
غلام رسول راجو 659
غلام شاه ميان 537، 554، 555، 563
غلام شاه حكيم 637
غلام علي الانا ڊاڪٽر 481
غلام علي بلگرامي 546
غلام علي شاه سيد 613
غلام محمد قاضي 664
غلام صديق 621
غلام قادر عباسي 691
غلام محمد 702
غلام محمد خانبهادر 669
غلام محمد سيد 584
غلام محمد قاسماڻي 569
غلام محمد لاکو 642
غلام محي الدين پير 699
غلام محي الدين خليفو 571، 577
غلام مرتضي شاه حکيم 548، 652
غلام مصطفي شاه حکيم 653
غلام مصطفي شاه سيد 649
غلام مصطفي قاسمي علامه 675
غلام نبي قاضي 700
غلام نبي ميان 536، 564
غوث علي شاه 674

---

فتح الله حکيم 690
فتح خان مير 564، 565، 573
فتح محمد سيوهاڻي 627، 691
فتح محمد اکبير 691
فخرالدين سيد 684
فخرالدين علوي 573
فرخ مير 524
فردوسي (طوسي) 484
فريد احمد عباسي باباء قطب 649
فضل الله حکيم 662
فضل احمد سرهندي 670
فقيرالله مير 573
فقير حامد 571
فهرست چيبل ڪتاب 717
فهرست قلمي ڪتاب 713
فهرست نالا 586
فيروز چانم 516
فيروز سلطان 500
فيض الله قاضي 610
فيض علي مرزا 580
فيض الڪريم مولوي 695
فيض محمد پاڪستاني 696

فيض محمد پير 656

---

قادر بخش 669
قادر شاه 569
قاسم شاه 618
قاضي قاضن 516
قاضي محمد 661
قائم الدين احمد حڪيم 660، 662
قائم علي شاه سيد 674
قطب الدين 409
قطب الدين قاضي 700
قطب الدين محمد 556
قلندر بخش منگي 702
قليچ خان 530
قليچ بيگ مرزا 581
قمبر علي شاه 570
قمبر علي شاه نصرپوري 618
قمر عباسي (ليڊي ڊاڪٽر) 675
قوام الدين 523
قيوم جان 697

---

ڪاظم شاه آغا 578
ڪرپارام سنياسي 553
ڪرم الله 550
ڪرم علي خان 579
ڪرم علي شاه 674
ڪلهوڙا (قوم) 563، 567
ڪمال الدين خواجہ 554
ڪندن لال 607
ڪندن لال جي 642
ڪنول نين ويد 523
ڪوڙو مل 637
ڪوڙو مل ديوان 607، 711

---

گجراتي سلطان 509
گل حسن لخاڻ آغا 647
گل امحمد حڪيم 699
گل محمد شاه پير 684
گل محمد صديقي 641
گل محمد قاضي 700
گل محمد لغاري نواب 668
گلو حجام 684
گنج بخش 515
گوپالداس 489
گورڌنداس ڪيڪلا 705
گوسائين 569

---

لالا اتم چند 622
لالا بيربل 541
لالا راجڪپور 541
لالا ميٺهون مل 582
لڌارام پارو مل 673
لطف الله 605
لطف الله آخوند 616

لطف الله خليفو 667
لطف الله گيلاني 522
لعل خان 620
لکي سنگهه 658
لوک ادب 481
لولم راج 491، 497
ليلا رام نهالچند 707، 708
ليلاوني 491، 496
ليلو رچندائي 489

---

مالکڏنو ملا 625
مبارکباد 501
مجدد الف ثاني 670
محبوب عالم 572
محراب خان 536
محمد ابراهيم منگيو 651
محمد احسن حکيم 690، 691
محمد اختر 635
محمد اسماعيل لاکو 642
محمد اسماعيل لغاري مولانا 630
محمد اشرف هالائي 671
محمد اکبر ارزاني 524
محمد اکبر قاضي 670، 693
محمد اکرم مير 550
محمد امين 659
محمد انور 679
محمد باقي 518
محمد پچل آخوند 614
محمد بخش ميان 569
محمد بروهي 629
محمد بکري 549
محمد بن عبدالوهاب 695
محمد بن قاسم 483
محمد تغلق 500
محمد تقي 583
محمد پريل 682
محمد جعفر حکيم 609
محمد جعفر شيرازي 559
محمد جعفر مولانا 517
محمد جمن حافظ 679
محمد حزب الله شاه 682
محمد حسن 575
محمد حسن جان 624
محمد حسن جوڌپوري 629
محمد حسن محمد اسماعيل 614
محمد حسن کنڊوي 623
محمد حسين حکيم 410، 612
محمد حسين سومرو 680
محمد حسين شاه 548، 652
محمد حسين مير 554
محمد حيات سنڌي 539

محمد حيات قاضي 656
محمد دائود خان 541، 546، 553، 554
محمد راشد 585، 681
محمد رمضان حڪيم حاذق 659
محمد زمان سيد 551
محمد سعيد 645
محمد سنڌي 529
محمد شاه بادشاه 556
محمد شاه تڪڙائي 611
محمد شاه جيلاني 639
محمد شاه مبارڪ شاه 529
محمد شجاع لڪوي 584
محمد شفيع آخوند 559
محمد شفيع پرنسپال 680
محمد صادق رانيپوري 635، 675
محمد صالح شاه 676
محمد صالح عاجز 652
محمد صالح مولوي 645
محمد صالح ميان 626
محمد صالح وزير آبادي 585
محمد صديق حافظ 621
محمد صديق ميتاني 626
محمد صديق قاضي 700
محمد صديق مولوي 611
محمد صديقي 642
محمد طاهر 695
محمد طيب 410
محمد عابد انصاري 574
محمد عادل 523
محمد عارف 529
محمد عاقل مخدوم 574
محمد عاقل مولانا 658
محمد عالم 657
محمد عالم قاضي 569
محمد عامل قاضي 569
محمد عثمان حافظ 611
محمد عثمان قرائي 629
محمد عثمان نورنگزادو 612
محمد علي بخاري 523
محمد علي مشهدي 551
محمد علي مولوي 629
محمد علي ميان 629
محمد عمر سومرو 635
محمد قاسم 521
محمد قاسم حڪيم 668
محمد قاسم ڪوريجو 632
محمد قاسم نانوتوي مولانا 645
محمد قاسم ميان 552
محمد ڪومو 630
محمد محسن 691
محمد مراد 575

مولا بخش حڪيم 690
مولا شاه پير 688
مولانا روم 518، 558
مولانا غوثي 527
مولائي شيدائي 482، 501
مووڻ چارڻ 487
مهاتما گانڌي 679
مها ديو 487
مها ويد 485
مهه چندر طبيب 499
ميران محمد شاه 577، 611، 618
مير علي مراد خان 576، 579، 614
مير علي مشهدي 658
مير علي نواز هزهائينس 676
ميرڪ عبدالوهاب 525
ميرڪ محمود شيخ 525
ميرڪ مير محمد شيخ 532
مير مائل 572، 573
مير محمد پيو 645
مير محمد جاگيراڻي 642
مير محمد مخدوم 573
مينگهراج 659

نابينا حڪيم دهلوي 642
ناٿو رام شرما 632
نادر شاه قلي 540، 557
نارائڻداس 637
نارائڻداس مينگهراج 704، 705
ناصرالدين 483
ناگارجن مها ويد 485
نبي بخش خانبهادر 664
نذير قاضي 611
نذير حسين حيدري 650
نصرالله شاه پير 688
نصر الله حڪيم 649
نصرالله خليفو 666
نصير خان مير 564، 577، 614
نصيرالدين شيخ 529
نصير شيخ (سرجن) 731
نظام‌الدين خواجه 670
نظر محمد ديهاتي 621
نظر محمد عباسي 649
نظر محمد مولوي 627
نعمت الله ميان 572
نندو چام 507
نوازش علي 572
نورالله قاضي 569، 610
نورالحق شاه 684
نورالدين مولوي 638
نور علي شاه مير 584
نور محمد آخوند 569
نور محمد پٽي 673

نور محمد پلي 630
نور محمد حافظ 634
نور محمد سهڊ 555
نور محمد مخدوم 573
نور محمد واعظ 552
نور محمد مولوي 638
نور محمد ميان 548، 549، 550
نور محمد (هاءِ سڪول جو باني) 628
نولراءِ ايسرداس 711
نول گهوٽ پير 647
نٿڻ ڪرو 565
نين سک ويد 523
نيوندمل 684

---

واحد بخش جراح 703
واڌو مل حڪيم 711
واعظ الله 572
واڪهيٽ 707
وائمن (پرنسپال) 612
وجيه الدين شيخ 528
وشنداس راءِ بهادر 613، 707
ولايت حسين شاه 671
ولي محمد خانبهادر 612
ولي محمد ڏاهري 643
ولي محمد خان لغاري نواب 566، 581
ولي محمد ملاڪاتياري 624
ويد راج 632
ويد ورنده 485
ويد ۽ پنڊت 484، 485، 522
وير ڪويل 487
ويرو مل حڪيم 244
ويرو مل، هيمو مل 706

---

هاشم شاه 571
هاشم ميان 620
هاليپوٽو (ڊاڪٽر عبدالواحد) 643
هدايت الله حاجي 687
هدايت الله شاه 673
هرچند راءِ لالا 642
هرنامداس ڊاڪٽر 712
هري سنگهه ديوان 709
همايون بادشاه 520
همير راٺو 480
هندو شاه 521
هيمراج چداڪاشي 622
هيمنداس 710
هينري پالنجر 566

يار محمد راوتيالي 664
يار محمد لغاري 630
يار محمد منگي ڊاڪٽر 702
يار محمد مهاڻ 536، 541
ياسين شاه 570
يعقوب حافظ 574
يعقوب خان 55
يعقوب کوريجو حڪيم 571، 632
يعقوب مهر 556
يوسف سنڌي 688
يوسف بن محمد 520
يوناني طبيب 522

# حڪيم نياز حسن همايوني

اپريل ۱۹۳۰ع ڌاري همايون تعلقه شڪارپور ضلع سکر ۾ پيدا ٿيو. فارسي تعليم جي تڪميل کان پوءِ علم طب جي تحصيل ڪيائين. حڪمت ۽ سياست جو اصل کان پاڻ ۾ قريبي تعلق رهندو آيو آهي تنهن ڪري آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ جو ڪيس شرف حاصل ٿيو. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه عرصو حيدرآباد جي طبيه ڪاليج ۾ استاد ٿي رهيو. انهيءَ دوران سنڌي زبان جو قديم طبي تصنيف ''فرهنگ جعفري'' جي نئين سر تدوين ڪيائين جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ٽن جلدن ۾ شايع ڪرايو.

نياز همايوني جو شمار سنڌ جي انهن شخصيتن مان ٿئي ٿو جن علم ادب ۾ اعتدال جي راه اختيار ڪري پنهنجي صلاحيتن کي قومي جذبي جي صداقت سان سنواريو آهي ۽ جن جي نزديڪ حب الوطني ايمان جو تصور ڪئي وڃي ٿي.

سنڌيءَ ۾ طويل نظم ''سانڀهه جي ساک'' (ڇپيل) شعري مجموعو ''ڌرتي ءَ جا گيت'' (اڻ ڇپيل) فارسي ۾ ''ارمغان لطيف'' ۽ ''ملوڪ الڪلام'' حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت خواجه محمد زمان لواري شريف جي ڪلام جا منظوم ترجما سندس شاهڪار مان آهن. ''سنڌ جي طبي تاريخ'' هن عالم، حڪيم، شاعر ۽ مورخ جي اهايادگار تصنيف آهي جنهن کي بجا طور سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جو مرقع چئي سگهجي ٿو. ان لاءِ ته هن ۾ قومي قدرن جي پوري ترجماني ڪئي وئي آهي.

(مولوي) محمد صالح ''عاجز''